ABC Certified

سال:15. شمارو:182. قيمت:50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانو قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

تچ مي پليز...

جدت نہ ادبي تحريڪ آهي ۽ نہ ئي لاڙو. نوان محض هڪ رويي جو نالو آهي. جيڪو سماج جي مدي خارج رسمن ۽ رواجن کان جند ڇڏائڻ تي زور ڏي ٿو.

قلمڪار جو لاڳاپو، ڪلاسيڪيت سان هجي. رومانيت يا جدت ۽ جديديت پڄاڻان سان، اهو معاشري جي ڏپ ڪري ويل رواجن کان بيزاري ڏيکاري ٿو ۽ ادبي ٽئبوز کي پسند نٿو ڪري.

اهڙي رويي پويان نہ تہ ڪو فلسفو آهي ۽ نہ ئي ڪو فڪر. بهرحال ان ڏس ۾، جديد قلمڪارن جو نقطۂ نظر آهي تہ اهڙو رويو، هڪ تسلسل ۾ سماجي ناهمواري جي ڪري، ’ترقي پسندي، ترقي پسندي‘ راند کيڏندڙن پاران اڏايل ڏوڙ جي انت لاءِ وجود ۾ آيو. انهيءَ رويي جي ڪري ترقي پسندي واري نظريي هيٺ تخليق ٿيندڙ ادب ۾ نئون ساهہ پيو ۽ آبجيڪٽِو ريئلٽيز جي هڪ پاسائين ۽ ’نعريباز ادراڪ‘ کي نئين واٽ ملي. جنهن کي جمالياتي نوان چئي سگهجي ٿو. اصل ۾ نوان ترقي پسنديءَ جي ئي شاخ آهي. جيڪا لتاڙيل گسن تان، ليڪ کي شانائتي انداز سان اڪاري پار ڪري ٿي.

جڏهن تہ جديديت بہ ادبي اصطلاح آهي نہ لاڙو ۽ نہ ئي تحريڪ. پر هڪ حاوي فڪر جي حوالي سان مختلف ثقافتي ۽ علمي منطقن ۾ نظر اچي ٿي.

جديديت جا ٽي دائرا، جهڙوڪ ماڊرنٽي، ماڊرنائيزيشن ۽ ماڊرن ازم آهن. جيڪي ڌار ڌار منطقن، معنائن ۽ اصطلاحن ۾ ڦرندا رهن ٿا.

ماڊرنٽي، فلسفي، سياست ۽ ايٿيڪل تصورات جي حوالي سان ماڊرن ازم جي جمالياتي پاسن لاءِ بنياد مهيا ڪري ٿي.

ماڊرن ازم، ترقي پسند اقتصاديات، انتظامي عقليت پسندي ۽ سوشل ورلڊ جي فرق يا ڌار ڌار صف بنديءَ جو شعور بخشي ٿي. جڏهن تہ ماڊرنائيزيشن جو لاڳاپو، صنعتي سماج سان آهي جيڪا رونما ٿيندڙ، معاشرتي تبديلين سان گفتگو ڪري ٿي.

ٻي پاسي تخليقي عمل بابت فڪري مغالطو آهي تہ ان جو الهام يا انٽيوشن سان تعلق آهي جيڪو درست ناهي. تخليقي عمل جو لاڳاپو بهتر فڪري ۽ معاشرتي انوائرمينٽ سان آهي. جڏهن تہ قلمڪار جو تخليقي ۽ جمالياتي سياءُ، هڪ تسلسل ۾ جمهوري، همہ گير سياسي ۽ اخلاقي فريم ورڪ مان سگهہ حاصل ڪري ٿو.

تاج بلوچ

سنڌي ٻولي قومي ٻولي

وچور

تچ مي پليز: تاج بلوچ

نقطۂِ نظر:
روشنيءَ جون ريکائون... امداد حسيني




محمد قاسم ماڪا ڪارنر:
پيغام... ڊاڪٽر نذير اي. مغل ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا
ڳالهہ ٻولهہ... ڊاڪٽر شير مهراڻي
من موهيندڙ ماڻهو... عنايت بلوچ
سادو نينگر... ادل سومرو

ناول/ناوليٽ:
اسٽيل جا پنج گلاس (11)... ڊاڪٽر رسول ميمڻ

ڪهاڻي:
گٽس... نسيم کرل
بي قياس رشتا... منظور ڪوهيار
ڪولڊ شولڊر... پرويز
اهلُ آفيسر... انور شيخ
سدائين سار ۾ آهن... بشير سومرو
اسٽاپ کان اڳ لهي ويل... حيسب ڪانهيو
خفت جي شام... راڄن مگريو
بلاڙو... زاهد ميراڻي

سنڌ ڀيهر گر موڙيا:
حُر گوريلا جنگ (15)... سائين رکيو

آتماڪٿا/من ڪٿا:
پاتم جهاتي جهان ۾ (32)... شيام ڪمار
لاڙ جي ماستري... عاشق منگي
افو بابا... مخمور بخاري

نظم/ بيت/ وائي ۽ ڏيڍ سِٽا:
امداد حسيني، ادل سومرو ۽ مشتاق بخاري.

غزل:
ج.ع.منگهاڻي، رجب ٻگهيو، ڪامران اڪبر سومرو، سڪندر شيخ، حنيف عاطر، بيتاب ناپر، عجب شيخ، فراخ جانوري، مختيار سهتو، پونم سنڌو، زاهده تاج ابڙو ۽ مرتضيٰ ڦل.

جي مارن موڪليا:
حيسب ڪانهيو، غلام مصطفيٰ سولنگي ۽ منور علي کيهر.

آفيس ايڊريس:
بنگلو نمبر: 177، بلاڪ: 7
گل هائوسز، گلستان جوهر ڪراچي.

خريداريءَ جا اگهہ:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر: تاج بلوچ
ايڊيٽر: ڊاڪٽر شير مهراڻي
آرٽ ۽ فوٽوگرافي: هالار احمد

0300 / 0313 / 0332 — 9288496
tajbaloch2505@yahoo.com

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.





امداد حسيني

شاعري

بوليءَ کانسواءِ نہ ٿي ٿي سگهي. ان ڪري بہ هڪ شاعر جي بنيادي ذميواري پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن آهي تہ هوءَ اُن ڪي بچائي ۽ اُن جي واڌ ويجهہ ڪري. ٻولي انسان سان گڏ جنم وٺي ٿي. پر انسان سان مري نہ ٿي. اهو اُملهہ ورثو هڪ امانت وانگر باسلامت ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ جي ذميواري اُن ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن تي آهي، جن ۾ بہ ليکڪ ۽ شاعر جي خاص طور ذميواري آهي، جيڪا هُن ڄاتي اَڄاتي پاڻ تي کنئي آهي ۽ اها ذميواري هن ڪي هر صورت ۾ نڀائڻي آهي. ان ريت هڪ شاعر ٻوليءَ کي، ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن کي، بلڪہ پاڻ ڪي ۽ پنهنجي شاعريءَ کي بہ زنده رکي ٿو.

’روشني جون ريکائون‘ ڪتاب ۾ ڳيريلي جي سترهن شاعرن جو ڪلام شامل آهي. حبدار سولنگيءَ ۽ ياسين چانڊيو ان ڪتاب جا سهيڙيندڙ آهن. ان ڪتاب جا مهاڳ روبينہ ابڙو ۽ رحمت پيرزاديءَ لکيا آهن. شاعريءَ تي لکڻ الڳ ڳالهہ آهي. ۽ ان لکئيءَ تي لکڻ تهائين الڳ ڳالهہ آهي ۽ ڏکي بہ. مهاڳن ۾ گهڻي ڀاڱي روبينہ ۽ رحمت جا ذاتي رايا آهن، جيڪي ڪين ئي نيهہ هجن، پر سندن هڪ اڌ ڳالهہ تي ڳالهائي سگهجي ٿو.

اسين جنهن موجود پل ۾ جيئون ٿا، اُن سان جُڙيل آهي گذريل پل ۽ ايندڙ پل.

هيءُ پل، گذريل ۽ ايندڙ پل جي وچين ڪڙي آهي. ٽنهي-گذريل، گذرندڙ ۽ ايندڙ پل، يعني ماضي، حال ۽ مستقبل جي اهميت آهي. پر:

ڪنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال،
حيف تنين جي حال، جن وساريو حال کي.

سو، هڪ شاعر کي گذرندڙ پل کي، جيڪو ماضي ٿي ويٺو آهي ۽ ايندڙ پل کي، جيڪو حال ٿيڻو آهي، اُميري پائي پاڻ ۾ جوڙڻو آهي ۽ اهو ڪم انتهائي مهارت سان ڪرڻو آهي ۽ جيئن تہ اهو ڪم شاعريءَ وسيلي ئي ڪرڻو آهي ۽ ڄاڪاڻ تہ ان عمل جو آڌار ٻولي آهي، انڪري هڪ شاعر کي ٻوليءَ ڏانهن پنهنجي ذميواريءَ کي لازمي طور سمجهڻو پوندو. ٻوليءَ سان گڏوگڏ هيئت جي اهميت آهي. جنهن ۾ خيال پيش ڪيو وڃي ٿو. لفظ جو اصل جوهر ان جي معنيٰ آهي. جيڪا صحيح اچار ۽ صحيح واهپي سان ئي ممڪن آهي. عام ماڻهو لفظ کي صحيح اُچار سان ادا ڪري ٿو ۽ صحيح معنيٰ ۾ ڪتب آڻي ٿو، انڪري هڪ شاعر کي عام ماڻهوءَ سان رابطي ۾ رهڻ گهرجي. ٻوليءَ سکڻ جو ٻيو مکيہ وسيلو اڀياس آهي. شاعريءَ جو بہ،تہ ٻوليءَ جو بہ.

اڪثر شاعر لسانياتي، هيئتي ۽ مشاهداتي غلطيون ڪن ٿا. جيڪي سڌارڻ تہ ڪين ئي ڪپن. هتي ’روشنيءَ جون ريکائون‘ جو هڪ شعر مثال طور ڏيان ٿو:

ايئن قيد ۾ ٿي رهي پنهنجي آشا
جيئن آجپي لئہ اسيرن جي دنيا

’ايئن‘ ۽ ’جيئن‘ لفظ ان شعر کي وزن کان خارج ڪن ٿا. ٿي سگهي ٿو اها پروف جي چُڪ هجي. شعر هيئن هوندو:

ائين قيد ۾ ٿي رهي پنهنجي آشا
جئين آجپي لئہ اسيرن جي دنيا

جيئن، تيئن، ڪيئن اُتر جو لهجو آهي. جمشيد زهراڻيءَ جي نظم جي هڪ سِٽ آهي، جنهن ۾ ’ڪيئن‘ لفظ ان کي وزن کان خارج ڪري ٿو:

حيرت جي ڳالهہ آهي، چرخو ڪيئن چلي ٿو

اصل ۾ سِٽ هيئن هوندي:

حيرت جي ڳالهہ آهي چرخو ڪئين چلي

’جئين، تئين، ڪئين‘ اترادي لهجو آهي. اهي لهجا ۽ لفظن جون مختلف صورتون، جهڙوڪ: آهي، آهہ، آ ۽ جيئن، جئين، جڻ... شاعريءَ ۾ محفوظ رهن ٿيون. 21 فيبروري، مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن تي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ صدارتي تقرير ڪندي ڊاڪٽر غلام علي الانا چيو،

”آئون ’جيئن‘ لکندو آهيان، امداد ’جڻ‘لکندو آهي.“

تقرير کان پوءِ عرض ڪيم، ”-’جيئن‘ ٽن ماترائن ۽ ’جڻ‘ ٻن ماترائن جو لفظ آهي.“

گربخشاڻيءَ بہ ائين ڪيو آهي (بلڪہ شاهہ سائينءَ بہ ائين ڪيو آهي):

جڻ جڻ تپي ڏيهُہ، تڻ تڻ تاڻيان پنڌ ۾
ڪو آڳانجهو نيهُہ، ٻانيڻ ٻروچن سين.

(گربخشاڻي، ’شاهہ جو رسالو‘، سُرحسيني، ص260)

مون وزن/ڇند جي حساب سان ’جيئن‘ بہ ڪتب آندو آهي:

مٿيءَ منجهہ مِلي وِيا، مُڪڙا مُڪڙيءَ جيئن،
ڪو ماڻا سي ڪيئن، ڦوٽهڙي جي مُند ۾!

(هوا جي سامهون، ص150)

جمشيد زهراڻيءَ جي ’نظم‘ جي ڳالهہ پئي ڪيم:

کهڙي هي آهہ بستي، بلڪل اُماس آهي
ڪنهن کي نہ آ خوشي ڪا، هر ڪو اُداس آهي

مٿين سِٽ ۾ ’آهي‘ کي ’آهہ‘ مون لکيو آهي. ڇوتہ ان وزن ۾ ڪتب آيل آهي تہ لکڻ بہ ائين گهرجي. ان نظم ۾ ’ٿياس‘ مونث ڪتب آندل آهي. جنهن جو جمع ’ٿياسون‘ ٿيندو. جيڪو غلط آهي يا جيئن ’ڏاڍو سو ڳابو‘ واري سِٽ ۾ بہ وزن جو سقم آهي. هونئن اهو نظم ان ڪتاب جو هڪ اهم نظم آهي ۽ مڪمل نظم آهي. شاعر تجربي جو ساهس ڌاريو آهي. لفظ کي استعاري ۾ تبديل ڪرڻ ۾ هو ڪامياب آهي. ’بستي‘ هڪ بليغ استعارو بڻجي ويو آهي:

هر شخص آهہ هيسيل، ڪيڏو حراس آهي
کهڙو مجان مان جيئڻ، کهڙي هي زندگي آ
دل جي ٻڌي نہ ڪوئي ڪيڏي نہ بي حسي آ

اڪثر شاعر نظم کي اينگهائيندا آهن. جڏهن تہ نظم اتي ئي بيٺل هوندو آهي. ۽ شاعر پاڻ گهمرين ۾ ۽ پڙهندڙ گهوماٽين ۾ هوندو آهي. جمشيد کي نظم ڇوڻ جو ڏانءُ آهي. ان نظم جي پڄاڻي ’آس‘ تي ٿئي ٿي:

ماڻهن جو ڪاڄ هتڙي، ماڻهوءَ جو ماس آهي
’جمشيد‘ ڪو ٻڌائي، ڪيسين هي ٻاٽ رهندي
ٿئي لاٽ ٻاٽ مان ڪا، آخر تہ واٽ ٺهندي
روشن ڏسان مان نگري، دل جي هي آس آهي

رحمت پيرزادي، ’جديد سنڌي غزل ۾ جيڪو نئون انداز متعارف ڪرايو آهي، ان جو سرواڻ حبدار سولنگي‘ کي سڏيو آهي. پر ڪتاب ۾ سندس صرف هڪ غزل ڏنو ويو آهي:

هڪ عشق جي دري آ، منهنجي وجود اندر
ڄڻ ڪا قلندري آ، منهنجي وجود اندر

اها عشق جي دري کليل آهي يا بند آهي؟ رحمت اهو بہ لکيو آهي: ’هن وٽ عشق کي صوفيءَ وارو وجدان آهي.‘ ان دعويٰ جو دليل شايد غزل جي اها مطلع آهي يا وائيءَ جو هي ٽُل آهي:

پڙهندي ويد وجود جا
سڏڪي ٿو ساڌو
آڌيءَ رات اُماس ۾!

ويد، وجود، ساڌو، ٻاهو، حق (جي ڳولا) جهڙن لفظن جي واهپي سان ئي شايد صوفي ٿي وڃجي ٿو. حبدار جي ان وائيءَ پڙهڻ کانپوءِ مون Pearls of Vedas وري پڙهيو. ان ۾ هڪ منتر جون ڀهريون سِٽون آهن:

سچ ۽ ڪچ
اِهي آهن
ٻہ واٽون- ڌار الڳ، هڪٻئي جي مخالف!

اهي سٽون پڙهي مون کي پنهنجو هي شعر ياد اچي ويو:

سَچُ ۽ ڪَچُ ڪيترو ٺهندا؟
ٻئي رستا جدا جدا آهن!

ويدن ۾ ’جيئو ۽ جيئڻ ڏيو‘ تي بہ منتر موجود آهي

۽ اهائي زندگيءَ جي باري ۾ بنيادي فلاسافي آهن. ويدن ۾ هڪ ٻيو منتر آهي:

Devotion to Motherland is no
Less than that to God. Patriotism
is no less essential prayer.

اها ساڳي ڳالهه 'حب الوطن من الايمان' ۾ چيل آهي. شاهه سائينءَ چيو آهي:

سڄڻ ۽ ساڻيهه، ڪنهن اٽاسيءَ وسري

ويد سنڌو ڪناري رشين رچيا. رشي جڏهن ويدڪ منتر آلاپيندا هئا ته سنڌو جون ڇوليون ڇوهه ۾ پرجي ويندڻون هيون. ويد سڀ کان آڳاٽا شاستر مڃيا ويا آهن ۽ حيرت انگيز طور تي هر دور وانگي اڄ به relevant آهن ۽ پڙهڻ ڪڙهڻ جهڙا آهن. پر حبدار جي وائيءَ ۾ 'ويد وجود جا' آهن. جيڪي ساڌو ئي پڙهي سگهي ٿو.

روح ٻنهي جا ٽا رهن
محبت منجهه محُو
آڏيءَ رات اُماس ۾!

محبت تي اعراب نه آهي ۽ مح/ و تي پيش جي اعراب ڏئي 'م/ حُو' ڪيل آهي. ان جو جواز ڏي سگهي ٿو، پر 'روح ٻنهي جا ٽا رهن' ۽ ٻنهي جا ڪنهن جا؟ ان وائيءَ ۾ جنهن دک جو اظهار آهي، سو حبدار جو ذاتي دک ٿي سگهي ٿو. جيڪو سندس دل ۾ دکندو رهيو آهي. تڏهن کان جڏهن هن جي پيءُ کي سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ ۾ شهيد ڪيو ويو. ان وقت حبدار فقط ڇهن مهينن جو هو. انسان ڇا ڇا نه ٿو پوڳي. لنڊڪ کي هُن 'هڪ دور جو اڌورو نظم' ۾ به اظهاريو آهي. جيڪو هن ڪتاب جو هڪ اهم نظم آهي. اٺن صفحن جو اهو نظم طويل نظم ٿي سگهي ٿو، پر فطري ۽ فڪري سطح تي، نه ڪي صفحن جي انگ تي. مثال طور اِن نظم ۾ 'ماءُ' جي ڪردار کي صرف ٻن سِٽن ۾ اُڪلايو ويو آهي:

منهنجي ماءُ اڪيلي آهي
ٽوپو ڏئي ٿي دل وندرائي

ان نظم جي حوالي سان حبدار سان فون تي ۽ روبرو به ڳالهايو اٿم. انڪري وڌيڪ نه ٿو ڳالهايان. مان نه ٿو ڄاڻان ته هن مون کي ٻڌو به يا نه؟ ۽ ٻڌو به ته سمجهيو ٻيا نه.

ڳيريلي جي حوالي سان روبينه ابڙو جو نظم 'ڳوٺ کي هڏڪي لڳي ٿي' به هڪ اهم نظم آهي. جنهن ۾ هُن ڳوٺ کي هڪ جيئرو جاڳندو وجود بخشيو آهي:

منهنجي گهر جي هن اڱڻ ۾
نم پوڙهي ٿي وئي آ
...
بارشون پونديون هيون
مون سان گڏجي مينهن ۾ پِڄندي هئي
پو هوا جي زور تي
ٽاريون هئي ايئن ڇنڊيندي
جيئن ڪا وينگس
وار پنهنجا پئي ڇنڊي

ڪتاب ۾ روبينه ابڙو کي 'پرپور صوفي شاعره' (ص37) سڏيو ويو آهي ۽ حبدار سولنگيءَ لاءِ ڄاڻايل آهي، 'هن وٽ عشق کي صوفيءَ وارو وجدان آهي.' اهي ۽ ٻيا شاعر ڪهڙا صوفي آهن؟ وجودي يا شهودي؟ عملي يا غير عملي؟ تصوف ۽ عسق سندن ذاتي تجربو آهي يا محض تقليد؟ سورلي ان ڏس ۾ 'شاعر، مذهب ۽ فلسفي' جي ڳالهه ڪري ٿو. تصوف شاعريءَ ۾ نئون موضوع به ناهي. 'سنڌ جي تصوف جي نئين دريافت' (ص37) 'تصوف روايت نه پر هڪ فڪري جدت جو مضبوط حوالو آهي.' (ص37) روبينه ابڙو. دعويٰ آهي بنا دليل جي! يا شايد دعويٰ ئي دليل آهي.

*

تصوف مذهب کان شروع ٿي مذهب تي ئي ختم ٿئي ٿو. اياز جي گيڙو ويس غزل کي به صوفياڻو سڏيو ويو آهي. تصوف ڪنهن دور ۾ ظلم، جبر ۽ پرماريت جي خلاف هڪ زبردست احتجاج ۽ للڪار هو. پر پوءِ اهو خانقاهيت ۽ پيري مريدي ۽ ڏن اُڳاڙڻ جو ذريعو بڻجي ويو. ڇا 'مي رقصم' چوڻ سان ئي صوفي بڻجي وڃبو؟ ۽ سڀ کان وڏو سوال ته سنڌ اڄ جنهن انتهائي خطرناڪ صورتحال مان گذري رهي آهي ۽ سنڌي ماڻهو جنهن عذاب ۾ ورتل آهن. ڇا تقليدي تصوف اهي خطرا ٽاري سگهي ٿو؟ ڇا اها غير عمليت زندگيءَ جي تلخ حقيقتن کان فرار جي راهه نه آهي!؟ منهنجي راءِ ۾ شاعري (جيڪڏهن واقعي به شاعري آهي) خود هڪ نظريو آهي. اُن کي ٻاهرئين ڪنهن به نظريي جي ضرورت نه آهي. پوءِ اُهو سياسي نظريو هجي يا مذهبي/ڌرمي.

فيض احمد فيض جي سنڌي ترجمي 'تنهنجي نيڻن ۾' جي مهاڳ 'جي ڪُنا سچ لاءِ' ۾ شاعر ۽ شاعريءَ جي حوالي سان ڪيترين ڳالهيون بحث هيٺ آنديون اٿم. انهن ۾ هڪ ڳالهه هيءَ به آهي:

"ادبي نائڪ ۽ نائڪائون شاعر کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي ڇڏيندا آهن."

۽ شاعرن جي گهڻائي انهن گهيرن ۾ رهڻ پسند ڪري ٿي. مثلاً مهان، عظيم، وڏو، قومي، نئين ٿهي، نوجوان، جديد، صوفي وغيره. جڏهن ته هڪ شاعر کي هر گهيري، هر دائري کي ٽوڙڻ گهرجي. هن کي نه رڳو پنهنجي شاعريءَ تي نظرثاني ڪندو رهڻ گهرجي. پر ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي رد ڪرڻ جو به حوصلو رکڻ کپي. (اها ڳالهه نظرين سان به لاڳو آهي) مثلاً 'زلفون' تانيثي صيغي ۾ ڪتب آڻڻ، جڏهن ته 'زلف' سنڌيءَ ۾ مذڪر آهي. تانيثي صيغي ۾ 'زلفون' چوڻ شايد سرائيڪيءَ جو اثر هجي:

هاڻ نه جيان جيڏيون، زلف زاف ڪِياسِ
ڪاڪل آئون ڪُتياسِ، پنيو جو پنيورَ ۾
(شاهه)

تنهنجي زلفَ جي بند ڪمند وڏا، زندان هزارين ملنڊرڳو
(مفتون)

درد سندا دلگير ڏٺاسون، زلفَ سندا زنجير ڏٺاسون
ترڪن جا تاثير ڏٺاسون، عشق ۾ تي آميز سدائين
(سانگي)

دلِ عشاق ۾ هر هر ٿو مچائين هلچل
پنهنجي رخ تي نه سڄڻ زلفَ پريشان ڪرتون
(طالب المولیٰ)

ڪو ڪيئن نه ٻوڙي مقتل ڏي، آرت ۾ خوشبو مينديءَ جي
ڪو ڪيئن نه موٽي زندان ڏي، ٽا زلف ڇڪن زنجيرن جا
(اياز)

زلفَ زوراور وارو سيهو، ڪر ڪاريهر ڪارا وي
ور ورن ۾ ڳوڙها ڳتيل، ونگيو وجهن ويچارا وي
اٽڪن لٽڪن ڪنڍڙا ڪاڪل
(حافظ شاهه)

سڄ ته اپريو پر نه اونداهي وئي
زلفَ پاسي ڪر ته روشن ٿئي سحر
(شبير 'هاتف')

زلفَ جي زنجير ٿي مون کي سنڌي
ڪنهن ڇڏي ماحول ۾ خوشبو گڏي
(تاج بلوچ)

'زلفون' عارف مظهر پنهنجي هڪ غزل جي مطلع ۾ ڪتب آندو آهي:

لڳي ٿو وار ڪوليا ٿئين هوا ۾ هُل مچي ويو آ
جهليو هن کي ٻڌي 'زلفون' گهٽا ۾ هُل مچي ويو آ

هڪڙي غلط لفظ جي ڪري سٺي مطلع سٺي نه رهي آهي. اتي گيسو يا پنيا به ٿي پئي سگهيو.

'روشنيءَ جون ريکائون' ۾ ئي 'زلف' مذڪر ڪتب آندل آهي:

مون کي قابو قيد بنايو هو، پنهنجا زلف ڪري ٿو ونگ سڄڻ
(جمشيد زهراڻي، ص220)

جمشيد زهراڻي نظم جو شاعر آهي. هن جو غزل '...يادن جا پنڇي (جي) اُڏري نه اُڏريا ڪجي ڇاپو آخر' سنو غزل ٿي پئي سگهيو. جيڪڏهن ان جي وزن تي ڌيان ڏجي ها. نون دوستن کي، جن جي غزل ۾/ عروض ۾ رُچي آهي، تن کي اهو عرض ڪندس ته هو روايتي غزل ۽ شاعري مطالعو ضرور ڪن. هتي ڪجهه غزلن جا شعر توهان سان شيئر ڪرڻ گهران ٿو.

➢ **سخاوت پنڊ:**

آس جا ڏيئا ٻاري ويٺس
اڄا مان اُن کي ساري ويٺس
اچڻو آهي يار سخا اڄ
پنهنجو پاڻ سنواري ويٺس
-
عشق ۾ اهڙو اُجڙي وياسين
پنهنجو گهر پي پلجي وياسين
ڪاٿي نه ملين تون اوسا ٿي!
رستن ۾ تولئه رهجي وياسين
سُٽ جيون جو سلجهي ڪنءُ ها
الجهي الجهي الجهي وياسين

➢ **ياسين ابڙو:**

ڪا رهي رات ويجهو ملو چو نه ٽا
بي دِليو ئي سهي پر رهو چو نه ٽا
سڪ سڄي عمر ساندي اٿم ساهه ۾
ڳوٺ ڏي ئي پُلي دڳ لڙو چو نه ٽا

➢ **اسلم چانڊيو:**

پاڇا ڪيسين هلنديِن ساڻ؟
هن جان تون به ڇڏي وئين جاڻ!
'ٻُٺي به وئي بهرام به ويو'
هاڻي هر ڪو ڄاڻي پاڻ

➢ **ياسين چانڊيءَ جا شعر:**

منهنجي نيڻن جي سمنڊ ۾ جانان
عڪس تنهنجو تري رهيو آهي
جهنگ ۾ ٻارڙو پڙهي ٽوپيو
مال پرسان چري رهيو آهي.
(هلنڊڙ)

اولاد جيان پيارو...

سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر، شاعر، محقق، موسيقار، سوشل ورڪر، ريڊيو ٽي وي پروڊيوسر، ريڊيو ٽي وي نيوز ريڊر، اناؤنسر، ڪمپيئر، اسڪرپٽ رائيٽر، راڳي ۽ ٽي وي پروگرام ڊائريڪٽر: محمد قاسم ماڪا

مونکي پنهنجي اولاد جيان پياري، مخلص ۽ باادب انسان ۽ سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر محمد قاسم ماڪا بابت، سوجهرو ڪارنر جي موقعي تي هي چند سٽون لکندي گهڻو روحاني سڪون محسوس ڪري رهيو آهيان.

محمد قاسم ماڪا جنهن پرخلوص ۽ ايمانداراڻي انداز سان ڏينهن رات هڪ ڪري بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي سنڌالاجي جي ڪاروهنوار کي هلائي رهيو آهي. ان لاءِ ڪيس ڪيترو به داد ڏجي ته گهٽ آهي. محمد قاسم ماڪا انتهائي ”Competent“ آفيسر آهي. قدرت ڪيس بي پناهه صلاحيتن ۽ خوبين سان نوازيو آهي. محمد قاسم ماڪا جنهن خوبصورت ۽ بي مثال طريقي سان سنڌالاجيءَ جي ترقيءَ لاءِ مسلسل پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي ان لاءِ هن کيرون لهڻيون. سنڌي ثقافت، سنڌي ميوزڪ ۽ سنڌ جي تاريخ کي محفوظ ڪرڻ جي سلسلي ۾ محمد قاسم ماڪا جيڪو ڪم سرانجام ڏنو آهي ان ڪم کي تاريخ ۾ هميشه سنهري لفظن ۾ ياد رکيو ويندو.

مون سميت سنڌ ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب سان محبت رکندڙن کي محمد قاسم ماڪا جي ”Contribution“ تي وڏو فخر آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر نذير اي مغل
(صدارتي تمغه حسنِ ڪارڪردگي)
وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي

سچو ۽ ايماندار ماڻهو...

مان محمد قاسم ماڪا کي ان وقت کان سڃاڻان. جڏهن هي 17 سالن جو نوجوان هو ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ڪم ڪندو هو. مونکي اهو ٻڌائيندي خوشي ٿي رهي آهي ته محمد قاسم ماڪا کي پاڪستان ٽيليويزن تي آڻڻ ۾ منهنجو ئي هٿ هو.

جيڪڏهن مونکان ڪو پڇي ته پوري ڄمار ۾ ڪو اهڙو انسان ڏٺئي جيڪو بي انتها ادب ۽ احترام ڪندڙ، محنتي، محسنن جي احسانن کي ياد رکندڙ، سچو، وفادار، ايماندار، سيرت ۽ صورت ۾ سهڻو انسان هجي ته مان ٻنا ڪنهن هٻڪ جي نالو ڪڻندس ته اهو شخص محمد قاسم ماڪا آهي. جنهن کي رب ڪريم انهن سڀني خوبين سان نوازيو آهي.

ڪي اڻڄاڻ ماڻهو محمد قاسم ماڪا تي اهو الزام هڻندا آهن ته هن سنڌالاجيءَ جي اسٽوڊيوز يا ايڪيوپمينٽس يا رڪارڊ ٿيل مواد کي پنهنجي ذاتي بزنس لاءِ استعمال ڪيو آهي.

آئون هڪ ذميدار فرد ۽ سنڌالاجيءَ جي سچي دل سان محبت ۽ خدمت ڪندڙ ۽ بقول مرحوم حسام الدين راشدي صاحب جي، ’ڊاڪٽر الانا صاحب سنڌالاجيءَ جو ’سچو مجاور‘ آهي. سنڌالاجي جي ان سچي مجاور جي حيثيت سان اهو لکت ۾ سنڌ واسين کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته محمد قاسم ماڪا تي لڳندڙ اهي الزام بلڪل بي بنياد ۽ من گهڙت آهن. پر اصل حقيقت اها آهي ته محمد قاسم ماڪا ميوزڪ جو ڪيترو ئي خزانو سنڌالاجيءَ کي الائي ڪٿان ڪٿان هٿ ڪري تحفي ۾ ڏنو آهي. جيڪو سندس نالي سان ئي سنڌالاجيءَ جي اسٽاڪ رجسٽر ۾ داخل ٿيل آهي. مونکي به اها خبر آهي ۽ سروس دوران محمد قاسم ماڪا هزارين پيرا سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ويو پر سندس ان بي مثال ڳڻ جي ڪنهن کي به پت ناهي. هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن به سنڌ يونيورسٽي کان T.A+D.A جيڪو لکين روپين جي رقم جيترو ٿئي ٿو اهو اڄ تائين نه ورتو آهي. حالانڪ اهو وٺڻ سندس پورو پورو حق به آهي.

آخر ۾ مان اهو اظهار ڪرڻ ٿو چاهيان ته محمد قاسم ماڪا مونکي پنهنجي ٻچن وانگر پنهنجي ساهه جيان پيارو آهي ۽ آئون روزانو صبح جو جيستائين محمد قاسم ماڪا لاءِ رب ڪريم کان دعا نه گهرندو آهيان تيستائين مونکي آرام نه ايندو آهي.

منهنجون محمد قاسم ماڪا لاءِ هر پل اهي دعائون هونديون آهن ته رب ڪريم ڪيس تمام وڏي عزت ۽ ڪامل صحبت سان گڏ اچا به وڏيڪ مانُ مرتبو عطا ڪري. (آمين)

۱۳.۴.۲۰۱۴

پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا
سنڌ يونيورسٽي، علامه اقبال اوپن يونيورسٽي
جو اڳوڻو وائيس چانسلر ۽
ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

محمد قاسم ماڪا سان روح رهاڻ...

ڊاڪٽر شير مهراڻي

چنيءَ جي ڏهاڙي اوهان جو نالو ڇا رکيو ويو هو؟

جواب : منهنجي جمڻ جي ڇهين ڏينهن يعني چنيءَ جي ڏهاڙي منهنجي امڙ منهنجو نالو رکيو 'گل بخت' يعني بخت جو گل ۽ بابا سائين جن رکيو 'محمد قاسم' محمد معنيٰ جنهن جي ساراهه ڪئي وڃي يا 'ساراهيل' ۽ 'قاسم' معنيٰ الله پاڪ ڪان عطا ٿيل خزانن کي مخلوق ۾ ورهائيندڙ يعني 'سخي'.

خانداني پسمنظر ؟

جواب : اسان جو گهراڻو حضرت شاهه لطيف ڀٽائي رح جي خليفن جي پشت مان آهي ان ڪري ئي اڄ تائين پوري تر وارا اسان جي گهر کي خليفن جو گهر سڏيندا آهن.

بابا سائين جو اصل نالو ته "شاهه محمد" هو پر سڀئي ماڻهو کيس خليفو سڏيندا هئا.

منهنجو جنم سکر ۽ شڪارپور جي وچ تي موجود هڪ ڳوٺ "ماڪا" ۾ 3 مئي تي ٿيو. سال ڪهڙو هيو اهو مان ڪو نه ٻڌائيندس! ڇو نه ٻڌائيندس! ان جو جواب اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا.

اسان جو گهراڻو علمي گهراڻو رهيو آهي منهنجي ڏاڏي انگريزن جي دور ۾ وڏي عالما ۽ شڪارپور جي هڪ اسڪول جي هيڊ ماستريائي هئي .هوءَ نه صرف اسڪول ۾ پڙهائيندي هئي پر پنهنجي گهر ۾ ماڪا ڳوٺ ۽ هڪ پر واري مشهور واهڻ يعني "قاضي واهڻ" جنهن جو نالو سنڌي نصاب جي ڪتابن ۾ سنڌ جي مشهور واهڻ طور ملي ٿو ان واهڻ جي ٻارڙن کي پڻ تعليم ڏيندي هئي.

هاڻوڪي مهراڻ يونيورسٽي ۽ اڳوڻي مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج جي پهرين پرنسپال ۽ جڳ مشهور سائنسدان مرحوم ڊاڪٽر افغان جي والد ۽ تعليمي ماهر مرحوم قادر داد خان جيڪو 1960ع جي ڏهاڪي دوران اسڪولن جو ايماندار ۽ سخت سپروائيزر (صاحب) طور مشهور هو اهو پڻ منهنجي ڏاڏي مرحومه جو شاگرد هيو.

بابا مرحوم ، لطيف سائينءَ جي بيتن ۽ واين جو حافظ هو. ڇا به ٿي پوي پر هر مهيني جي پهرين سومر جي رات منهنجو بابا سائين ۽ منهنجي امڙ سائڻ ، لطيف سائينءَ جي درگاهه تي لطيف سائينءَ جي فقيراءِ ڪان لطيف سائينءَ جو راڳ ٻڌڻ ۽ عبادت ڪندي گذاريندا هئا. مون کي پڻ ننڍپڻ ۾ انهن راتين مان ڪيتريون ئي راتيون لطيف سائينءَ جي درگاهه تي گذارڻ جي سعادت نصيب ٿي.

اسان جي وڏڙن جي ماڪا جي نالي سان هڪ تمام وڏي جاگير هئي موجوده بلوچستان پڻ ماڪا جي نالي سان رهيو آهي.

ڇهن سالن جي عمر جو ٿيس ته مون کي مولوي ٽيڻ لاءِ هڪ مدرسي ۾ ويهاريو ويو جتان قرآن پاڪ احاديث ۽ اسلاميات بابت جهجو علم پرايم . اهو ئي سبب آهي جو منهنجي ڳوٺ وارا اڄا تائين مون کي مولانا محمد قاسم ماڪا سڏيندا آهن.

ان مدرسي پڙهڻ دوران هڪ اهڙي يادگيري آهي جنهن کي مان وسارڻ به چاهيان ته وساري نه ٿو سگهان اها يادگيري اها آهي ته "مدرسي جي سيني خطلبين سان گڏجي سڄي ڳوٺ جي هر گهر تان ٽئي ويلا ٿالهه ڪٽي خيرات طور ماني پني اچڻ ۽ ان پني آيل ماني مان سموريون ٻوٽيون چونڊي مولوي صاحب جي اڳيان رکڻ ۽ باقي بچيل ماني سيني خطابين سان گڏجي کائڻ " روز روز جي ان ڪرت مون کي مدرسي مان ڀڄي نڪرڻ تي مجبور ڪيو.

ٻ پوءِ پهرين درجي کان پنجين درجي تائين مان قاضي واهڻ جي ڏيڍ صدي اڳ واري قائم ڪيل اسڪول ۾ پڙهيس ڇهين جماعت کان اٺين جماعت تائين لکي غلام شاهه ۾ ۽ نائين ۽ ڏهين جماعت گورنمينٽ هاءِ اسڪول سکر ۾ يارهون ۽ ٻارهون سچل ڪاليج حيدرآباد ۾ ۽ پوءِ سوشل ورڪ ۾ ايم اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيم .

برڪ ليڪ ادل سومرو ، مرحوم رفيق سومرو، هاءِ ڪورٽ جو جج صادق حسين ڀٽي امريڪا جو مشهور سائنسدان سيد ڊاڪٽر مبارڪ علي شاهه ۽ ڪليڪٽر ڪسٽم فتح محمد شيخ صاحب منهنجا ڪلاس فيلو رهيا.

ننڍپڻ ۾ ئي هر ماهه لطيف سائين جي درگاهه تي لطيف سائين جو ڪلام ٻڌڻ ۽ گهر ۾ فوني تي رڪارڊن وسيلي راڳ ٻڌڻ سبب ننڍي وهيءَ ۾ ئي موسيقي جو شوق پيدا ٿيو.

مان نائين جماعت ۾ ئي پڙهندو هيس ته منهنجن مائٽن ان ڇوڪريءَ سان منهنجي شادي ڪرائي جنهن جي پاءَ کي منهنجي پيءُ جو سڱ ڏنو ويو هو يعني بَدي جي شادي.ٻي شادي مان پنهنجي پسند تي 1978ع ۾ ڪئي جيڪا 3 سال ٿيندا ته هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري مون کان هميشه هميشه لاءِ جدا ٿي وئي.

ماشاء الله اوهان سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت کي سهيڙڻ ۾ ڪافي سٺو ڪردار ادا ڪيو آهي ڪجهه ان تي به روشني وجهندو ؟

آءٌ ڪائنات جي مالڪ جو بيحد شڪر گذار آهيان ته ان هيٺ ڄاڻايل تاريخي ڪمن کي پوري ڪرڻ لاءِ مون جهڙي ناچيز کي چونڊيو ۽ توفيق عطا

محترم جي.ايم.سيد جو انٽرويو رڪارڊ ڪندي

محترم مخدوم محمد زمان 'طالب موليٰ' کان انٽرويو وٺندي

مسٽر جسٽس (ر) سيد ديدار حسين شاهه سان گڏ

ڪئي.

مثلا:

(1) جرمني ۾ ناهيل پهرين سنڌي گراموفون رڪارڊ ڪان وٺي پوريءَ دنيا ۾ هيل تائين جيڪي به سنڌي گرامون فون رڪارڊ ٺهيا آهن اهي سمورا رڪارڊ ڳولهي هٿ ڪيا اٿم انهن کي محفوظ ڪري انهن جو ڪيٽلاگ ٺاهيو اٿم ۽ ڪيسٽن ۽ سيڊين وسيلي انهن کي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ سنڌي موسيقي جي شائقن کي پهچايو اٿم . مان الله پاڪ جو احسان مڃيندي اها دعويٰ ٿو ڪريان ته رب پاڪ اگر منهنجي هٿان اهو ڪارنامو سرانجام نه ڏياري ها ته نه صرف موجوده نسل پر آئينده نسل پڻ سنڌ ڌرتيءَ جي ڪيترن ئي امر راڳين جي آواز ٻڌڻ لاءِ سڪن ها.

(2) سنڌ جون مختلف فيلڊ جي نامور شخصيتين مان 225 اهم شخصيتن جا طويل ۽ جامع نجي توڙي تاريخي نوعيت جا انٽرويو رڪارڊ ڪرڻ جو اعزاز پڻ قدرت مون کي بخشيو آهي

(3) سنڌ جي سمورن هٿ جي هنرن ، تاريخي ماڳ مڪانن ، ريتن رسمن ۽ درگاهن جون 42 عدد جامع دستاويزي فلمون ٺاهي محفوظ ڪرڻ جو ڪم پڻ قدرت مون کان ئي ورتو آهي .

(4) جڳ مشهور ڪلاڪارن ڀڳت ڪنور رام، ماسٽر چندر، محمد ابراهيم، محمد جمن، مائي ڀاڳي، عابده پروين، محمد يوسف، استاد منظور علي خان، وحيد علي خان، جمال فقير، سوڀل فقير، صنم ماروي، جيوڻي ٻائي، مائي بيگم فقيرياڻي، نور بانو، جيجي زرينا بلوچ ۽ علڻ فقير جهڙن امر ڪلاڪارن جي ڪلا کي رڪارڊ ڪري پوري دنيا ۾ سي ڊين ذريعي پهريون ڀيرو جاري ڪرڻ جو اعزاز پڻ قدرت مونکي ئي بخشيو.

اوهان جي شاعري ۾ بحر وزن جي کوٽ محسوس ٿيندي آهي ڇو ڀلا ؟

مان ته اڄ تائين ڪا شاعري ڪئي ئي ناهي بس قدرت پاران ڪلام طرزن سميت آمد ٿيندا آهن جيڪي مختلف ڪلاڪارن کان ڳارائيندو آهيان ۽ اها قدرت جي ڪرم نوازي آهي جو منهنجي ڪلامن جون ڪيسٽون ۽ سيڊيون تمام گهڻي تعداد ۾ خريد ڪيون ويندديون آهن جنهن مان اندازو لڳندو آهي ته يقينن ماڻهن کي منهنجو ڪلام وڻي ٿو جنهن جي ڪري ايڏي تمام وڏي تعداد ۾ منهنجي ڪلام جون ڪيسٽون ۽ سيڊيون خريد ڪن ٿا .

سوال: اوهان جو ڇا اندازو آهي ته اوهان جو ڪلام ماڻهن کي ڇو ٿو وڻي ؟

شايد ان ڪري ته منهنجي هر ڪلام ۾ خالق حقيقي پاران ڏنل انسان ذات سان حقيقي محبت ۽ ڀائيچاري جو حقيقي پيغام موجود هوندو آهي. منهنجي ڪنهن به ڪلام ۾ اوهان کي ڪا به اهڙي سٽ نظر نه ايندي جيڪا ڪو به ماڻهو پنهنجين نياڻين سياڻين جي وچ ۾ ٻڌڻ کان ڪيٻائي.

مون کي ڪائنات جي مالڪ جي ان مهر تي تمام گهڻي خوشي ٿيندي آهي ته مون جهڙي ناچيز شخص جي ڪلامن کي مسجدن ۾ مولود ۽ مندرن ۾ ڀڄن ڪري ڳايو ويندو آهي . اگر ڪو به ماڻهو پوري دنيا ۾ يوٽيوب کولي ڏسڻ چاهي ته ان ۾ موجود سنڌي موسيقيءَ جي ائٽمس مان %99 فيصد ائٽمس منهنجا پروڊيوس ٿيل ائٽم هوندا آهن .

مان اڄ تائين ڪو به ڪلام ڪڏهن به سيڙجي لکيو نه آهي پر قدرت پاران خودبخود آمد ٿيندي آهي ۽ اهي ياد ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ مختلف ڪلاڪار مون کان وٺي ڪري ڳائيندا آهن ۽ رب پاڪ جي ڪرم نوازي سان منهنجو ڪو به اهڙو ڪلام نه آهي جيڪو مقبول نه ٿيو هجي .

اوهان جي هن فقيراڻي طبيعت جو سبب ؟

مان ننڍپڻ ۾ حضرت صوفي انور سائين جهان پوريءَ جي هڪ طالب حضرت صوفي غلام عباس کوکر جو نظارو يعني معشوق رهيو آهيان جنهن جي صحبت جي ڪري مولا پاڪ مون کي اڄ تائين هر ناپاڪ عمل کان پري رکيو آهي پيو ته ٺهيو پر اڄ تائين ڪنهن به نشيدار شي کي ڇهيو به ناهي .راڳ رنگ ، فلمي ۽ ميڊيا جي دنيا ۾ رهندي به ڪائنات جي مالڪ مون کي هر ان حرڪت کان پنهنجي پناهه ۾ رکيو آهي جنهن حرڪت کي ڪائنات جو مالڪ ناپسند ڪندو هجي.

سوال: زندگيءَ جي پهرين نوڪري ؟

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي 60 روپيا ماهوار جي زرعي پروگرام ۾ ڪمپيئرر ۽ اناؤنسر جي نوڪري .

ريڊيو تي ته ان زماني ۾ صداڪاري جي نوڪري ملڻ ته ڏاڍي ڏکي هئي پر اوهان کي ڪيئن ملي؟

برابر ڏاڍي ڏکي هئي پر آءُ خوش نصيب آهيان جو ريڊيو پاڪستان ۾ اناؤنسر ٿيڻ لاءِ جنهن شخصيت منهنجي سليڪشن ڪئي اهو پاڪستان جو هڪ تمام وڏو براڊ ڪاسٽر هيو يعني مرحوم ايم بي انصاري (مرحوم محمد بخش انصاري). هي اها نامور شخصيت هئي جنهن پاڪستان جو ملڪ وجود ۾ اچڻ کان پوءِ ريڊيو پاڪستان تان پهريون ڀيرو هيءَ اناؤنسمينٽ ڪئي، ”یہ ریڈیو پاکستان ہے“

1993ع ۾ جڏهن ايم بي انصاري صاحب ڪينسر جي بيماري سبب ڪراچي جي هڪ اسپتال ۾ زندگيءَ موت جي ڪشمڪش ۾ هيو ته مان سندس تيمارداري ڪرڻ لاءِ ويس ۽ مان جڏهن انصاري صاحب جي پيرن تي چمي ڏني ته مون کي ياد آهي ته ان هٿ جي اشاري سان مون کي سڏي منهنجو مٿو پنهنجي سيني سان لڳايو هو ۽ چيو هيئن ته محمد قاسم ماڪا مون کي فخر آهي ته مان تو جهڙي مخلص ، با ادب ۽ جفاڪش نوجوان کي براڊ ڪاسٽر طور سليڪٽ ڪيو جنهن ثابت ڪري ڏيکاريو ته اگر هڪ ننڍڙو اناؤنسر به چاهي ته پنهنجي قوم جي وڏي مان وڏي خدمت ڪري سگهي ٿو.

هتي اگر مان پنهنجن انهن محسنن جا نالا نه ڪڻان جن مون کي اناؤنسر ٿيڻ کان اڳ ۾ منهنجي ڀرپور مدد ڪري اناؤنسر ٿيڻ جي قابل بڻايو ته اها منهنجي بي ضميري چئبي. منهنجي زندگيءَ جون اهي عظيم شخصيتون آهن 1. برک براڊ ڪاسٽر ، رائيٽر ۽ سنو ۽ سهڻو انسان جناب عنايت بلوچ 2. منهنجي هر ڏکي سکيءَ ۾ ڀرجهلي ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي اهم شخصيت محترمه مهتاب اڪبر راشدي، 3. منهنجو ننڍپڻ جو دوست ۽ رازدار محترم شمس الدين ماڪا، 4. مرحوم ايم بي انصاري جو ننڍو ڀاءُ مرحوم امان الله انصاري 5. نامور ليڪڪ ۽ هڪ پيارو انسان محترم هدايت بلوچ ، 6. لکي غلام شاهه جو ان وقت جو ڀڳدار ، زميندار ۽ جسٽس مرحوم آغا رياض حسين مغل ۽ 7. ان زماني ۾ ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندڙ مشهور پروگرام چارڻ چنگ جي ڪمپيئرر محترمه ڀيڻ فرزانه .

سائين غلام مصطفيٰ شاهه سان گڏ



پي ٽي وي تي اوهان جي پهرين انٽري ؟

مرزا قليچ بيگ جي مشهور ڊراما انڪوائري آفيسر ۾ مختياڪار جي "نائڪ" طور اداڪاري ڪرڻ . اهو ڊرامو اٺن ڏهن قسطن جو پي ٽي وي ڪراچي تان ٽيليڪاسٽ ٿيل تمام مشهور ڊرامو هيو.

1970ع جي ڏهاڪي جي مشهور پي ٽي وي ڊرامن ۾ مون کي مرحوم قربان جيلاني ، محترم منظور قريشي ، ممتاز ڪنول ۽ سڪينہ سمون جهڙن برڪ ڪلاڪارن سان ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو.

سوال: پي ٽي وي تي ڪيئن آيا ؟

1975ع جي ڳالهہ آهي تہ سنڌالاجي جي ان وقت جي سپرنٽينڊنٽ مرحوم غلام مصطفيٰ سرائي ، سنڌالاجي جي ان وقت جي ڊائريڪٽر سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا جن ڪان پي ٽي وي جي ان وقت جي سنڌي پروگرامن جي مئنيجر مرحوم عبدالڪريم بلوچ صاحب لاءِ خط وٺي ڏنو .

مون کي ياد آهي تہ جڏهن مان عبدالڪريم بلوچ صاحب جن کي سائين الانا صاحب جو خط ڏنو تہ هن لفافي مٿان الانا صاحب جن جو نالي پڙهندي ئي لفافي کي چمي ڏئي اکين تي رکيو ۽ اٿي بيهي مون کي ائين سليوٽ ڪيائين جيئن ڪو آرمي جو سپاهي پنهنجي آفيسر کي سليوٽ ڪندو هجي ۽ چيائين "تون منهنجي استاد جو خط کڻي آيو آهين حڪم ڪر مان تنهنجي لاءِ ڇا ڪري سگهان ٿو"

مرحوم عبدالڪريم بلوچ صاحب جو هڪ استاد لاءِ ايڏو وڏو احترام ڏسي منهنجي اکين ۾ پاڻي اچي ويو

بهرحال حال احوال ڪرڻ کان پوءِ ان مرحوم هارون رند جيڪو ان دور ۾ اڃا ڪانٽريڪٽ تي پروڊيوسر هيو ان کي گهرايو ۽ حڪم ڪيو تہ هن نوجوان کي اڄ جواڄ ان ڪاسٽ ۾ شامل ڪر جيڪا مرزا قليچ بيگ جي ڊراما انڪوائري آفيسر لاءِ ٿي رهي آهي اهڙي نموني مونکي بنا آڊيشن جي پي ٽي وي جي ڊراما آرٽسٽ طور سليڪٽ ڪيو ويو .

سوال: سنڌالاجي ۾ نوڪري ڪيئن ملي ؟

سن 1978ع جي ڳالهہ آهي تہ مان صبح جو 11 وڳي ڌاري سنڌ يونيورسٽي جي آرٽس فئڪلٽي ڏانهن پنڌ وڃي رهيو هوس تہ سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن، جيڪي ان وقت سنڌالاجي جا ڊائريڪٽر هئا جيڪي گاڏيءَ ۾ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا ۽ مون کي ڏسي منهنجي پرسان گاڏي روڪي ۽ عبرت اخبار مون کي ڏيندي چيائين تہ اڄوڪي اخبار پڙهي اٿئي ؟

مان اخبار ڏٺي تہ ان جي پهرين صفحي تي منهنجي تصوير سان گڏ هڪ خبر ڇپيل هئي تہ "ريڊيو ٽي وي جي نامور ڪلاڪار محمد قاسم ماڪا سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي ۾ پوزيشن حاصل ڪئي."

سائين الانا صاحب جن مون کي گاڏيءَ ۾ پاڻ سان گڏ ويهاريو ۽ سڌو ان وقت جي وائيس چانسلر مرحوم شيخ اياز صاحب جن وٽ وٺي ويو ۽ تعارف ڪرائيندي کيس چيائين تہ مون کي هي نوجوان سنڌالاجي جي لاءِ کپي.

مرحوم شيخ اياز مون ڏانهن چتائي ڏنو ۽ پڇيائين تہ ڇا تون اهوئي محمد قاسم ماڪا آهين نہ جنهن کي مون ريڊيو پاڪستان جي پروڊيوسر مراد علي مرزا لاءِ سفارشي خط ڏنو هيو تہ هن نوجوان کي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي انائونسر چونڊرايو.

مان، جواب ۾ ها ڪئي ۽ پوءِ مرحوم شيخ اياز بنا ڪنهن ٻي سوال پڇڻ جي مونکي سائين ڊاڪٽر الانا صاحب جي خواهش کي ڏسي سنڌالاجي جي آڊيو ويوئل شعبي جي انچارج لاءِ آرڊر جاري ڪرڻ لاءِ ان وقت جي رجسٽرار محترم نواز علي پٿو کي حڪم ڏنو، خبر ناهي ڪهڙي سبب آرڊر نڪرڻ ۾ هڪ ٻہ ڏينهن دير ٿي تہ منهنجي محسن ۽ منهنجي زندگيءَ ناهڻ ۾ تمام هڪ وڏو ڪردار ادا ڪندڙ ان وقت سنڌ يونيورسٽي جي سوشل ورڪ شعبي جي استاد ۽ منهنجي پڻ استاد محترمہ خالده قريشي جيڪا هن وقت ڪليڪٽر ڪسٽم آغا لياقت صاحب جن جي گهرواري آهي، اها مونکي سائين الانا صاحب جن جي آفيس ۾ وٺي وئي تہ الانا صاحب جن انهيءَ وقت نواز علي پٿو صاحب جن کي فون ڪئي ۽ اڌ ڪلاڪ جي اندر منهنجي نوڪريءَ جو آرڊر پهچي ويو.

سوال: سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر ڪڏهن ٿيئو ؟

07 جنوري 2010ع .

مان الله پاڪ جو تمام گهڻو شڪر ٿو ادا ڪريان جو ان مون کي سنڌالاجيءَ جهڙي سنڌ ڌرتيءَ جي هڪ عظيم اداري جي اُها ڪرسي عطا ڪئي آهي جنهن تي مون کان اڳ ۾ سنڌ جي برڪ عالمن محققن ۽ شخصيتن جهڙوڪ: جناب محمد حنيف صديقي، جناب غلام مصطفيٰ شاهہ ، جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ، جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا، محترمہ مهتاب اڪبر راشدي صاحبہ ، جناب عبدالقادر جوڻيجو ، جناب ڊاڪٽر نذير اي مغل ، جناب نظالدين هاليپوٽو ، جناب الله رکيو ٻٽ، جناب محمد حسين شيخ ، جناب شوڪت حسين شورو، جناب عبدالحميد آخوند جن ويهي سنڌالاجيءَ جي ترقيءَ لاءِ ڀرپور نموني اڻ ٿڪ ڪٿيو بهترين ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو .

سنڌالاجيءَ جي سينئر ترين ڊپٽي ڊائريڪٽر هئڻ ۽ سنڌالاجيءَ لاءِ پنهنجي جواني جا ڏينهن رات ارپڻ، پوري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ اوهان جي لاءِ محبت هجڻ ۽ اوهان ۾ موجود اڻ ڳڻين صلاحيتن کي نظر ۾ رکندي اهو اوهان جو حق هو تہ اوهان کي سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر بڻائجي پر پوءِ بہ اڄ ڪلهہ جي دؤر جي لحاظ کان ضرور ڪن ماڻهن اوهان جي ڊائريڪٽر ٿيڻ جي سلسلي ۾ ضرور ڪا مدد ڪئي هوندي ؟

سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر واري ڪرسي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي مختلف ماڻهن وڏيون وڏيون سفارشون ڪرايون هيون پر سنڌالاجي جي سمورن ڪارڪنن سميت مون سان محبت ڪندڙ ڪيترن ئي سڄڻن لڳاتار اهي دعائون گهريون هيون تہ سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر محمد قاسم ماڪا کي ڪيو وڃي پر جن منهنجي محسن شخصيتن مونکي ڊائريڪٽر ٿيڻ جي قابل سمجهي منهنجي ڀرپور آفيشلي مدد ڪئي هئي اهي شخصيتون هي آهن ان وقت جو وزير تعليم ۽ پرو چانسلر جناب پير مظهرالحق صاحب، جناب پروفيسر ڊاڪٽر نذير اي مغل صاحب، جناب سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، ان وقت جو سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر جناب عبدالحميد آخوند صاحب ، ان وقت جو سنڌ يونيورسٽي جو رجسٽرار جناب آغا رياض حسين صاحب، لطيف سائين جي عاشق ۽ لطيف سائين جي رسالن تي تمام گهڻو تحقيقي ڪم ڪندڙ ۽ نامور ليکڪ محترمہ ج . ع منگهاڻي صاحبہ، سنڌ جي نامور عالمہ محترمہ لائبہ صاحبہ ۽ نامور ليکڪ ۽ صحافي محترم ايس طارق صاحب.

ڊائريڪٽر ٿيڻ کان اڳ ۾ سنڌالاجيءَ ۾ اوهان ڪي ڪهڙي پوسٽ هئي؟

جواب: ڊپٽي ڊائريڪٽر.

ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ ڊائريڪٽر شپ دوران اوهان سنڌالاجيءَ جي ڪهڙي خدمت ڪئي ؟

خدمت جو لفظ مان استعمال نہ ڪندس ڇو تہ خدمت هميشہ بنا معاوضي وٺڻ جي ڪئي ويندي آهي جيئن تہ مان سنڌالاجيءَ مان پگهار کڻندو رهيو آهيان ان ڪري مان سنڌالاجيءَ ۾ جيڪو ڪجهہ ڪيو آهي ان کي پنهنجي فرض ادائگي سمجهان ٿو .

پوءِ بہ ڪي اهڙا ڪم ٻڌايو جنهن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي؟

(1) بجليءَ جي لوڊ شيڊنگ دوران سنڌالاجي گهمڻ ايندڙ ڏيهي ڇاهي پرڏيهي سياح ۽ سنڌالاجيءَ ۾ ريسرچ ڪرڻ لاءِ ايندڙ شخصيتن کي مايوس ٿي موٽي وڃڻو پوندو هيو بجليءَ جي ان بحران کي حل ڪرڻ لاءِ اليڪٽرڪ سٽي جي ماهرن ايمرجنسي لائيٽ سسٽم جي پلانٽ جو ڪاٿو =/55,000,00لک روپيا (پنجهونجاهہ لک) لڳايو هيو پر اوهان کي ٻڌي

محترم رسول بخش پليجو سان گڏ

خوشي ٿيندي تہ مان ڊائريڪٽر ٿيندي ئي اهو ايمرجنسي لائيٽ سسٽم سنڌالاجيءَ سان محبت رکندڙن جي مدد سان لڳرائي مذڪوره مسئلو هميشہ لاءِ ختم ڪرايو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ کان هڪ روپيو بہ نہ ورتو .

(2)مان پنهنجي ڊپٽي ڊائريڪٽر شپ جي عرصي دوران حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جو رسالو سيد صالح محمد شاهہ جي آواز ۾ تحت الفظ رڪارڊ ڪرڻ شروع ڪيو هيو ۽ ڏٽي تعاليٰ جي مهرباني سان اهو مڪمل رسالو رڪارڊ ڪري ان مان ٻہ سُرَ رليز ڪيا آهن ۽ پنهنجي ڊائريڪٽر شپ جي عرصي دوران باقي سمورن سُرَن جي ايڊيٽنگ مڪمل ڪئي آهي ۽ انشاءَ الله تعاليٰ باقي سمورو رسالو پڻ سي ڊين جي روپ ۾ جلد رليز ڪيو ويندو.

(3) سنڌ يونيورسٽي جي موجوده ڪئمپس جي باني ۽ پهرين وائيس چانسيلر جناب علامہ آءِ آءِ قاضي جون 40 عدد رڪارڊ ٿيل اڻلڀ ۽ ناياب تقريرون هٿ ڪري انهن کي سائنٽفڪ طريقي تحت محفوظ ڪيو ويو آهي.

(4)سائين پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي مدد سان پاڪستان جي تاريخ جو اهو هارمونيم هٿ ڪري ميوزيم ۾ محفوظ ڪرايو آهي، جنهن هارمونيم تي پاڪستان جو قومي ترانو ڪمپوز ٿيو هو.

(5)شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي امڙ مرحومہ مسز شاهنواز ڀٽو جي آواز ۾ انگريزن جي دور ۾ انگريزن جي خلاف ڪيل هڪ تقرير جي اهڙي ناياب رڪارڊنگ هٿ ڪري محفوظ ڪئي اٿم جيڪا رڪارڊنگ پوري دنيا ۾ ڪٿي بہ موجود نہ آهي.

(6) محترمہ شهيد بينظير ڀٽو صاحبہ 1988ع ۽ 1994ع دوران پنهنجا ڪروڙين روپين جا قيمتي زيورات ۽ ٻيو پڻ ڪيترو ئي ناياب سامان سنڌالاجيءَ کي تحفي طور ڏنا هئا پر ڪن اڻ ٿر سببن جي ڪري اهي زيورات ۽ ڪجهہ سامان ڊسپلي ٿي نہ سگهيا هيا ۽ پيٽين ۾ بند هئا. مان پنهنجي ڊائريڪٽر شپ دوران سنڌ يونيورسٽيءَ جي موجوده وائيس چانسيلر جناب ڊاڪٽر نذير اي مغل صاحب جي مڪمل سهڪار سان اهي ناياب ۽ املهہ زيورات ۽ ناياب سامان تمام سهڻي انداز سان ميوزيم ۾ ڊسپلي ڪيا آهن .

(7) سنڌالاجي گهمڻ لاءِ ايندڙ ڏيهي ڌاهي پرڏيهي سياحن جي ويهڻ ۽ ساهہ پٽڻ لاءِ ڪو بہ جوڳو بندوبست ٿيل نہ هو ان کوٽ کي محسوس ڪندي سنڌالاجيءَ جي آڳر ۽ باغيچن ۾ مانائتيون ۽ شائتيون منفرد قسم جون ڪرسيون ٽيبلون ۽ ڇانوَ لاءِ تمام خوبصورت ۽ پُرڪشش ڇٽيون ۽ ڪئنٽينون ٺهرائي اهو اهم مسئلو پڻ حل ڪيو اٿم .

(8) محترمہ شهيد بينظير ڀٽو ڪتاب ڪارنر قائم ڪيو آهي جنهن ۾ پوري دنيا ۾ ڇپيل اهي ڪتاب ، اخبارون ، جرنلس ، هٿ ڪري رکيا ويا آهن جن ۾ ٿورو يا گهڻو محترمہ شهيد بينظير ڀٽو جي باري ۾ تحرير ٿيل آهي .

(9)“محترمہ شهيد بينظير ڀٽو تصويري” ڪارنر قائم ڪيو ويو آهي جنهن ۾ محترمہ شهيد بينظير ڀٽو جون ننڍ پڻ کان وٺي شهادت تائين واريون سموريون تصويريون ڊسپلي ڪيو ويون آهن .

(10) هيٺ ڄاڻايل سنڌ ڌرتيءَ جي برک شخصيتن جا ڪارنر قائم ڪرڻ جو اعزاز پڻ قدرت مون کي نصيب ڪرايو، انهن ڪارنرس ۾ انهن برک شخصيتن جي ذاتي استعمال هيٺ آيل ڪروڙين روپين جو ناياب سامان ڊسپلي ڪيو ويو آهي.

- سنڌ جي سابق وزير اعليٰ مرحوم پير الاهي بخش ڪارنر،
- برک ليکڪ اديب ۽ صحافي مرحوم شمير الحيدري ڪارنر ،
- برک ليکڪ ۽ ڪامورو مرحوم قمر شهباز ڪارنر،
- سنڌالاجيءَ جو معمار ۽ سنڌ ڌرتي جي نامور شخصيت پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪارنر،
- برک تعليمي ماهر ڊاڪٽر آپا شمس عباسي ڪارنر،
- نامور ڪلاڪار علڻ فقير ڪارنر،
- قد جي لحاظ کان دنيا جو ڊگهي ۾ ڊگهو ماڻهو مرحوم عالم چنا ڪارنر،
- برک ليکڪ ۽ مذاح نگار مرحوم حليم بروهي ڪارنر،
- برک سياستدان مرحوم اسماعيل راهو ڪارنر،
- سنڌ يونيورسٽي جو نامور رجسٽرار مرحوم محمد حسن ترڪ ڪارنر،
- برک ليکڪ مرحوم نثار بزمي ڪارنر،
- برک قومپرست اڳواڻ مرحوم بشير خان قريشي ڪارنر،

(11) 42 عدد جامع دستاويزي فلمون ٺاهي محفوظ ڪيون اٿم، جن ۾ سنڌ جي سمورن هٿ جي هنرن کي اهڙي نموني فلمبند ڪيو اٿم جو ڪيتريون ئي صديون گذرڻ کان پوءِ بہ ڪو بہ ماڻهو اهي فلمون ڏسي مذڪوره ثقافتي شيون آرام سان ٺاهي سگهي ٿو.

(12) 1892ع ۾ جرمني ملڪ ۾ ٺاهيل پهرين سنڌي گرامون فون رڪارڊ کان وٺي هيل تائين پوري دنيا ۾ جيڪي بہ سنڌي ڪلامن جا رڪارڊ ٺهيا آهن، اهي سمورا رڪارڊ هٿ ڪري انهن کي محفوظ ڪري انهن جو ڪئٽالاگ ٺاهيو اٿم ۽ انهن مان ڪيترائي ڪلام ڪيسٽن ۾ رليز ڪري ان تاريخي ۽ ثقافتي ورثي کي سنڌالاجيءَ جي نالي سان گڏ پوري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو اٿم.

(13) پنهنجي ڊائريڪٽر شپ دوران سنڌ يونيورسٽي جي موجوده وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر نذير اي مغل صاحب جي شفقت ڀريي رويي ۽ سندس

ريڊيو حيدرآباد جو نوجوان انائونسر محمد قاسم ماڪا

خواهش کي پورو ڪندي سنڌ يونيورسٽي ۾ مان هڪ اهڙو دنيا جو منفرد ۽ زبردست بوڪ شاپ قائم ڪيو آهي، جتان سنڌ يونيورسٽي جي پنجويهه هزار شاگردن، استادن، عالمن، محققن ۽ ملازمن کي ڪين گهربل نصابي توڙي معلوماتي ڪتاب، جرنلس، سمورو اسٽيشنري جو سامان ۽ فوٽو اسٽيٽ وغيره مهيا ڪيا ويندا آهن ۽ انهن ڪان هڪ روپيو بہ نفعو نہ ورتو ويندو آهي.

سڀ ڪان وڏي ڳالهہ اها آهي تہ ان سموري سامان خريد ڪرڻ ۽ سامان آڻڻ ۽ نيئڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽي ڪان هڪ روپيو بہ نہ ورتو ويندو آهي ۽ اجا بہ حيران ڪندڙ اها ڳالهہ آهي تہ ڪو بہ شاگرد، استاد، محقق يا ملازم مٿي ڄاڻايل سامان مان ڪنهن بہ شي جي گهرج لاءِ بوڪ شاپ جي مئنيجر کي فون ڪندو آهي تہ سندس گهربل سامان چند ئي منٽن ۾ سنڌ يونيورسٽي جي حدن ۾ هجندڙ سندس رهائشگاهہ يا ڊپارٽمينٽ ۽ پاڻ مرادو پهچايو ويندو آهي ۽ پهچائڻ جي عيوض ڪا بہ چارجز نہ ورتي ويندي آهي ان سموري اڻ ٿيٽي ڪم ڪار کي باقاعده مانيٽرنگ ڪرڻ جو ذمو منهنجو هوندو آهي.

(14) سنڌ يونيورسٽي جي موجوده وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر نذير اي مغل صاحب جن جي وائيس چانسيلر ٿيڻ ڪان اڳ ۾ سنڌ يونيورسٽي جون شاهراهون ۽ ڊپارٽمينٽس نيڪ طرح بيوٽيفڪيشن نہ هئڻ ڪري ويراني جو ڏيک ڏينديون هيون، پر جڏهن ڪان مونکي سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر شپ سان گڏ سنڌ يونيورسٽي جو پلانٽيشن اينڊ بيوٽيفڪيشن جو انچارج مقرر ڪيو ويو آهي، تڏهن ڪان هر ڏسندڙ اک اها گواهي ڏيندي تہ هاڻي مذڪوره شاهراهون، ڊپارٽمينٽس ۽ باغيچن جي بيوٽيفڪيشن ۾ تمام گهڻو ۽ دل کي وڻندڙ اضافو ٿيو آهي ۽ اهو ڪم جاري ۽ ساري آهي.

(15) سنڌالاجيءَ مان هر سال ٻہ عدد ريسرچ جرنلس(1) سنڌي ادب ۽ (2) سنڌالاجيڪل اسٽڊيز شايع ٿيندا آهن. پر بجيٽ جي کوٽ ۽ ٻين ڪن اڻٽر سببن جي ڪري 2006ع ڪان پوءِ اهي جرنلس شايع ٿي نہ سگهيا هئا. ڪائنات جي مالڪ جي ڪرم نوازي ۽ موجوده وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر نذير اي مغل صاحب جي سنڌالاجيءَ سان ڀرپور محبت ۽ سهڪار ۽ سنڌالاجي جي سابق معزز ڊائريڪٽرس ۽ ايڊيٽوريل بورڊ جي معزز ميمبرس جي سهڻين صلاح مشورن ۽ رهنمائي جي نتيجي ۾ مان 2007، 2008، 2009 ، 2010، 2011، 2012 ۽ 2013 جا سمورا جرنلس شايع ڪري محققن ۽ عالمن جي دلين ۾ پيدا ٿيل ڪاوڙ کي ختم ڪيو آهي. 2014ع جا ٻئي جرنلس پڻ جلد ئي شايع ٿيڻ وارا آهن.

(16) مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪتاب "رهاڻ هيرن ڪاڻ"، مرحوم غلام رباني آگرو جا لکيل ٻہ ڪتاب (1) "هنگلاج ۾ چانهہ"، ۽ (2) ٿيا قلب قرار"، محترم رضا حيدر مغيري صاحب جو لکيل ڪتاب "A Life of of History Allan Faqir" شايع ڪرائي چڪو آهيان ۽ مرحوم غلام رباني آگرو تي مختلف شخصيتن جي لکيل مقالن ۽ مضمونن تي مشتمل محترم الطاف آگري صاحب جو ترتيب ڏنل ڪتاب "ڏور بہ اوڏا سپرين"، ڇپجڻ جي مرحلي ۾ آهي.

(17) مختلف فيلڊس ۾ نالو رکندڙ سنڌ ڌرتي جي نامور شخصيتن مان 225عدد شخصيتن جا جامع انٽرويوز رڪارڊ ڪري سنڌ جي اوررل هسٽري کي مڪمل طرح سان محفوظ ڪيو اٿم، مونکي يقين آهي تہ ڪو بہ محقق انهن شخصيتن يا سنڌ جي تاريخ تي تحقيق ڪرڻ چاهيندو تہ ان محقق کي ڪنهن ٻئي هنڌ يا ٻي ڪنهن ڪان پڇا ڪرڻي نہ پوندي پر انهن انٽرويوز مان ئي ان کي سمورو گهربل مواد تفصيل سان حاصل ٿي ويندو.

(18) سنڌي جي گريجوئيشن ۽ پوسٽ گريجوئيشن جي سليبس تي سنڌالاجي پاران ڇپايل هڪ ڪتاب لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ گذريل پندرهن سالن ڪان آئوٽ آف اسٽاڪ هيو ان اهم ڪتاب کي وري شايع ڪرڻ جو اعزاز پڻ قدرت مونکي عطا ڪيو.

(19) ڪيترن ئي سالن ڪان ڏيهي توڙي پرڏيهي سياحن، محققن، عالمن ۽ شاگردن جي اها گُهر هئي تہ سنڌالاجي کي منجهند جو بند ڪرڻ بجاءِ رات تائين کليل رهڻ کپي. ٻن شفٽن ڪرڻ ڪري يقيناً اوتري ئي ٻي وڌيڪ اسٽاف جي ضرورت محسوس ٿئي پئي جيترو اسٽاف پهرين شفٽ ۾ آهي ۽ ان وڌيڪ گهربل اسٽاف جي پگهارن لاءِ وڌيڪ بجيٽ جي ضرورت پوي پئي. پر آئون ڏاڍي تعاليٰ جو شڪرانو ٿو ادا ڪريان مان پنهنجي حڪمت عملي سان ڪيترن ئي سالن جي ان جائز گهرج کي پورو ڪري ڏيکاريو ۽ هاڻي سنڌالاجي منجهند جو 2:00 وڳي نہ پر رات جو 7:00 وڳي تائين کليل رهندي آهي.

(20) مان پنهنجي لاءِ ڇا چوان پر اها هڪ حقيقت آهي تہ سنڌالاجي کي اندر توڙي ٻاهران مان اهڙو خوبصورت بڻايو آهي جو ڪو بہ نيڪ نيت انسان ۽ خوبصورتي جي ڄاڻ رکندڙ انسان داد ڏيڻ ڪان سواءِ رهي نہ سگهندو آهي، سنڌالاجي جي انهن ترقياتي ڪمن تي جيڪو بہ خرچ ايندو رهيو آهي، ان لاءِ سنڌ يونيورسٽي جي بجيٽ مان پئسا نہ ورتا ويندا آهن پر سمورو خرچ سنڌالاجي جي پنهنجي پيدا ڪيل وسيلن مان ڪيو ويندو آهي.

توهان اندازن ڪيترا سنڌي ڪلام رڪارڊ ڪيا؟

جواب : مان هيل تائين 3015 عدد (ٽي هزار پندرهن) ڪيسٽون رليز ڪري چڪو آهيان ۽ هر ڪيسٽ ۾ لڳ ڀڳ ڇهن ڪان ويهہ عدد ڪلام رڪارڊ ٿيل آهن. ان حساب سان ڏاڍي تعاليٰ جي مهرباني سان 30000 هزار (ٽيهہ هزار) آئٽمس ڪان وڌيڪ ڪلام مختلف فنڪارن ڪان ڳارائي رليز ڪري چڪو آهيان. ان ڪان علاوه 125 عدد (هڪ سو پنجويهہ عدد) وڊيو سي ڊيز رليز ڪري چڪو آهيان هر سي ڊي ۾ پنجن ڪان پندرهن ڪلام مختلف ڪلاڪارن ڪان ڳارائي شامل ڪيا آهن. ان حساب سان رب پاڪ جي مهرباني سان پندرهن سون ڪان مٿي ڪلام وڊيو تي رڪارڊ ڪري رليز ڪيا آهن.

انهن رڪارڊنگس جي سلسلي ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ جيڪا بيان ڪرڻ جهڙي هجي ؟

1970ع جي ڏهاڪي ۾ مان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي انائونسر هئس ان زماني ۾ سنڌ ڌرتي جا وڏا وڏا ڪلاڪار ريڊيو تي لائيو پروگرام ۾ ڳائي هليا ويندا هئا. هڪ ڀيري مونکي سوچ آئي تہ ههڙا عظيم ڪلاڪار پنهنجي آواز ۾ لائيو ڳائي هليا ٿا وڃن ۽ انهن جي ڳايل لاجواب ڪلامن جو ڪو بہ وجود نٿو رهي!! چونہ انهن عظيم ڪلاڪارن جي لائيو ڳايل ڪلامن کي رڪارڊ ڪري محفوظ ڪجي. ۽ پوءِ مان اهو سوچي مرحوم محمد جمن، مرحوم استاد منظور علي خان، مرحوم محمد ابراهيم، مرحوم فقير امير بخش، مرحوم فقير عبدالغفور، مرحوم ڊول فقير، مرحومہ جيجي زرينہ بلوچ، مرحومہ زيب النساء، مرحوم محمد يوسف، مرحومہ مائي ڀاڳي ۽ مرحومہ نور بانو جا سون جي تعداد ۾ لائيو ڳايل ڪلام رڪارڊ ڪري هميشہ هميشہ لاءِ محفوظ ڪري موجوده نسل ۽ آئنده نسل کي انهن امر ڪلامن جي ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪيو. ان سلسلي ۾ منهنجي محسن ۽ ريڊيو ۾ منهنجي استاد محترم جهانگير قريشي ۽ ان وقت جي ريڊيو پروڊيوسر ز ۽ منهنجي محسنن محترم قادر بخش ملاح، مرحوم انور بلوچ، مرحوم سرور بلوچ، مرحوم سيد الله بخش شاهہ بخاري ۽ محترم زاهد قلباڻي منهنجي تمام گهڻي مدد ڪئي .

توهان جي پنهنجي شاعري مان پسند جو ڪو ڪلام ؟

مونکي پنهنجا سڀ ڪلام هڪ ٻئي ڪان وڌيڪ وڻندا آهن، اوهان حڪم ڪيو آهي تہ هي ڪلام اوهان آڏو رکجي ٿو:

ائين نہ ٿيندو ڪڏهن ائين نہ ٿيندو ڪڏهن
گهرين تون دل سان ڏاڍيءَ ڪان ۽ ڏاڍي ڪونہ ڏئي
ائين نہ ٿيندو ڪڏهن ......

*

ابي امان جون دعائون تنين کي ڇا ڀيو کپي
گهرن ٿا جو بہ خدا ڪان ۽ خدا ڪونہ ڏئي
ائين نہ ٿيندو ڪڏهن ......

*

سچيءَ دل سان اگر تون سدا درود پڙهين
هوندي جا حق ۾ تنهنجي ۽ دعا قبول نہ ٿئي
ائين نہ ٿيندو ڪڏهن ......

*

ماڪا تون من ۾ مدائي نہ ڪنهن جي لاءِ رکين
وجهي جو وير توسان ۽ اهو خوار نہ ٿئي
ائين نہ ٿيندو ڪڏهن ......

***

تو لاءِ دعائون ڪيئي سڪن پيون تون وٺين نٿو تہ پوءِ ڇا ڪجي؟
توڏي ديدون ڪيئي تڪن پيون تون ڏسين نٿو تہ پوءِ ڇا ڪجي؟

*

توکي کهڙي خبر اي مورڪا تہ ابي امان جي دعا آ ڇا ؟
جن جي پيرن هيٺان جنتون تون ڪٿين نٿو تہ پوءِ ڇا ڪجي ؟

*

سي ئي مست و مست رهيا مگن جن در جهليو آهي پنجتن
ميجي تن کي تون ماڻين منزلون تون ميجين نٿو تہ پوءِ ڇا ڪجي ؟

*

اوڙي پاڙي اهڙا ڀي وسن توڙي ڪجهہ نٿن ڪهن ڪلن نہ گهرن
وجي تن کي ڏيون تہ اجا وڏون 'ماڪا' ڏين نٿو تہ پوءِ ڇا ڪجي؟

ڪي اهڙا واقعا جن مان توهان کي رب پاڪ جي حاڪميت نظر آئي هجي؟

ڪيترائي واقعا آهن پر هڪ ٻه ٻڌايان ٿو:

(1) ننڍي هوندي مان ڏاڍو سهڻو هوندو هئس، ان ڪري ڪيترائي ماڻهو مون تي عاشق هوندا هئا. انهن ماڻهن مان ٽن ماڻهن مون سان غليظ حرڪت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، اڳتي هلي انهن ٽنهي ماڻهن جون مختلف حادثن ۾ هڪ هڪ ٽنگ سٽر وڻان ئي ڪٽجي وئي. ۽ پوءِ انهن ٽنهي ماڻهن کي جڏهن مان هڪ ٽنگو ڏٺو ته مونکي رب پاڪ جي حاڪميت نظر آئي.

(2) هڪ ڀيري سنڌالاجيءَ ۾ سائين الانا صاحب جي آفيس ۾ ويٺا هئاسين ته هڪ پروفيسر الانا صاحب جي آفيس ۾ داخل ٿيو ۽ الانا صاحب کي ڀاڪر پائيندي چيائين ته مان نئين گاڏي ورتي آهي، اچو ۽ منهنجي گاڏيءَ ويهي ڪجھ لوڏو ڪائو الانا صاحب ان وقت آفيس ۾ ويٺل عبدالقادر جوڻيجو صاحب، نواز علي ڀٽو صاحب ۽ مونکي پڻ هلڻ جو اشارو ڪيو الانا صاحب سان گڏ اسان ٽئي پڻ ان پروفيسر جي گاڏي ۾ ويٺاسين گاڏي اسٽارٽ ڪرڻ کان اڳ ۾ پروفيسر صاحب مونکي ڏٺو ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين توکي ڪنهن منهنجي گاڏي ۾ ويهڻ لاءِ چيو جلدي ڪري لهي وڃ ٻين ڪنهن به ڪجھ نه ڪيو ۽ مان انتهائي ندامت محسوس ڪندي گاڏي مان لٿس ڪجھ ئي ڏينهن ۾ ان جي گاڏيءَ جو تمام خطرناڪ ايڪسيڊنٽ ٿيو جيتوڻيڪ اها گاڏي خالي روڊ جي ڪناري تي بيٺل هئي گاڏي بلڪل چڪنا چور ٿي وئي، پروفيسر صاحب گاڏي نهرائي نه سگهيو ۽ نه ئي وري اڄ تائين ٻي گاڏي وٺي سگهيو ۽ جڏهن مان ان کي پنڌ گهمندي پنهنجي گاڏي ۾ لفٽ ڏيندو آهيان ته مونکي پنهنجي رب پاڪ جي حاڪميت نظر ايندي آهي.

(3) هڪ ڀيري انٽرويو رڪارڊ ڪرڻ جي سلسلي ۾ حيدرآباد جي پنهنجي دؤر جي هڪ تمام خوبصورت ۽ مشهور طوائف جيڪا پوڙهي ٿي چڪي هئي ۽ وٽس سنڌ جي نامور شخصيتن جي باري ۾ تمام گهڻي ڄاڻ هئي ان جو انٽرويو رڪارڊ ڪرڻ لاءِ حيدرآباد جي ڳاڙهي بازار ۾ ويس. سياري جي موسم هئي انٽرويو جي رڪارڊنگ دوران چانھ پيئڻ جي صلاح ڪيائين پر جيئن ته مان چانھ بلڪل نه پيئندو آهيان ان ڪري مان چانھ لاءِ منع ڪئي. انٽرويو پوري ٿيڻ کان پوءِ هؤ مونکي هڪ خاص ڪمري ۾ وٺي وئي اهو ڪمرو اهڙو ته خوبصورت انداز سان سينگاريل هو جيئن شاديءَ رات گهوٽ ڪنوار لاءِ سينگاريو ويندو آهي. مون ڏٺو ته هڪ خوبصورت پلنگ تي اندازن 20 سالن جي هڪ تمام حسين و جميل نوجوان ڇوڪري هار سينگار ڪري ويٺل هئي. پوڙهي طوائف پلنگ تي ويٺل ان خوبصورت دوشيزه ڏانهن اشارو ڪندي ۽ مونکي مخاطب ٿيندي چيو ته. قاسم ماڪا تو چانھ وغيره ته ڪون پيتي پر جيئن ته تون اسان جو مهمان آهين، ان ڪري تون پلي ڪجھ دير منهنجي ڌيءَ سان ڪچهري ڪر! اٺين چئي هؤ ڪمري کان ٻاهر نڪري وئي. اتي مونکي لطيف سرڪار جو هڪ بيت ياد آيو ته:

مُونکي مون پرين ٻڌي وڌو ٻار ۾
اُپا ائين چون ته متان پاند پسائين

مولا علي مشڪل ڪشا جو هڪ قول ته.

عقل ڇڏيندين ته جانور ٿي پوندين،
نفس ڇڏيندين ته فرشتو ٿي پوندين.

اهو سوچيندي پنهنجي نفس تي ضبط ڪندي، ڪائنات جي مالڪ کي ٻاڏائيندي دل ئي دل ۾ درود پاڪ پڙهندي پنجتن پاڪ کي پڪاريندي فورن ڪمري مان ٻاهر نڪري ان نامور طوائف کان موڪلائيندي واپس هليو آيس.

ڪجھ ئي ڏينهن گذريا ته. اها طوائف منهنجي آفيس ۾ آئي ۽ ڳالهيون ڪندي ڪندي چيائين ته. قاسم ماڪا لڳي ٿو ته توکي ڪي خاص دعائون آهن، ڇو ته توکي شايد ان ڳالھ جي خبر ناهي ته اسان طوائفون جڏهن عمر جي آخري حصي ۾ پهچنديون آهيون ته اسان جو ڪو به يارو مدد گار نه هوندو آهي بس هڪڙو ئي وسيلو هوندو آهي ته. اسان پنهنجي نياڻين کان بدپيشو ڪرائي ان مان گذرسفر ڪنديون آهيون ۽ پوءِ هڪ اهڙو انڪشاف ڪيائين جو مان ڏڪي ويس اهو انڪشاف اهيو ڪيائين ته. ان ڏينهن اگر تون منهنجي نياڻيءَ سان پنهنجي حوس پوري ڪرين ها ته. سڄي زندگي هڪ تمام وڏي عذاب ۾ گذارين ها ڇو ته منهنجي نياڻي جي پيٽ ۾ ان وقت ٻن مهينن جي ٻارڙي هئي ۽ منهنجي پلاننگ اها هئي ته. آئون توکي سڄي زندگي اهيو چئي بليڪ ميل ڪندي خرچ وٺندي رهان ها ته منهنجي نياڻي کي تو مان ئي اها ڇوڪري پيدا ٿي آهي.

بهرحال اها ڳالھ ٻڌندي ئي مونکي ڪائنات جي مالڪ جي حقيقي حاڪميت نظر آئي ته. رب پاڪ مونکي ڪهڙي نموني پنهنجي پناھ ۾ رکيو.

(4) هڪ ڀيري اندازن 20 هن سالن جي هڪ پرين جهڙو خوبصورت ۽ پرڪشش چهرو رکندڙ ڇوڪري منهنجي آفيس ۾ آئي ۽ حال احوال اوريندي چيائين ته منهنجو هن دنيا ۾ ڪو به ڪونهي توهان جا پروگرام ڏسي مان توهان کان تمام گهڻو متاثر ٿي آهيان مونکي راڳ ڳائڻ جو تمام گهڻو شوق آهي، توهان مونکي اگر پنهنجن پروگرامن ۾ ڳارايو ته آئون سڄي زندگي توهان جي سُريت بڻجي توهان جي هر خواهش پوري ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. ان وقت منهنجي دل ۾ خدا جو خوف پيدا ٿيو ۽ مان پنهنجي ڪوٽ جي کيسي مان رومال ڪڍندي ان جي مٿي تي رکيو ۽ چيو ته تون منهنجي ڌيءَ وانگر آهين ۽ مان هڪ سڳي پيءَ وانگر تنهنجي هر مدد ڪندو رهندس ۽ پوءِ مان ان کي ڪشش ۽ ڪي ٽي اين تان نشر ٿيندڙ منهنجن پروگرامن ۾ ڳارايو. اوچتو ئي ان ڇوڪري مون سان رابطو بلڪل ٽوڙي ڇڏيو ۽ ان جو موبائل به هميشه بند ملڻ لڳو. اندازن ڇهن مهينن کان پوءِ مان پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هئس ته هڪ وي وي آءِ پي پنهنجن گارڊن سميت منهنجي آفيس ۾ آيو ۽ مونکي ڀاڪر پائيندي چيائين ته تون هڪ تمام خوشنصيب انسان آهين منهنجي پڇڻ کان پوءِ ٻڌايائين ته جنهن خوبصورت ڇوڪريءَ جي مٿي تي رومال رکي تو نياڻي بڻائي ڪشش ۽ ڪي ٽي اين تي بغير ڪنهن لالچ جي پروگرام ڏيا ريا هئا اها هاڻ منهنجي زال آهي ۽ پوءِ اهو چيائين ته. مسٽر ماڪا اگر خدانه خواست تون ان سان ڪا حرڪت ڪرين ها ته. ٿي سگهي ٿو اڄ تائين تنهنجو وجود هن دنيا ۾ موجود نه هجي ها. مان تنهنجي شرافت ۽ نفس تي ايڏي وڏي ضابطي جو ٻڌي صرف تنهنجو ديدار ڪرڻ ۽ توکان دعائون پنڻ آيو آهيان. مونکي ان وي وي آءِ پي جا اهي الفاظ ٻڌي ڪائنات جي مالڪ جي حقيقي حاڪميت نظر آئي.

(5) ٽيھ سال کن اڳ جي ڳالھ آهي ته ، مون کي پنهنجي گاڏي ڪو نه هوندي هئي ڪراچي ٽي وي تان پروگرام ڪندي رات جو ڏهين وڳي ڌاري سنڌ يونيورسٽي ڪالوني جي بس اسٽاپ تي لٿس ته سنڌالاجي جو هڪ پٽيوالو مرحوم چاچو ابراهيم اسٽاپ تي بيٺو هيو. چاچو ابراهيم ظاهري طرح سان ته اڻ پڙهيل هئو پر سنڌ سميت پاڪستان جي سمورن ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام جو حافظ هيو ۽ حضرت گمبل شاھ جو خاص طالب هيو ۽ اسان سنڌالاجيءَ جا سمورا ملازم کيس فقير ابراهيم سڏيندا هياسين مان فقير ابراهيم کان پڇيو ته فقير سائين ڪيئن بيٺو آهين ؟! وراڻيائين ته پنهنجي گهرواريءَ سان ملڻ سيوهڻ وڃڻ لاءِ بيٺو آهيان پر کيسي ۾ ايترا پئسا نه آهن جو اوٽ موٽ جو ڪرايو ڪري سگهان . مان ڪائنس پڇيو ته چاچا گهٽ پئسن مان اوهان جو مسئلو حل ٿي ويندو. وراڻيائين ته وڌ ۾ وڌ 10 روپيا. مان پنهنجي کيسي تي نگاھ وڌي ته مون وٽ پڻ 22 روپيا موجود هيا مان انهن مان 10 روپيا چاچي ابراهيم کي ڏنا .پئسا وٺندي چيائين ته قاسم ماڪاالله ڪندو سياڻي کان وٺي تو کي ڪڏهن به بس ۾ چڙهڻو نه پوندو پر تو وٽ پنهنجي ذاتي گاڏي هوندي. مان آمين چئي هن کان موڪلايو.ٻئي ڏينهن مان آفيس ۾ ويٺو هيس ته منهنجي ئي هڪ ساٿي مسٽر شاهجهان سلاوٽ مون کان هڪ ڏينهن لاءِ 10 روپيا اوڌارا گهريا مان کيس 10 روپيا ڏنا ته هن مون کي 10 روپين جو هڪ انعامي بانڊ اهو چوندي ڏنو ته حياتيءَ تي ڪو اعتبار نه آهي اگر سياڻي تائين آءُ زنده هوندس ته 10 روپيا تو کي واپس ڪري پوءِ انعامي بانڊ واپس وٺندس .

اتفاق سان 10 روپين جي ان انعامي بانڊ جيڪو مون وٽ هيو ان نمبر تي =/25,000 انعام بابت اخبار ۾ خبر ڇپي .ياد رهي ته ان وقت جا پنجويھ هزار روپيا اڄ جي پنجويهن لکن روپين جي لڳ ڀڳ جيترا هئا. مون لاءِ اهو فيصلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هيو ته مان اهو انعامي بانڊ مسٽر شاهجهان کي واپس ڪيان يا نه ڪيان پر اندر ۾ ويٺل حاڪم مون کي مجبور ڪيو ته مان اهو انعامي بانڊ مسٽر شاهجهان کي واپس ڪيان ۽ اهو سوچي مان مسٽر شاهجهان سلاوٽ جي گهر ويس حقيقت اها آهي ته سڄي واٽ اها دعا گهرندو رهيس ته الله ڪري مسٽر شاهجهان اهو انعامي بانڊ مون کان واپس نه وٺي ۽ پوءِ ٿيو به ائين ئي ته مسٽر شاهجهان سلاوٽ اهو چئي انعامي بانڊ مون کان وٺڻ کان انڪار ڪيو ته "ماڪا صاحب جيسيتائين مان تو کي 10 روپيا واپس نه ڪيان هان تيسيتائين اهو انعامي بانڊ تنهنجو ئي آهي . قصو مختصر ته مان ان ئي شام ان انعامي بلانڊ مان ڪرولا ڪار خريد ڪئي ۽ بيشڪ مون کي ان ڳالھ مان الله پاڪ جي حاڪميت چٽيءَ طرح نظر آئي .

(6) ٽي سال کن اڳ جي ڳالھ آهي ته هڪ همراھ جي سخت بيماري جو ٻڌي مان ان جي تيمارداري ڪرڻ لاءِ ان جي گهر ويس ته هن مونکي نماڻو ٿي چيو ته مونکي ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ لاءِ هر هفتي ڪراچي وڃڻو پوندو آهي اوهان مهرباني ڪري مونکي هر هفتي گاڏي ڏيندا ته منهنجي تمام وڏي مالي مدد ٿيندي رهندي، مان کيس وراڻيو ته پيارا ڀاءُ، تون هر هفتي جي ٿو ڳالھ

ڪرين؟ مان توکي روزانه گاڏي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. ۽ پوءِ هو بہ ڏينهن منهنجي ڏنل گاڏي ۾ ڪراچي ويو . اتفاق سان نوري آباد وٽ اها گاڏي خراب ٿي پيئي، هن همراه مونکي اتان ئي ٽيلي فون ڪئي، سندس جواب ۾ مان فورن ڪيس ڊرائيور سميت ٻي گاڏي موڪلي ڏني جنهن ڪيس ڪراچي اسپتال پهچايو. اوهان کي اها ڳالهہ ٻڌي تمام گهڻي حيرت ٿيندي تہ ان همراه کي اسپتال ۾ ئي منهنجي خلاف هڪ زهر اوڳاڇيندڙ مضمون لکيو ۽ هڪ رسالي ۾ نمايان طور ڇپرايو. ان ۾ هن همراه ڪان جيتري بہ منهنجي ڪردارڪشي پچي سگهي اها لکڻ ۾ ڪا بہ ڪثر نہ ڇڏي ۽ آخر ۾ اهو بہ لکيائين تہ محمد قاسم ماڪا جي خلاف باقي ڳالهيون ايندڙ مهيني واري رسالي ۾ ڇپرائيندس . ۽ پوءِ جڏهن رسالي جي ڇپجڻ ۾ اجا 12 ڏيهن باقي هئا تہ اهو اسان جو پياري جهڙو دوست هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري اسان کان هميشہ هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو، تہ مونکي ڪائنات جي مالڪ جي حاڪميت نظر آئي.

منهنجي اج بہ هن دوست لاءِ دل سان اها دعا آهي تہ الله پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي.

سوال: اوهان جي ڪاميابي جو راز ؟

اصل سبب تہ ڪائنات جو مالڪ ڄاڻي تو پر جيڪي ڪجهہ سبب مونکي محسوس ٿيندا آهن اُهي هي آهن:

(1) آئون ننڍپڻ کان ئي فطرتن وڏڙن ۽ محسنن جو ادب ۽ احترام ڪندڙ آهيان. مونکي ياد آهي تہ مونکي ننڍي هوندي کان وٺي جواني تائين رات جو پنهنجي بابا سائين ۽ امڙ سڳوري کي زور ضرور ڏيندو هئس ان زماني ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ بجلي ڪو نہ هوندي هئي، ان ڪري رات جو يا مجهند جو مان بابا سائين ۽ امڙ سائڻ کي هوا پهچائڻ لاءِ هٿ وارو پکو جهولائيندو هئس ۽ مونکي اهو بہ ياد آهي تہ منهنجي امڙ صبح جو سوير اُسر ويل اٿي ڏڌ ولوڙيندي مهنجي لاءِ منڙن سُرن ۾ جهونگاريندي اهي دعائون گهرندي هئي تہ "گل بختا قاسم ماڪا الله ۽ الله جو حبيب ڪندو زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪو ڏکيو ڏينهن نہ ڏسندين، من جون سموريون مرادون پوريون ٿينديئي، تنهنجا دشمن نيست و نابود ۽ دفعي ٿينديئي، امير ۽ غريب تنهنجي در جا سلامي ٿيندا. ڪڏهن بہ هٿ نہ منجهنديئي ۽ الله وڏي جمار ڏينديئي، پر نيت هر ڪنهن کي هلڻو آهي، تنهن ڪري مان امڙ جي توکي اها دعا آهي تہ تنهنجي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪرڻ کان پوءِ تنهنجي مٿان حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ ۽ حضرت قلندر لعل شهباز رحہ جهڙن مقبرن جهڙو مقبرو جوڙيو ويندو. جنهن تي قيامت تائين تنهنجي لکين عقيدتمندن جا ميلا لڳندا رهندا ۽ دنيا مان لکين ماڻهو تنهنجي مقبري تي حاضري ڀرڻ ۽ دعائون گهرڻ ايندا رهندا. مونکي پنهنجي امڙ جي دعائن تي پورو پورو يقين آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ ضرور ٿيندو جيڪو منهنجي امڙ ڪائنات جي مالڪ کان منهنجي لاءِ گهريو آهي. جو تہ تاريخ شاهد آهي تہ حضرت موسيٰ عليه السلام جي دؤر ۾ صرف امڙ جي دعاء سبب هڪ ڪاسائي لاءِ ڪائنات جي مالڪ حضرت موسيٰ عليه السلام جهڙي هستي کي بہ مخاطب ٿيندي اهو فرمايو تہ اي موسيٰ فلان ڪاسائي پڻ توسان گڏ جنت ۾ داخل ڪيو ويندو جو تہ ان جي امڙ ان جي لاءِ مونکي ٻاڏايو آهي ۽ مان ڪنهن جي بہ امڙ جي پنهنجي اولادلاءِ سچي دل سان گهريل دعا خالي نہ موٽائيندو آهيان.

(2) منهنجي گذاريل ويل جيون ساٿياڻي مرحومہ مسز سنڌو قاسم ماڪا جي مون سان نڀايل پرپور سات ۽ دعائن جو پڻ منهنجي ڪاميابين ۾ تمام وڏو حصو آهي.

اوهان جي مرحومہ ساٿياڻي اوهان کي ياد ايندي آهي ؟

مان ان کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهيو آهيان، مرحومہ جي وفات کي 3 سال ٿي چڪا آهن، پر انهن ٽن سالن ۾ ڪو بہ هڪڙو ڏينهن بہ اهڙو نہ ٿيو آهي جنهن ڏينهن مان سندس تربت تي حاضري نہ ڀري هجي. آنڌي هجي يا تيز برسات ڪيڏو بہ وڏو مسئلو هجي پر مان روزانو سندس تربت تي حاضري ضرور ڀريندو آهيان ۽ مان هن کي هميشہ پاڻ سان گڏ سمجهندو آهيان. اوهان کي هن ڳالهہ تي شايد يقين نہ اچي پر اها بلڪل حقيقت آهي تہ منهنجي گهر واريءَ جي وفات کان ڪجهہ عرصو پوءِ هڪ ڏينهن ڪنهن سبب جي ڪري مان ماني کائڻ بنا منجهند جو سمهي پيس تہ مونکي ڪنهن ننڊ مان اٿاريو اکيون کُوليندي ڏٺم تہ منهنجي مرحومہ گهر واري ماني کنيون بيٺي هئي ۽ مُرڪندڙ چهري سان ماني منهنجي اڳيان رکندي چيائين تہ " قاسم منهنجي هوندي بنا ماني کائڻ جي چو ستو آهين اٿ ۽ هي ماني کاءُ" ۽ پوءِ هو غائب ٿي وئي .

مان پنهنجين ڪاميابين تي نظر وجهندو آهيان تہ ڪجهہ ٻيون بہ ڳالهيون اهڙيون لڳنديون آهن جن بابت اهو محسوس ٿيندو آهي تہ انهن ڳالهين جو پڻ منهنجي ڪاميابين ۾ وڏو ڪردار رهيو آهي.

اهي ڳالهيون اهڙيون آهن، جيڪي ٻڌائڻ بلڪل مناسب نٿيون لڳن پر آئون ان سڀني جي ڪري ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان. جن مان هڪ اهم ڳالهہ اها آهي تہ (1) مان هردم دل ئي دل ۾ درود شريف پڙهندو رهندو آهيان، (2) ڪائنات جي مالڪ ۽ ان جي محبوبن ۽ خاص ڪري پنجتن پاڪ ۽ اولياء الله سان دل ئي دل ۾ هر دم رابطي ۾ رهندو آهيان. ٻيون پڻ ڪيتريون ڳالهيون آهن جن کي پڻ مان پنهنجي حاصلات جو سبب سمجهندو آهيان. پر اهي ڳالهيون ٻڌائڻ لائق چو مونکي مناسب نٿو لڳي، پر جيئن تہ اوهان مونکان منهنجي ڪاميابي جا راز پڇيا آهن ، ٻيو ان ڪري ٿو تي سگهي ٿو منهنجن انهن ٻڌايل ڳالهين مان ڪنهن انسان کي ڪا چڱائي حاصل ٿئي.

ان ڪري نہ چاهيندي بہ اهي ڳالهيون اوهان کي ٻڌايان ٿو : (1) جيترو منهنجو وس پڄندو آهي تہ مان يتيم ٻارن جي ان وقت تائين پرپور ۽ مسلسل مدد ڪندو رهندو آهيان. جيستائين اهي ڪنهن منزل تائين نٿا پهچن. (2) آئون روزانو صبح سوير پکين جي کائڻ پيئڻ لاءِ پنهنجي گهر جي ڇت تي رکيل پاٽوڙن ۾ اناج ۽ پاڻي پري ڇڏيندو آهيان. (3) سڪل وڻن ۽ ٻوٽن کي پاڻي ڏيندو آهيان. (4) ڪجهہ غريب بيواهہ عورتن جي خدا ڪارڻ هر ماهہ ايتري مدد ضرور ڪندو رهندو آهيان، جو انهن کي ڪنهن ٻئي جي اڳيان هٿ ٽنگڻو نہ پوي. (5) اهڙن خوش پوش ماڻهن جي مالي مدد ڪندو آهيان، جيڪي ضرورت مند هوندي بہ ٻين جي اڳيان هٿ نہ ٽنگيندا آهن. (6) پاڻ کان وڏي هر انسان سان ڳل ۾ تمام گهڻو احترام رکي جهڪي ملندو آهيان. (7) جيڪي بہ ماڻهو مون تي احسان ڪندا آهن، مان پاڻکي انهن جو غلام تصور ڪندو آهيان، (8) پنهنجا ٻارڙا هجن يا پراوا ٻارڙا هجن مان انهن کي تمام گهڻو پيار ڪندو آهيان، (9) دوستن ٻارن سان ليڪو نہ ڪندو آهيان، پر هميشہ ڪس ڪائيندو آهيان، (10) منافقن ۽ بدخواه ماڻهن کان پري رهندو آهيان.

اوهان جو سنڌ جي ثقافت موسيقي ۽ تاريخ تي تمام وڏو ڪم ٿيل آهي، پر پوءِ بہ اوهان PH.D ڊاڪٽريٽ نہ ڪئي آهي ؟

اڄ هي ڳالهہ ڀلي تاريخ ۾ نوٽ ڪئي وڃي تہ ڪائنات جي مالڪ منهنجي هٿان اهڙا تاريخ ساز ڪم ڪرايا آهن، جو ڪو وقت اهڙو ايندو تہ سنڌ تہ ڇا پر ڌاريا ماڻهو بہ منهنجي ۽ منهنجي هٿان ڪيل تاريخ ساز ڪمن تي PH.D ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا ۽ منهنجو نالو دنيا جي عظيم نالن ۾ ڳڻيو ويندو. جن شخصيتن لطيف سائينءَ جي اڳ ۾ ئي ڇپيل بيتن ۽ واين کي پنهنجي عقل آهر نئين سر ترتيب ڏئي ڪتابن جي صورت ۾ ڇپرائي تمام وڏي ملهہ سان وڪيو لهن کي تہ وڏو اديب ۽ محقق سڏيو ٿو وڃي پر مان جهڙي ناچيز بندي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي مڪمل رسالي کي راڳ جي صورت ۾ ۽ تحت اللفظ جي شڪل ۾ ۽ سنڌ ڌرتي جي ٻين ڪلاسيڪل شاعرن حضرت رڪيل شاهہ رحہ، حضرت چيزل شاهہ رحہ، حضرت حمل فقير رحہ، حضرت سچل سائين رحہ ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن جي ڪلامن کي رڪارڊ ڪري ڪيسٽن ۽ سي ڊين جي روپ ۾ ڪتابن جي پيٽ ۾ تمام ننڍڙي ملهہ تي پوري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائيندو رهيو آهيان تہ مهرباني فرمائي اوهان ئي ٻڌايو تہ مونکي ۽ منهنجي ڪيل مذڪوره ڪم کي ڪهڙو نالو ڏجي ؟ منهنجو اندازو آهي تہ منهنجي ان دعويٰ تي ڪي ساڙونا ماڻهو مون تي چٽرون ڪري پنهنجو اندر ساڙيندا هوندا پر منهنجو ڪائنات جي مالڪ تي پورو پورو يقين آهي تہ هو منهنجي امڙ جي منهنجي لاءِ گهريل دعائن کي ضرور قبول ڪندو ۽ مونکي اهو درجو ضرور عطا ڪندو. جنهن لاءِ منهنجي امڙ سائڻ رب پاڪ کي ٻاڏايو هو.

سن 2012ع جي شروع ۾ موجوده وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر نذير اي مغل صاحب جي خلاف سنڌ يونيورسٽي ۾ تمام وڏي پيماني تي هڙتالون ٿيون پر اوهان واحد ڊائريڪٽر ۽ آفيسر هيو جنهن پنهنجي نوڪري کي داءُ تي لڳائيندي مغل صاحب جو ساٿ ڏنو ۽ اسان کي اها بہ خبر آهي تہ اوهان کي مارڻ جون ڌمڪيون بہ ڏنيون ويون هيون پر پوءِ بہ اوهان مغل صاحب جي حمايت ۾ هزارين ماڻهن جون ريليون ڪڍي سندس ساٿ نڀايو ڪو خاص سبب هيو؟

سڀ کان وڏو سبب اهيو هيو تہ پروفيسر ڊاڪٽر نذير اي مغل صاحب سؤ فيصد حق تي هو ۽ حق جو ساٿ ڏيڻ لاءِ الله پاڪ جو حڪم آهي. ٻيو سبب اهيو هو تہ مغل صاحب جو مون تي احسان ٿيل آهي ۽ قرآن پاڪ ۾ الله پاڪ جو فرمان آهي تہ "احسان جو بدلو احسان سان ڏيو". ۽ اهو بہ فرمان آهي تہ "جيڪي محسن جو شڪريو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو انٽرويو ڪندي

ادا نٿا ڪن اهي الله پاڪ جا بہ نا شڪرا آهن". رهي ڳالهہ مونکي مليل موت جي ڌمڪين جي تہ مان هميشہ دعا گهرندو آهيان تہ مونکي شهادت جو موت نصيب ٿئي ڇو تہ دنيا جي عظيم هستين پڻ الله پاڪ کان شهادت جي موت جي دعا گهري آهي. قرآن پاڪ ۾ رب پاڪ فرمليو آهي تہ "شهيد زنده هوندا آهن ۽ اهي هر هنڌ حاضر ۽ ناظر هوندا آهن. انهن ڪي مئل سمجهندڙن جو شعور گهٽ هوندو آهي." مغل صاحب جي باري ۾ منهنجي بيان ڪيل انهن الفاظن تہ هو حق تي هو ان جو سڀ کان وڏو ثبوت اهو آهي تہ "مغل صاحب جا ان وقت جا سموراويري هن وقت مغل صاحب سان گڏ ۽ ان جا حمايتي آهن.

اوهان ماشاءَ الله سنڌالاجيءَ جا ڊائريڪٽر بہ آهيو، ريڊيو ٽي وي جي پروگرامن جا ميزبان، نيوز ايڊيٽر، اسڪرپٽ رائيٽر، پروگرام ڊائريڪٽر، اناؤنسر، موسيقار ۽ راڳي بہ آهيو ڇا اسان پڇي سگهون ٿا تہ انهن سيني مان ڪهڙي حيثيت اوهان کي وڏيڪ وڻندي آهي ؟

مونکي سڀ کان وڏيڪ حيثيت انسان ذات جي خدمت ۽ عزت ڪندڙ جي روپ واري وڻندي آهي.

اوهان هر ماڻهو سان ملڻ وقت ڪيس چُمي ڏيندا آهيو ؟ ان جي باوجود تہ اوهان جي ان عمل تي ڪي ماڻهو ٺٺولي بہ ڪندا آهن پوءِ بہ اوهان اهو عمل جاري رکيو آهي ؟

هڪ بيت عرض رکندس تہ ،

آدم کي جنهن نہ ڪيو سجدو سو شيطان بڻيو
ابن آدم سان جهڪي تنهن ڪري اسين ملندا هون

قرآن پاڪ ۾ الله پاڪ جو فرمان آهي تہ ، 'وفي انفسڪم افلا تبصرون' جنهن جو ترجمو آهي تہ: مان تو ۾ موجود آهيان تون مونکي ڏسين ڇو نٿو؟

مان الله پاڪ جي ان فرمان تي يقين رکندي هر انسان ۾ رب پاڪ کي محسوس ڪندي ان کي چُمي ڏيڻ کي عبادت سمجهندو آهيان ۽ رب پاڪ جي ان وعدي تي پورو يقين ڪندي تہ 'هر عمل جو بدلو 10 دنيا ۽ 70 آخرت ضرور ڏنو ويندو.' اها آس رکندو آهيان تہ ڪائنات جو مالڪ منهنجي عقيدت سان ڀريل ان پاڪ عمل جو مونکي اجر ضرور عطا ڪندو.

اگر اوهان کي ملڪ جو مڪمل اختيار رکندڙ حاڪم بڻايو وڃي تہ اوهان جا اولين قدم ڪهڙا هوندا ؟

اگر رب پاڪ پنهنجي ڪرم سان اها ذميواري منهنجي حوالي ڪري تہ منهنجا اولين قدم هي هوندا :

(1) پوري ملڪ ۾ ڪنهن بہ هنڌ پکي يا جهنگلي جانور پڃرن ۾ بند هوندا تہ آئون حڪم ڪندس تہ فورن انهن پکين ۽ جهنگلي جانورن کي آزاد ڪيو وڃي اگر ٽن ڏينهن کان پوءِ بہ ڪو ماڻهو پنهنجي هوڏ يا شوق سبب ان حڪم تي عمل نہ ڪندو تہ ان ماڻهو کي فورن ان پڃري ۾ بند ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري عمل ڪرائيندس.

(2) ڪدڙن فقيرن کي اُهي مڪمل حق ڏياريندس جيڪي پاڪستان جي هر شهري کي حاصل هوندا آهن. نہ صرف ايترو پر ڪدڙن فقيرن لاءِ بهترين رهائش ۽ سندن عزت ڀريي طريقي سان کاڌي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي ۽ علاج معالج سميت هر خرچ جو سمورو ذمو گورنمينٽ کي کڻڻ جو ذميوار بڻائيندس.

(3) پرائمري جا درجا پڙهائيندڙ ماسترن جون پگهارون گهٽ ۾ گهٽ 20 هين گريڊ واريون ڪندس. ۽ گوسڙو ماسترن جي سزا بنا ڪنهن ضمانت جي گهٽ ۾ گهٽ 3 سال ڪندس ۽ جيل ۾ انهن سان ملاقات تي مڪمل پابندي هوندي.

(4) جيڪي ماڻهو مختلف جانوُر ۽ پکي پاڻ ۾ وڙهائي لطف اندوز ٿين ٿا انهن کي ان ڪُڌي عمل کان روڪڻ جي تلقين ڪندس پر پوءِ بہ اگر ڪو ماڻهو اهو عمل جاري رکندو تہ ان ئي موقعي تي اتي موجود هزارين ماڻهن جي سامهون وچ ميدان ۾ رسن سان ٻڌي ان ماڻهو تي ڪتن ۽ خون خوار جانورن جي ڇڇ ڪرڻ جو حڪم جاري ڪندس.

(5) غريب ماڻهن جي نياڻين جي شادين وغيره جي موقعي تي ماني وغيره ۽ ڪنوار جي مڪمل ڏاج جو بندوبست ڪرڻ جي سموري ذميواري مان پنهنجي سمنجهي پوري ڪندس.

(6) ڪو بہ ماڻهو نياڻين لاءِ ايندڙ رشتن هوندي بہ پنهنجين نياڻين جون شاديون نہ ڪرائيندو تہ ان نياڻي جي ڀائرن ۽ پيءُ مان جيڪو ذميوار هوندو ان کي عمر قيد جي سزا جو حڪم جاري ڪندس.

(7) اهي طوائفون ۽ ڪال گرلز جيڪي مجبوريءَ سبب اهو پيشو اختيار ڪن ٿيون انهن جي سموري ضرورتن ۽ عزت ڀري زندگي گذارڻ جو ذميوار حڪومت کي بڻائيندس.

(8) ڪورٽن کي ان ڳالهہ جو پابند بڻائيندس تہ ڪنهن بہ ڪيس اُڪلائڻ ۾ هڪ مهيني کان وڌيڪ ڏينهن نہ لڳڻ کپن .

(9) اليڪشن ۾ اهو هارايل اميدوار جيڪو کٽيل اميدوار کان ٻي نمبر تي ووٽ کڻندو ان کي بہ اسيمبلي جو ميمبر قرار ڏيندس ۽ ڊپٽي منسٽر جو عهدو ڏيڻ جي اهل بڻائيندس.

(10) يتيم ٻارڙن ۽ بيواه عورتن لاءِ ايتري انداز ۾ وظيفو مقرر ڪندس جنهن وظيفي مان اهي پنهنجي پڙهائي وغيره سميت سٺي زندگي گذاري سگهن.

پنهنجي زندگيءَ جي مشاهدي جي روشني ۾ پڙهندڙن کي ڪهڙو پيغام ڏيڻ چاهيندؤ ؟

اهو پيغام تہ پنهنجي والدين ۽ استادن ۽ جن ماڻهن اوهان تي ڪو ننڍي کان ننڍو بہ احسان ڪيو هجي تہ انهن کي ڪڏهن بہ نہ رنجائجو ، انهن سان ڪڏهن بہ بيوفائي نہ ڪجو انهن جو گهٽي کان گهٽو احترام ڪندا رهجو ۽ هميشہ اها ڪوشش ڪندا رهجو تہ اوهان انهن جي گهٽي کان گهٽي خدمت ڪندا اچو. ان کان سواءِ اوهان پنهنجي نيڪ نيتي سان ٻين بہ هر انسان سان عزت، احترام سان پيش ايندا ۽ ماڻهن جي وڌ کان وڌ مدد ڪندا رهندا ڪريو پر اها ڳالهہ ذهن ۾ ضرور رکجو تہ اوهان جي عزت ۽ وفا ڪرڻ واري عمل جي موٽ ۾ ڪم ظرف ۽ ڪميڻن ماڻهن وٽان اوهان کي ڪڏهن بہ سٺي موٽ ڪونہ ملندي. ان ڪري ان خراب موٽ ملڻ تي ڪڏهن بہ رنجيده نہ ٿجو، ڇو تہ انسان هڪ سماجي جانور آهي ۽ جانورن جا بہ قسم ٿيندا آهن، اهو ممڪن ئي نہ آهي تہ ڪو 'ڪتو' ڪڏهن بہ مور يا طوطي جي ٻولي ڳالهائيندو هجي. ها پر اهو يقين رکجو تہ اعليٰ ظرف ۽ اصل نسل وارن وٽان اوهان کي هميشہ موٽ ۾ وفا ئي وفا ملندي رهندي ۽ ڪائنات جو مالڪ پڻ اوهان کي ان نيڪ نيتي، عزت ڪرڻ احترام ڪرڻ ۽ وفا ڪرڻ جو اجر ضرور عطا ڪندو ۽ زندگيءَ ۾ اوهان کي ڪڏهن بہ شڪست جو منهن نہ ڏسڻو پوندو. اهم گذارش اها آهي تہ زندگي ۾ پنهنجي استادن ۽ ماءُ پيءُ جي احترام کي الاهي امر سمجهي بجا آڻيو. ■

تعليمي ماهر سائين پناهہ علي شاهہ سان گڏ

مَن موهيندڙ ماڻهو...

عنايت بلوچ

جهڙو خوبرو ۽ خوبصورت، تهڙوئي خوش خُلق ۽ خوب سيرت ۽ هر هڪ سان نرمي، نهٺائي، عزت ۽ احترام سان پيش ايندڙ محمد قاسم ماڪا بيحد من موهيندڙ شخصيت جو مالڪ رهيو آهي. هر هڪ سان چڱائي ڪرڻ ۽ پنهنجي وَسَ آهر مالي مدد ڪرڻ به سندس انساني ڳڻن جو حصو رهيو آهي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ اناؤنسر ۽ ڪمپيئر رهڻ جي زماني کان وٺي اڄ تائين جيئن ته سندس گهڻو تعلق موسيقي ۽ صداڪاري جي شعبن سان رهيو آهي ته ڪيترن فنڪارن مونکي پاڻ ٻڌايو ته ماڪا صاحب وقت به وقت سندن اخلاقي توڙي مالي سهائتا ڪندو رهيو آهي. اڄ ڪلهه جي، پئسي پرستيءَ جي دؤر ۾ اهڙا ماڻهو ڪي ورلي ملندا جيڪي پنهنجي هڙان ۽ وڙان ڪنهن جي مدد ڪن پر ماڪا صاحب يقيني طور تي سخي مرد رهيو آهي ۽ وقت پوڻ تي مدد ڪري غريبن ۽ بي سهارا ماڻهن جون دعائون ڪٽيندو رهيو آهي.

سردي توڙي گرمي، سياري توڙي اونهاري ۾ سدائين سُوٽ پاتل ۽ نيڪٽاءِ ٻڌل هوندي اٽس پر پنهنجن وڏڙن ۽ اُنهن شخصيتن جن ڪي هو عزت ۽ احترام لائق سمجهي ٿو انهن جي اڳيان نِوڙڻ ۽ سندن پيرن تي هٿَ رکڻ ۾ به دير نه ڪندو آهي. انساني قدرن جي هن ابتريءَ جي دؤر ۾ عجز ۽ ايتري سعادتمندي جي اها انوکي ڪيفيت مون فقط محمّد قاسم ماڪا ۾ ڏٺي آهي. مونکي پڪتو يقين آهي ته سندس سدائين ٻهڪندڙ چهري ۽ سدا جوان رهڻ جو راز به سندس انڪساري، سعادتمندي ۽ ضرورت مند ماڻهن جي دعائُن حاصل ڪرڻ ۾ لڪل رهيو آهي.

ذاتي طور مون سان ته سندس وڏي قرب ۽ محبت جو رشتو رهيو آهي، پلي ماڻهن جو ڪيڏو به وڏو ميڙاڪو هجي، ڪا شادي مرادي هجي ۽ سوين ماڻهو پلي موجود هجن، پر سوٽ ۽ ٽاءِ پاتل ماڪا صاحب جڏهن به مون سان ملندو آهي ته منهنجن پيرن تي هٿَ رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ منهنجا هٿ سندس ٻانُهن ۾ هوندا آهن ته ڪيس جُهڪڻ نه ڏيان، پر پوءِ به ٻاڏائيندي مونکي چوندو : " سائين مونکي پير چُهڻ ڏيو چو ته مان ته آهيان ئي اوهانجهڙن محسنن جي پيرن جي خاڪ." ماڪا صاحب جي ايتري انڪساري واري من موهيندڙ روَيي تي مونکي ننڍپڻ ۾ قبله بابا غلام نبي اُداسي (مرحوم) جن جو ٻڌايل هڪ قصو ياد اچي ويو جيڪو هن ريت آهي :

'هڪ ڏاهو، ڪنهن واهڻ جي ننڍڙي بازار مان ٿي گذريو ته ڏٺائين ته هڪ واڻيي پنهنجي دڪان جا وَٽَهن ريت سجائي رکيا هيا : هيٺان هيٺان ٻن سيرن جو وَٽُ، پوءِ سير — اڌ سير — پاءُ — اڌ پاءُ — آنو ۽ آخر ۾ سيني وَٽن جي مٿان اڌ آنو رکيل هو. (اڳ وزن ڪرڻ لاءِ سير هوندا هيا، هاڻ ڪلو اچي ويا آهن) . ڏاهي جڏهن ننڍي ۾ ننڍي وَٽَ يعنيَ اڌ آني کي وڏن وَٽن جي مٿان ڏٺو ته هڪدم چيائين :

جو پانوين سب تون نِيچا، آپ پڙيگا سب تون اُونچا

... سو قاسم ماڪا به پنهنجي عجز ۽ انڪساريءَ جي ڪري هيڏا سارا مرتبا ماڻيا آهن ۽ سندس نالو مُلڪان ملڪ مشهور ٿيو آهي.

مون ڪيترائي دنيا جا وڏا ملڪ ڏٺا آهن، جيئن آمريڪا، انگليند، فرانس، جپان، جرمني، ڪئناڊا ۽ بيشمار ٻيا ملڪ به ڏٺا آهن ۽ هر ملڪ ۾ جتي جتي به سنڌي رهن ٿا اُتي محمّد قاسم ماڪا جو نالو پيو گونجي. مون ڪيترن سنڌي فيملين جي گهرن تي وِجي دعوتون ڪاڌيون آهن جتي ماني کائڻ وقت ماڪا صاحب جا پروڊيوس ڪيل سنڌي ڪلام وڄائي مهمانن کي محظوظ ڪيو ويندو آهي. ٻاهرين ملڪن ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا اهي ماڪا صاحب جي گهڻي واکاڻ ڪندا آهن ۽ سنڌي موسيقي بابت سندس ڪيل خدمتن تي ڪيس گهڻو ساراهيندا آهن.

پاڪستان ٽيليويزن تي سندس پروڊيوس ڪيل پروگرام ' سُر جو سفر، مون ڪيئي ڀيرا ڏٺو جيڪو پي ٽي وي طرفان ڪيترائي سال نشر ٿيندو رهيو. ان کان پوءِ ڪي — ٽي — اين (KTN) تي سندس پروگرام 'رنگ منچ' به مون ڪيترائي دفعا ڏٺو، هي پروگرام اڃا به ڪشش چئنل تان نشر ٿيندو رهي ٿو. ٻنهي پروگرامن ۾ ماڪا صاحب طرفان ڪيل محنت ۽ سندس تحقيق تي ڪيس دل کولي داءَ ڏيڻو پوي ٿو. مثال طور پروگرام ' رنگ منچ' ۾ هڪ ڀيري انڊيا جي وڏي ۽ ناميارِي ڳائڻي (Play Back Singer) محمد رفيع جو پراڻو ۽ مشهور گانو ٻڌرايائين :

يہ زندگی کے میلے
دنیا میں کم نہ ہونگے — افسوس ہم نہ ہونگے

هي گانو 1950ع جي پهرئين ڏهاڪي ۾ هڪ فلم لاءِ ڳايو ويو هو، محترم محمّد قاسم ماڪا پروگرام 'رنگ منچ' ۾ His Master's Voice ڪمپنيءَ جو ٺاهيل اُهو گراموفون رڪارڊ پنهنجي ناظرين کي ڏيکاريو جنهن ۾ ماسٽر چندر جو 1942ع ۾ ڳايل ڪلام ٻڌرايو ويو جنهن جا ٻول آهن :

اهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون،
اهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون،
دل ۾ هزار آهن.

مون پاڻ اهو پروگرام ڏٺو هو ۽ مونکي حيرت ٿي ته محمّد رفيع جو ڳايل گانو لڳ ڀڳ پنجويهن سالن کان پوءِ ساڳي ڌن ۽ طرز تي ڳايو ويو هو جنهن کي ايترائي سال اڳ سنڌي ٻوليءَ جي اَمر راڳي ماسٽر چندر ڳايو هو. ماڪا صاحب پنهنجي ساڳئي پروگرام ۾ ٻيا به ڪيترائي انڪشاف ڪيا ته ڪيئن نه سنڌي ڳائڻن جي ڪمال جي ڌُنن کي اردو فلمن ۾ ڪاپي ڪري ڳايو ويو هو.

هڪڙي پروگرام ۾ اهو به ٻڌايائين، جنهن جي خبر موسيقيءَ سان لاڳاپيل سُريلن ماڻهن کي ته اڳ ۾ هئي پر ڪيترا ٻنهه بيخبر به هيا، ته انڊيا جي ميوزڪ ۽ مٺي آواز جي ديوي لتامنگيشڪر، توڙي پاڪستان جي ملڪهٔ ترنم نورجهان کي فلمي گائڪيءَ ۾ (Play Back Singer) طور متعارف ڪرائڻ وارو حيدرآباد جو سنڌي رهواسي ماسٽر غلام حيدر هو، جيڪو پيشي جي لحاظ سان ڏندن جو ماهر (Dentist) هو، هي ڏندن جو ماهر ڪيئن وڏو ميوزڪ ڊائريڪٽر ٿيو، اهو هڪ الڳ ۽ دلچسپ داستان آهي، جنهن کي ڪنهن ٻي موقعي تي بيان ڪبو.

آخر ۾ اوهان کي اُها ڳالهه ٿو ٻڌايان جيڪا مونکي شروع ۾ ئي ٻڌائڻ کپندي هئي.

1972ع ۾ محمد قاسم ماڪا، منهنجي ڀاءُ هدايت بلوچ جو خط کڻي مون وٽ حيدرآباد پهتو تڏهن آءُ ريڊيو حيدرآباد تي پروگرام مئنيجر هوس ۽ اسان جو ڊائريڪٽر مشهور براڊڪاسٽر سائين ايم - بي انصاري هوندو هو . ٻڌايائين ته ڪيس ريڊيو اناؤنسر ٿيڻ جو شوق هو. شروع ۾ مون اسٽوڊيو ۾ وِجي ڪيس ٻڌو ، آواز سٺو، پر نه پڙهڻي مناسب، نه ادائگيءَ ۾ ڪو مزو ۽ نه وري سندس تلفظ صحيح. ڪيس چيم : 'بابا توکي وڏي محنت ڪرڻي پوندي، ريڊيو تي اناؤنسر ٿيڻ ڪو آسان ڪم نه آهي. ان لاءِ محنت، رياض ۽ گهڻي، دلچسپي وٺڻ جي ضرورت آهي.' وراڻيائين : 'سائين مونکي ريڊيو سان عشق آهي، پوري ذوق شوق سان محنت ڪندس پر اوهان منهنجي مدد ڪريو ۽ اناؤنسر بڻجڻ لاءِ مونکي گائيڊ ڪريو.' پوءِ قاسم ماڪا مون وٽ روزانو اچڻ لڳو، ڪيس اناؤنسر ٿيڻ جا سبقُ ڏيڻ شروع ڪيم. لفظ ڪيئن ادا ڪجن، پڙهندي پڙهندي ڪيئن ۽ ڪٿي ٿورو رڪجي يا Pause ڏجي؛ موقعي جي مناسبت سان ڪهڙن لفظن تي زور (stress) ڏجي ۽ ڪهڙن لفظن کي نرميءَ سان ادا ڪجي وغيره وغيره، وقت گذرڻ سان گڏ محسوس ڪيم ته محمّد قاسم ماڪا جو شوق ڏينهنون ڏينهن وڌندو رهيو ۽ روز بروز منجهس بهتري ايندي وئي. ويهن ڏينهن کن جي ٽريننگ کان پوءِ ڪيس وري اسٽوڊيو وٺي ويس. مون سان گڏ الله بخش شاهه بخاري ۽ انور بلوچ به گڏ هيا (ٻئي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا پروڊيوسر هيا ۽ هاڻي ٻئي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪا آهن). سندس آڊيشن ورتوسين ۽ اسان ٽنهي جو خيال هو ته هاڻي هو اناؤنسمينٽ لاءِ فٽ هو پر ڪيس ڪنهن سينئر اناؤنسر سان اٽئچ ڪيو ويندو. جڏهن انصاري صاحب ڪيس ٻڌو ته مونکي سڏرايائين انصاري صاحب چيو : "بلوچ صاحب، ماڪا ۾ ادائگيءَ جون اڃا ڪجهه خاميون آهن، جن کي دور ڪرڻ جي ضرورت آهي. پندرهن ڏينهن ڪيس وڌيڪ ٽريننگ ڏيو، پوءِ اوهان ٽيئي سينئر ساٿي ڪيس ٻيهر ٻڌو ۽ جڏهن سمجهو ته هو پوريءَ طرح فٽ آهي ته پلي ريڊيو تي ڪيس پروگرام ڪرڻ ڏيوس." پندرهن ڏينهن کان پوءِ نيٺ ماڪا آڊيشن ۾ پاس ٿيو. ايترو خوش هو جو ڄڻ ٻنهي جهانن جي دولت ڪيس ملي

وئي هجي. ريڊيو سيٽ تي انصاري صاحب به ڪيس ٻڌو ۽ ان پڻ خوشيءَ جو اظهار ڪيو. ريڊيو سان لاڳاپيل جيڪي به دوست منهنجا هي لفظ پڙهندا هجن ته هو پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ضرور ڏسن ته ڇا اسان انائونسر يا ڪمپيئر تي اڄ به ايتري محنت ڪريون ٿا ؟

بهرحال پوءِ محمّد قاسم ماڪا زندگيءَ ۾ ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندو رهيو. ريڊيو تان ڪيترائي ڪامياب پروگرام پڻ ڪيائين جن مان ٿي پروگرام ته مونکي اڃا تائين ياد آهن. هڪڙو: 'ڪڙو منجهه ڪڙي' ٻيو 'موتين مالها ۽ ٿيون وساريان نه وسرن" انهن ٽنهي پروگرامن جو اسڪرپٽ رائيٽر ۽ انائوسر به پاڻ هئو ۽ پروڊيوس به پاڻ ڪندو هيو ۽ سندس لاجواب پراڊڪشن تي ان زماني ۾ اسان کي تمام گهڻي حيرت ٿيندي هئي ڇو ته سندس ننڍي عمر جي لحاظ کان پروگرام جو اسڪرپٽ ۽ پروگرام ڪرڻ جو ڏانءُ تمام گهڻو مٿي هيو .پر ها اها ڳالهه ضرور ڪبي ته مذڪوره پروگرامن لاءِ مون سميت ريڊيو جي سينئر پروڊيوسرس کان رهنمائي ضرور حاصل ڪندو هيو ۽ اهي ٽئي پروگرام ٻڌندڙن ۾ بيحد مقبول ٿيا.

محمّد قاسم ماڪا هڪ طرف مسلسل جدوجهد ۽ محنت، پيشي سان عشق، ڪم سان خلوص ۽ ڪجهه پرائڻ ۽ حاصل ڪرڻ جي جستجو جو نالو آهي ته ٻي طرف هڪ چڱي ۽ وڻندڙ انسان طور به ڪيس ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو، جيڪو هر ماڻهوءَ سان ڀلائي ۽ خير خواهي ڪرڻ جو هر وقت خواهشمند رهي ٿو. الله پاڪ ڪري هو سدائين خوش ۽ شاد آباد رهي، آئون ته هميشه لاءِ سندس دعاگو رهيو آهيان ۽ اُستاد حامي خيرپوري جي هنن لفظن سان مضمون جي پڄاڻي ٿو ڪريان :

منهنجو ته وار وار ٿو هردم دعا ڪري
ڪو سو لڳي نه واءُ سڄڻ کي خدا ڪري. ■

غزل

مرتضيٰ قل

ڇا ته مرڪي پئي هوءَ ٿورو وري
آهِ مهڪي پيو ڄامشورو وري
ڪائي نوري ڏسي ٿو تماچي سڏي
آءُ ڪينجهر ٻڻي آ هندورو وري
چندٻ هيٺان ملي ڪنهن ٿي هٿڙا ڇُميا
ڇڻ ته دلڪش ڏٺو خواب ڪورو وري
چاهه جي راهه ۾ رنگ ڪڙندا رهيا
پيار دل ۾ ٽڙيو آ نڪورو وري
زلف ڇانئون ڪري وقت بيهي رهيو
خوبصورت گهٽا جان ته نسورو وري
زندگي جو غزل اڳي ئي اڌورو
قل ڪي آهي ڪيو تو ئي پورو وري. ■

سادو نينگر...

ادل سومرو

جڏهن اسان گورنمينٽ هاءِ اسڪول سکر ۾ نائين ڪلاس ۾ پڙهندا هئاسين، تڏهن اسان جو هڪ سادو سپاجهڙو ڳوٺاڻو ڪلاس فيلو به هوندو هو. جيڪو اُسر جو پڪين سان گڏ ننڊ مان جاڳندو هو. ۽ لڪي غلام شاهه اسٽيشن تان ريل ۾ سوار ٿي، اسڪول وقت تي پُهچي ويندو هو . لڪي اسٽيشن تي پهچڻ لاءِ هو پنهنجي ڳوٺ مان سائيڪل تي نڪرندو هو ۽ پنهنجي سائيڪل اسٽيشن جي ڀرسانِ هڪ دڪان تي بيهاريندو هو. سکر مان واپسيءَ تي وري اُنهيءَ پنهنجي سائيڪل تي چڙهي ڳوٺ روانو ٿِي ويندو هو . نينگر جيئن ته سُهڻو هو، تنهنڪري دڪاندار، هُن جي سائيڪل، پنهنجي دڪان تي ٻيهارڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. شهري شاگردن جو اُستادن سان ملڻ جو انداز پنهنجو هوندو آهي. ڪڏهن هو پري کان ئي سلام ڪري ڇڏيندا هئا. پر اُهو ڳوٺاڻو شاگرد استادن سان پيرين پئي ملندو هو. سندس انهيءَ سادگي ۽ معصوميت تي اسڪول جا اڪثر شاگرد کلندا هئا. اُنهيءَ ڳوٺاڻي شاگرد جو هڪ مشغلو اهڙو هوندو هو، جنهن هُن کي سڄي اسڪول ۾ مشهور ڪري ڇڏيو. اُهو هو ريڊيو تان گانن جي فرمائش جو شوق. پوءِ اُهو ريڊيو حيدرآباد هجي يا ريڊيو ايران زاهدان. اڪثر فرمائشي گانن ۾ هُن جو نالو ورتو ويندو هو.

"فرمائش ڪئي آهي ڳوٺ ماڪا شريف کان محمد قاسم ماڪا."

انهيءَ شوق محمد قاسم کي ڪافي مشهور ڪري ڇڏيو، پر سندس سموري خرچي انهيءَ شوق ۾ پوري ٿي ويندو هئي. پوسٽ جا لفافا ۽ ڪارڊ سدائين سندس کيسي ۾ موجود هوندا هئا. ريڊيو جو شوقين هوندو هو. گهرَ ۾ سندس گهڻو وقت ريڊيو ٻُڌڻ ۾ گذرندو هو. گهر کان ٻاهر ٻنهي ٻاري ۾ به ريڊيو هُن سان گڏ هوندو هو.

انهيءَ زماني ۾ سندس هڪڙي ئي خواهش هوندي هئي ته هو ڪنهن نه ڪنهن طرح ريڊيو جو ڪمپيئر بڻجي. ان دؤر جا ريڊيو ڪمپيئر سندس آئيڊيل هوندا هئا. خاص طور تي مهتاب چنه (موجوده مهتاب اڪبر راشدي) جو پرستار هوندو. هو سدائين اهو ذڪر ڪندو هو ته هو ريڊيو جو ڪمپيئر بڻجي ۽ مهتاب چنه سان ملاقات ڪري. روبينه قريشي هڪ فنڪاره جي حيثيت سان ۽ سيد صالح محمد شاهه ۽ مهتاب چنه ڪمپيئرنگ جي حوالي سان سڄي سنڌ ۾ مقبول هئا. ڳوٺاڻي ڪچهري پروگرام جو فتح خان(سيد صالح محمد شاهه) جهرجهنگ ۾ مشهور هو. جوان توڙي بزرگ انهيءَ پروگرام جو شدت سان انتظار ڪندا هئا. ڳوٺن جي هوٽلن تي سيد صالح محمد شاهه جون فريم ٿيل تصويرون لڳل هونديون هيون. ماڻهو صالح محمد شاهه سان ملڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا.

محمد قاسم پڙهائيءَ سان گڏ پنهنجي مشغلي ۾ مصروف رهيو. ۽ پنهنجي خواب جي ساڀيان لاءِ سوچيندو رهيو . اڳتي هلي قسمت هُن کي ڄامشوري وٺي وئي. هن جي اندر جي تڙپ ۽ بيچيني ڪڏهن به جهڪي نه ٿي. هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا چڪر ڪاٽيا ۽ ڪمپيئر بنجڻ لاءِ جتن ڪيا . نيٺ سندس پُراڻي خواهش پوري ٿي. جڏهن اسڪول ۾ هوندو هو ته سبق به خبرن جي اسٽائيل ۾ پڙهندو هو ۽ اسان هم ڪلاسي، سندس ان اسٽائيل مان لطف اندوز ٿيندا هئاسين. اُستادن کي به سندس اهو انداز وڻندو هو ۽ اڪثر محمد قاسم کان سبق پڙهائيندا هئا. اهو محمد قاسم ماڪا جي زندگيءَ جو نهايت اهم ڏينهن هو جڏهن هن پهريون ڀيرو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مائيڪ اڳيان آڏو چيو هو،

"هي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد آهي ۽ مان آهيان پروگرام جو ميزبان محمد قاسم ماڪا."

ريڊيو جي ڪمپيئر بڻجڻ کانپوءِ محمد قاسم ڏاڍو سَرهو هو. هُن جي نماڻائي ۽ نياز نوڙت هن کي ڪافي ڪم آئي ۽ هو ڪيترن اهم ماڻهن جي ويجهو ٿيندو ويو. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جهڙي برک عالم ۽ اديب جي شفقت به مٿس رهي ۽ هُن صاحب، محمد قاسم ماڪا جي نه صرف رهنمائي ڪئي. پر اڳتي وٺي اچڻ ۾ به گهڻي مدد ڪئي. ساڳئي طرح مئڊم مهتاب چنا به ماڪا جي گهڻي حوصلا افزائي ڪئي. ماڪا کي سنڌالاجي ۾ نوڪري ملي ۽ اڳتي هلي هن اتان جو ميوزڪ سيڪشن سنڀاليو. اهڙي طرح ماڪا جي روزگار ۽ مشغلي جي سرگرمي ساڳئي ٿي وئي. اِها هُن جي خوشنصيبي هئي.

جڏهن ماڪا 'ڊبل اي' جي نالي سان ڪيسيٽ ڪمپني جاري ڪئي ته سندس شهرت اڃان به وڌي وئي. ريڊيو ڪمپيئر جي ڪري اڳ ۾ ئي مشهور هو، وري ڪيسٽ ڪمپنيءَ جاري ڪرڻ سان هُن جي مداحن جو تعداد وڌي ويو. هن ڊبل اي ڪمپنيءَ طرفان نه صرف ڪلاسيڪي، ۽ عوامي راڳين جي اڻلڀ ڪلام کي محفوظ ڪري، وڏيڪ مقبول بڻايو . پر نون صلاحيتن وارن فنڪارن کي پڻ بهتر پليٽ فارم مُهيا ڪري، اُنهن جي فن کي اُجاگر ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪيا . اِهو محمد قاسم ماڪا جو نهايت اهم ڪم هو. ماڪا ڪمرشل بنيادن تي ان ڪم کي ڦهلايو. ۽ اسان جي وڏن ۽ ناليوارن راڳين جي ڪلام کي گهرِ گهر ۾ پهچايو. ڪن حلقن ماڪا تي اها تنقيد ڪئي ته هُن ريڊيو حيدرآباد ۽ سنڌالاجي مان ناياب ڪلام ڪڍي، پنهنجي ذاتي پراڊڪشن ڊبل اي پاران جاري ڪيا .

اڄ جڏهن جائزو وٺجي ٿو ته جيڪڏهن ماڪا، اُهي ڪلام محفوظ نه ڪري ها ته شايد ڪيترن ئي ناليوارن ۽ اهم فنڪارن جا ڪيترائي ناياب ڪلام ضايع ٿي وڃن ها . ماڪا فنڪارن لاءِ رائلٽيءَ جي روايت به قائم ڪئي. مرحوم فنڪارن جي پونيئرن کي گهرويٺي سندن حصو پهچايو. ساوڪ نالي فنڪارن جي مدد جو ادارو قائم ڪندي، ماڪا فنڪارن جي مالي مدد ڪئي. ڪهڙو انسان آهي جيڪو خامين کان خالي هجي. جيڪو ڪم ڪندو آهي، ان کان ڪجهه خاميون به ٿينديون آهن. مجموعي طور ماڪا هڪ مخلص ۽ ٻين جا ڀلائي چاهيندڙ آهي. ملڻ جلڻ جو ڀلو ۽ ٻين جي عزت ڪرڻ ڄاڻي ٿو. ملڻ وقت ماڻهن کان اڄڪلهه چُمي ٻه وٺڻ لڳو آهي. لڳي ٿو، پنهنجون پراڻيون رهتون، هاڻي وصول ڪرڻ لڳو آهي. وٺي هڪڙا ويس، پلاند هاڻي ٻين سان ٿو ڪري. يا ته ڄام ساقيءَ جو اثر ٿيو اٿس. وڌيڪ خبر خدا کي.

محمد قاسم ماڪا ننڍپڻ کان ئي مخلص آهي. اٿين درجي ۾ ئي مائٽن هن جي شادي ڪرائي ڇڏي هئي. جڏهن هُن کي خبر پئي ته منهنجي والده فوت ٿي وئي آهي. ۽ ڏاڏي منهنجي پرورش ڪندي آهي ته هڪ دفعي مون کي نهايت همدرديءَ سان چيائين،

"عبدالڪريم، تنهنجي والده ناهي، جنهن جو مون کي افسوس آهي. جيڪڏهن منهنجو گهر، سکر ۾ هجي ها ته گهٽ ۾ گهٽ مان ڪپڙا وغيره تو کي پنهنجي گهران ڌوئرا ئي ڏيان ها."

محمد قاسم ماڪا جا اهي لفظ مون کي اڃا تائين ياد آهن . ريڊيو، ٽيليويزن، اسٽيجون، شُهرتون، نوڪريون، ڊائريڪٽريون، سڀ فنا جو جُهان آهي. اهي ٿيڪون ۽ اختيار سڀ عارضي ۽ بي معنيٰ آهن. تڪبر ۽ غرور جا رستا، ٻربادي‌ءَ تي ئي ڪڻن ٿا. دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا شيءِ رهندي ته اُهو پيار ۽ خلوص ئي آهي. ■

گٽس...

نسيم کرل

گهڻن ڏينهن جي غير حاضري بعد جڏهن هو پنهنجي نئين ڳاڙهي شيو ڪي ڪراچي ڪلب جي پورچ ۾ بيهاري اندر بار ڏانهن وڃڻ لڳو ته سامهون کنهن ڪي ڊيل وانگر ٽلندي ٻاهر ايندي ڏٺائين. هن جا قدم اڳتي وڌڻ کان رُڪجي ويا. جڏهن هوءَ پنهنجي ساڙهي جي پلو کي هر هر ادا سان ٻانهن تي ٺاهيندي لڏندي لمندي سندس پرسان لنگهي ته نه چاهيندي به هن کان بي اختيار سيٽي نڪري وئي.

هن ڏانهس نرڙ تي گهنج وجهي گهوريو. ۽ هن شڪي تي منهن ڦيرائي ڇڏيو. مگر جڏهن ’ڪورٽ شو‘ جي سريلي پياري پياري ڪٽ ڪٽ اڳتي وڌي وئي ته هن منهن ڦيرائي ڏٺو ته هوءَ انهيءَ انداز سان اوچو ڳاٽ ڪيو ائين وڃي رهي هئي ڄڻ ته ڪنهن تي فلڪ ڪانه آڻيندي هجي. هو ٿڌو ساهه ڀري اڳتي وڌيو. ۽ بار ۾ ويٺل ميمبرن کي سلام ڪندو جڏهن پنهنجي سنگت واري مخصوص ڪنڊ ڏانهن هليو ته ڏٺائين سموري چنڊال چوڪڙي ويٺي هئي. ڪيس ڏسندي ئي سڀ، خوشي مان رڙيون ڪري هن کي چنبڙي ويا.

”اڙي تون ڪٿي هئين ايترا ڏينهن؟“ پروفيسر جيلاني کيس ڀاڪر پائي چيو.

”دراصل مون کي اوچتو ئي اوچتو پنهنجي اسٽيٽ ڏانهن وڃڻو پيو. هارويسٽ جي سيزن هئي نه.“

هر ڪنهن کي هن جي وڏي زمينداري جي خبر هئي، مگر تنهن هوندي به هن پنهنجي مصروفيتن بابت ڪين ٻڌائڻ مناسب سمجهو.

”پوءِ اڄ ڪلهه ته ڪيسا پر هوندا.“ ڪئپٽن مسعود چيو.

”بلڪل.“

”تون ته بنا موڪلائي هليو وئين، پر هتي ته گهڻا ماڻهو تنهنجي ڪاڻ سکيا پئي.“ ڊاڪٽر سليم لفظ ماڻهو تي خاص زور ڏيندي چيو. هن ڊاڪٽر ڏانهن نهاريو جنهن جي منهن تي شرارتي مشڪ هئي. اهو اشارو شاهده برني ڏانهن هو، جنهن سان هن جو افيئر هو ۽ جا اوچتو ئي اوچتو سندس ڳچي ۾ پئجي وئي هئي ۽ هن کي شادي لاءِ زور ڀريو هئائين. هن ڊاڪٽر سليم سان صلاح ڪئي، جنهن کيس به ٽي ڏينهن گسائي وڃڻ جي صلاح ڏني هئي. هو پنهنجي نيٽو ٽائون ميرپور هليو ويو هو.

”اڄ ڪلهه ماڻهو ڪٿي آهن؟“ هن مشڪندي ڊاڪٽر سليم کان پڇيو.

”اتيئي، اوسي پاسي.“

هن نموني سان ڪنڌ ڦيرائي ڏٺو ته پريرو هوءَ بيرسٽر شاهه سان هڪ ڪنڊ ۾ ويٺي هئي. گلاس مان سپ ڪندي هلڪڙا هلڪڙا ٽهڪ پئي ڏنائين.

”اڄ ڪلهه هتي وڏي لئي تي وئي آهي. ڪافي نوان ميمبر ٿيا آهن. خاص ڪري...“ پروفيسر جيلاني مشڪندي چيو.

”ڪير آ هوءَ، پوري واقفيت ڪراءِ.“ هن جو شوق جاڳي پيو.

”مان تو ٻڌايان.“ ڊاڪٽر سليم چوڻ لڳو، ”نالو اٿس پارس نياز احمد. هتان جي نئين ڪليڪٽر جي ڌيءُ. انٽرڊيوس ڪرايانءِ؟“

”اها به پڇڻ جي ڳالهه آ پيارا؟“

”پر اٿئي انگور کٽا.“ پروفيسر جيلاني، مجيد ۽ ناصر ڏانهن نهاريندي چيو، جي شڪي ٽيڻ لڳا.

”جڏهن مان نه پڇان تڏهن چئجو، وارو ڪيو، واقفيت ته ڪرايو.“ شاهده برني جي افيئر کان پوءِ هن کي پاڻ ۾ وڏو ڀروسو ٿي پيو هو.

ڊاڪٽر سليم هال ۾ چوڌاري نظر ڦيرائي ڏٺو ۽ چوڻ لڳو،

”يار، اڳهون اڳهون هتي ويٺي هئي، شايد هينئر بليئر روم ۾ هجي، اٿ ته اوڏانهن هلون.“

الائي ڇو هن جي دل ۾ ڪڪي ويو ته شايد پارس اهائي هئي جنهن سان هو اچڻ وقت ٻاهر دوبدو ٿيو هو ۽ جنهن نرڙ تي گهنج وجهي ڏانهس گهوريو هو. هو چوڻ لڳو، ”پلان ان لاءِ ته نٿو چوين جنهن کي اڄ آرينج بنارسي ساڙهي پئي هئي، جنهن جي ڳچي ۾ جيڊ جو وڏو هار پيو هو ۽ جنهن کي ڪارو ڪورٽ شو...“

ڊاڪٽر ڳالهه اڌ ۾ ڪاٽي کيس گهوريندي چوڻ لڳو،

”اڙي اهائي، اهائي، ڪاٽي ملينس!!“

هن کيس ڪو به جواب نه ڏنو، پر اکيون ڦرڙائي سينڍ وڄائڻ لڳو.

*

ٻئي ڏينهن هن ڊاڪٽر سليم کان تفصيل سان پڇا ڳاڇا ڪئي ته ڪنهن سان هن جو ’افيئر‘ ته ڪو نه ٿي هليو. ۽ ڪلب ۾ سندس گهڻو اٿڻ ويهڻ ۽ گهمڻ گهتڻ ڪنهن سان هو. مگر ڊاڪٽر کيس ٻڌايو ته خاص طرح ڪنهن سان ڪو نه.

”اهڙي مغرور آ ڇا؟“ هن پڇيو.

”يار خبر ئي ڪا نه ٿي پوي. هر ڪنهن سان ڳالهائي به فضيلت سان ٿي، مگر ڪو ڊيگهه رکڻ جي ٿو ڪري ته ونءُ ٿي وڃي.“

اهي ڳالهيون پئي ٿيون ته هوءَ بار ۾ لنگهي آئي ۽ ڪنڊ ۾ خالي ميز تي ويهي رهي. هن ڊاڪٽر سليم کي انٽروڊيوس ڪرائڻ لاءِ ٺونٺ هئي ۽ هو هن جي هٿ کي وٺي ان ڪنڊ ڏانهن وڌيو. سندس ويجهو هلي چوڻ لڳو،

”مس نياز احمد، ليٽ مي انٽروڊيوس ماءِ ٽڪ فرينڊ مسٽر ذوالفقار علي خان.“

هوءَ اخلاقن اٿي بيٺي ۽ مشڪندي لانڍ سان چيائين، ”پليز... ڊ ٽو ميٽ يو.“

”پر اسان سنگت ۾ کيس ان ڊگهي نالي بجاءِ ذلفي سڏيندا آهيون.“ ڊاڪٽر وري چيو.

جڏهن ڊاڪٽر سليم ٿوري دير ويهي بهانو ڪري هليو ويو ته هن ڪانئس پڇيو،

”ڪجهه پيئندو مس نياز احمد.“

”ڪا خاص ضرورت ته ڪانه آهي.“ هوءَ نٽائڻ لڳي.

”ڪڏهن ڪڏهن ضرورت ڪانسواءِ به ٻئي جي دل خوش ڪرڻ لاءِ هائو ڪبي آهي.“ هن ڏانهس ٿورو جهڪي مشڪندي چيو. اهي سڀ گر کيس ياد هئا.

”چڱو مان شيري پيئنديس.“ پارس ڄڻ ته مجبور ٿي چيو.

هن خوش ٿي ويٽر کي اشارو ڪري شيري ۽ پنهنجي لاءِ ويٽ سڪسٽي نائين آٽڻ لاءِ چيو ۽ جڏهن بيري ٻئي گلاس آڻي اڳيان جهليا ته هن پاڻ وارو گلاس ٿورو مٿي ڪڍي چيو،

”ٽو اور فرينڊ شپ.“

”ٽو اور اکوئنٽنس.“ پارس عجيب بي نيازي سان گلاس مان سپ ڪندي چيو.

هو ڌڪ پچائي وڏا وڏا ڍڪ ڀرڻ لڳو هو. هن محسوس ڪيو ته پارس سندس ڳالهه کي رد ڏئي، کلهوڪي سينڍ جو پلو ورتو هو. هن کي ياد آيو ته شاهده برني وش ڪندي به ٽي قدم اڳتي ٽپي وئي هئي ۽ کيس گهري نگاهن سان ڏسندي چيو هئائين، ”ٽو اور لو ذلفي.“

*

هڪ ڏينهن هو ڪلب ۾ دير سان پهتو. بار ۽ بليئرڊ روم خالي پيون هيون. هو هڪدم بال روم ڏانهن ويو. اتي ڏٺائين ته هوءَ ويٺي هئي. سندس ڀرسان ڪو مرد ويٺل هو. پر جي ڪو ويٺل هجي ها ته به ڪا وڏي ڳالهه ڪا نه هئي. تازو ڊانسنگ اسڪول مان سکيا وٺندي وقت اهي جملي آداب چڱي طرح سکيا هئا. هن کي رڳو ويجهو وڃي اخلاق سان چوڻو پئي ها،

”مس نياز احمد سان ڊانس ڪرڻ جي اجازت آهي جناب؟“

”آف ڪورس سر.“ هو مشڪندي اجازت ڏئي ها. اهي بال روم جا آداب هئا.

هو کيس اتي ويٺو ڏسي خوشي ۾ ڀر ٿي ويو. ڪنهن سان ڊيگهه وڌائڻ ۾ ڊانس هڪ وڏي مددگار هئي. هن سوچي ڇڏيو ته پهرين رائونڊ ۾ ڊانس ڪندي ڀري رهندو، مگر جڏهن ٻن ٽن رائونڊس ڪانپوءِ هو چڱي طرح گهاٽا ٿي ويندا ته هن کي ٿورو ڇڪي پنهنجي ويجهو ڪندو ۽ سندس هٿ جو گهيرو ٿورڙو ٿورڙو ٽنگ ٿيندو ويندو، تان جو هوءَ سندس سيني تي ڪنڌ رکي ڊانس ڪندي.

جڏهن آرڪيسٽرا وڄڻ لڳو ۽ جوڙا ڊانس ڪرڻ لاءِ اٿيا ته هن تڪڙو وڃي ٻئي ٻانهون نوڙائي کيس چيو، ”مي آءِ...“

پر هن سندس وڌايل هٿن جي ڪا پرواهه نه ڪندي وڏائي سان چيو، ”پر مون کي ته اهڙي سٺي ڊانس ڪرڻ نه ايندي آهي.“

”ههڙي سٺي ميوزڪ ۾ پاڻهي سکي وڃبو.“ هن مشڪندي چيو.

”نه، نه مون کي معافي ڏيو ته بهتر، مان اوهان جهڙي هوشيار ڊانسر سان ڪو نه هلي سگهنديس. ماڻهو کونهن کلائڻا.“ پارس صاف نٽائيندي چيو.

هو مجبور ٿي پوئتي هٽيو ۽ شاهده برني سان ڊانس ڪرڻ لڳو. شاهده کيس حيرت سان تڪي رهي هئي. منڊ ۾ جڏهن هن آفر ڪيو هو ته هو بهانو ڪري نٽائي ويو هو ۽ هينئر جڏهن ٻئي ڪنهن سان ڊانس ڪرڻ لاءِ

تيار هئي تہ پاڻمرادو ڪيس ڊانسنگ فلور تي وٺي آيو هو. بهرحال هوءَ خوش هئي، جو ذوالفقار ڪي وري سندس خيال ٿيڻ لڳو هو. هوءَ سندس ويجهو پوندي، هن جي سيني ۾ منهن لڪائي، ڪيس چوڻ لڳي،

”آءِ اسٽل لو يو ذلفي.“

هو ڪيس ڪتو جواب ڏيڻ ۾ هو تہ سندس نظر پرواري جوڙي تي پئجي وئي. اهي پارس ۽ ميجر اصغر هئا. هن ڪي باهہ وٺي وئي ۽ سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو. هن جا اسٽيپ بگڙي ويا.

”آر يو آل رائٽ ذلفي؟“ مس برني ڪيس بي دليو ڏسي چيو.

”نہ مان خوش نہ آهيان، منهنجو مٿو سور ڪان ڦاٽي تو.“ هن روئڻهارڪو ٿي چيو.

”نہ پوءِ تون ريسٽ ڪر.“

هو جڏهن ڪائنس معافي وٺي ٻاهر نڪرڻ لڳو تہن ڏٺو تہ پارس ميجر اصغر سان ڊانس ڪندي، ٽيڏي اک سان نهاري ڪيس چيڙائي رهي هئي.

❋

ان ڏينهن هن جيڪو پاڻ کي ’سمال‘ فيل ڪيو هو، ان جي لنوائي وسارڻ جو طريقو اهو هو تہ هو سندس منهن بلڪل نہ چڙهي، ان ڪري هو پنهنجون شامون ڪلب وڃڻ بدران ڪلفٽن يا سئنيما هائوس ۾ گذارڻ لڳو. پر هڪ ڏينهن ڪلفٽن تان موٽندي سندس ڪار، پنهنجو پاڻ، ائين اچي ڪراچي ڪلب ۾ بيٺي. ڄڻ انجو اسٽرنگ سندس هٿ ۾ ڪو نہ هو. هن ڏٺو تہ سموريون ڪرسيون ۽ ميزون لان ۾ پيون هيون ۽ جملي ميمبرنجو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ سبب وڏو گوڙ لڳو پيو هو. هو سمجهي ويو تہ اهو تمبولا جو پروگرام هو. ان راند ۾ هن کي ڪا دلچسپي ڪانہ هئي، جو خسيس ڳالهہ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ هنڌ سڪي ويهڻو پوندو هو ۽ هر وقت ڪن ڦاڙي انائونسر ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو هو تہ متان هو ڪو نمبر چوي ۽ اهو مس ٿي وڃي. مگر اندر بار ۾ اڪيلي وهڻ ڪان ٻاهر ويهي ڪيڏندڙن جي فيس هائوزي لاءِ هيڄ ۽ نمبر اچڻ تي هسٽريا جي مريض وانگر رڙيون ۽ واڪا ڪرڻ جو مزو ڏسڻ زياده دلچسپ هو. انڪري هو هڪ ڪرسي ڏانهن وڌيو ۽ ان تي وهڻ وارو هو تہ ڪيس پويان ڪنهن سڏ ڪيو. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ پارس ڪيس سڏي رهي هئي. هن جي دل ٿي تہ جيڪر ڏانهس نہ وڃي ۽ سندس سڏ کي ڪو گوش نہ ڏئي ۽ ماٺ ڪري ويهي رهي. پر ڄڻ ڪو ڪيس هٿ ڪان وٺي گهلڻ لڳو ۽ هو ڏانهس گهلبو ويو.

”مس نياز احمد، اوهان مون کي سڏيو ڇا؟“ هن ويجهو وڃي ڪائنس پڇيو.

”اوهان نٽا ڪيڏو؟“ هن مشڪندي ڪائنس پڇيو.

”نہ مون کي هيءَ راند نہ وڻي.“ ائين چئي هو پوئتي موٽڻ لڳو تہ پارس هڪدم چيو،

”تہ پلا مونکي هيلپ ڪيو نہ؟“

هو سندس پرسان ويهي رهيو ۽ ڪيس سمجهائڻ لڳو تہ ڪيئن نمبر ڪٽبا وڃبا آهن ۽ ڪڏهن هائوزي پوري ٿيندي آهي. ايتري ۾ انائونسر مائيڪ تي اعلان ڪري دٻو ڪڙڪائي نمبر ڪيڻ لڳو.

هٽ اينڊرن سيون اينڊ ون...

ايٽ سيون ماءِ وائفس ايج...

هن پارس ڏانهن ڏٺو جا ڪارڊ ۾ اڪيون وجهي نمبر ڪاٽڻ ۾ مشغول هئي. هو ڪرسي کي ٽيڪ ڏئي ڏانهس نهارڻ لڳو. ڪيس ڊئو ڪري ڏسڻ جو اهڙو ڪڏهن موقع نہ مليو هو. هن ڀرپور نظرن سان سندن وڏن وڏن وارن کي ڏٺو جي جُهوڙي جي شڪل ۾ چڪي ٻڌل هئا جن سندس پوري ڳچي ۽ ڪنڌ کي اجان ڊگهو ڪري وڏي رونق بخشي هئي. سندس ڪياڙي تي ٻچيل سنهڙا سنهڙا وار، جي جُهوڙي ۾ نہ اچي سگهيا هئا، پيارا پيارا پئي لڳا. لوڪٽ بلائوز ڪري پٺي، اڳ ۽ پيٽ جو گهڻو حصو جارجٽ جي ساڙهي سان ڍڪيل هئڻ جي باوجود، جرڪيو پئي. هن جا گلابي اڌ ڪليل سنهڙا چپ ۽ برمي چمپل جي ٻن پٽين ۾ سهڻا صحتمند پير ڏسي هن جا چپ ڏڪڻ لڳا.

انائونسر دستور موجب نمبر ڪڍي رهيو هو.

پنجو پنجو ففٽي فائيو...

لٽل لالي نمبر ٿري.

هن پنهنجي لٽل لالي جي ڪارڊ تي اوچتو نظر وڌي جنهن ۾ اهو نمبر هو. مگر ڪٽيل ڪو نہ هو. هن جهڪي ميز تي رکيل ڪارڊ ۾ اڻ ڪٽيل نمبر ٿري تي آڱر رکي ۽ جڏهن هوءَ سندس اشارو سمجهي ان نمبر کي ڪٽڻ لاءِ هيٺ جهڪي تہ هن جي نظر ڳچي کان ترڪندي سندس سيني تي پئجي وئي. اوچتو پارس جي نظر ڪيس گهوريندي پڪڙي ورتو ۽ مشڪندي چوڻ لڳي، ”اوهان سمورو وقت منهنجي تپاس ڪئي آهي، نظر هٽنلوچا؟“ ائين چئي هو وري ڪارڊ ڏانهن ڏسڻ لڳي.

هو ٿورو مشڪيو ۽ وري ڪنهن گهري سوچ ۾ پئجي ويو. سوچيندي سوچيندي هن فيصلو ڪري ورتو تہ هو اهائي هئي جنهن جي انتظار ۾ هن شاهده برني ۽ صوفيہ احمد جهڙين پيارين ڇوڪرين، جن هن جي هر جائز ۽ ناجائز گهر بہ پوري ڪئي هئي، کي بہ پنهنجو نہ ڪيو هو ۽ هنن کي صرف منزل تائين پهچڻ لاءِ هڪ آرام ۽ ٽڪ پيچڻ ڪانسواءِ وڌيڪ اهميت ڪانہ ڏني هئي. سندس ئي انتظار ۾ هن پنهنجي مڱيندي سان بہ لائون ڪونہ ڏنيون هيون، جا سندس اوسيئڙي ۾ ڳوٺ ويٺي هئي. هن محسوس ڪيو تہ پارس بنا زندگي گذارڻ هڪ عذاب هو، جو هو ڪنهن بہ حالت ۾ سهڻ لاءِ تيار نہ هو. هن ٿورڙيون اکيون ٻوٽي همٿ سان چيو، ”پارس منهنجي هڪ ڳالهہ ٻڌ.“

پارس جا ڊگها ڊگها ايرينگ لڏيا ۽ ڏانهس ڏسڻلڳي.

”پارس آءِ لو يو... آءِ لو يو مور دين ايني ٿنگ ان دي ورلڊ.“ هن ڪنڌ هيٺ ڪري چيو. پارس ڪو جواب نہ ڏنو ۽ هو وري دل ٻڌي ڪيس چوڻ لڳو،

”پارس، ان ڏينهن، جڏهن مون پهريون ڀيرو توکي ڏٺو تہ ائين محسوس ڪيو تون ئي اها هستي آهين، جنهن جو مان ورهين کان انتظار ڪري رهيو آهيان ۽ انلتظار ۾...“

”مسٽر ذوالفقار، ائين، جيئن مان هن نمبر سيونجو ڪيتري وقت کان انتظار ڪري رهي آهيان.“ هن ڪلندي پنهنجي ڪارڊ ۾ رهيل نمبر سيون تي آڱر رکي جيڪو ڇڙو ڪٽجڻ کان رهجي ويو هو.

هو پنهنجي پيار جي توهين سهي نہ سگهيو، هن جون اکيون آليون ٿي پيون.

”مان توکي ٻانهون ٿو ٻڌان پارس، تون سيريس ٿي، هيءُ منهنجي زندگي ۽ موت جو معاملو آهي.“

”اوهان ۽ پيار؟“ هوءَ طنز سان چوڻ لڳي، ”اوهان ڇا پيار مان ڄاڻو، اهي اوهان جا ڳوڙها، اهي اوهانجون ٻانهو ٻڌي پيار جو يقين ڏيارڻ سڀ ’بوگي‘ آهي.“

ائين چئي پارس اتان اٿي وڃي پري رضيہ سلطان علي سان ويٺي. هو اکين جي ڪنڊن ۾ آيل ڳوڙهن کي ضبط ڪري اٿي ٻاهر وڃڻ لڳو تہ شاهده برني پري کان تڪڙي ڏانهس آئي ۽ ڪيس چوڻ لڳي، ”مون کي لفٽ ڏيندين ذلفي؟“

”نہ مون کي ٻئي پاسي وڃڻو آهي.“ هو ڪيس رکو جواب ڏئي اچي ڪار ۾ ويٺو.

❋

ان بعد هن ڪلب وڃڻ صفا بند ڪري ڇڏيو. سمورو وقت پنهنجي گهر ۾ اڪيلو ويٺو هوندو هو. سندس دوست ساٿي ڪيس فون ڪندا هئا تہ ڪين بزي هجڻ جو بهانو ڪري ٽاري ڇڏيندو هو، مگر ڪيترا ڏينهن؟ هڪ ڏينهن سندس دوست اچي وٽس ڪڙڪيا ۽ ڪيس عجيب حالت ۾ ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا.

”ڇا حال آ ڊان زوان؟“

”ٺيڪ آهيان.“ هن ڦڪي کل کلندي چيو.

”ٺيڪ وري ڪٿي آن، پيلي پيلي سي رنگت...“ ڊاڪٽر سليم چيو.

”ڪي ئي ڪونهي.“ هن ڪيس يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي.

”پوءِ هيءَ حالت ڇو؟“ پروفيسر جيلاني هن جي وڌيل شيو ۽ ميرن ڪپڙن ڏانهن ڏسي چوڻ لڳو.

”دراصل مون کي ٻن ٽن ڏينهن کان بخار هو ۽ ائين جو ائين هنڌ ۾ پيو هوس.“

پر جڏهن ٻيا سڀ اٿي ويا تہ سليم هن کان سموري ڳالهہ آهستي آهستي ڪڍي ورتي ۽ چوڻ لڳو،

”مان هن سان صفن صفا ڳالهايان؟“

”جيئن وڻيئي تيئن ڪر، پر مان مرانءِ ٿو.“

پر ٻئي ڏينهن جڏهن هو آيو تہ اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

”يار هوءَ تہ فلرٽ آهي، توکي نظرٿلي ڪرڻي پوندي.“

هن سليم جي ان ڳالهہ جو ڪو جواب نہ ڏنو. وري ڪائنس پڇيائين، ”تو ساڻس ڳالهايو؟“

”ها، پر سندس چم ۾ ئي ڳالهہ ڪانہ ويٺي.“

”ڇا چيائين؟“

”ڇا چوندي. چيائين تہ ڪو کلڻ ڳالهائڻ کي غلطي ۾ پيار سمجهي تہ اها ٽوٽ مٿس تہ ڪانہ پئي. مطلب تہ هن صاف جواب ڏنو.“ سليم مجبور ٿي کولي ٻڌايو.

”هوءِ سچ چئي ٿي سليم.“ هو هوريان چوڻ لڳو، ”مون شاهده برني کي بہ تہ اهو جواب ڏنو هو.“

❋

هڪ آچر جي صبوح جو ڪيس ڊاڪٽر سليم فون ڪيو ۽ چيو، ”ريس تي هلندين؟“

”نہ يار مان ڪونہ هلندس.“ هن نٽائيندي چيو.

”اڙي اهو بہ تہ مزو وٺي ڏس، سڄي سنگت ٿي هلي.“

”چڱو.“

”جلدي تيار ٿي، اسان تو ڏي اچون ٿا؟“

”ڪجهہ پئسا ڪٽان ڇا؟“

”پلي جي شوق هجيئي.“

جڏهن هو سڀ ريس ڪورس تي پهتا تہ ان وقت سائيس گهوڙن کي ڏور واڳ ڪاهي ماٺهن کي ڏيڪارڻ لڳا. سليم گهوڙن کي ڏسندي ڪائنس پڇيو.

”ڪهڙي گهوڙي تي شرط رکندين؟“

”مونکي ڪهڙي خبر؟“

”تون اڄوڪي اخبار ۾ ريس جو صفحو ڪونپڙهيو آڇا؟“

”اون هون.“ هن ننهڪر ڪئي.
”پلا هي پڙهه. هن ۾ ڪجهه ٽپ به ڏنل آهن.“
هو سليم کان اخبار وٺي ان ڏينهن ڊڪندڙ گهوڙن جا نالا پڙهڻ لڳو. هڪ نالو پڙهندي ئي هن اخبار سليم کي واپس ڏني ۽ چيو.
”مان چوٿون نمبر گهوڙي پسند ڪئي آهي.“
”نالو ٻڌاءِ.“
”پارس.“
سليم هڪدم چرڪ ڀري ڏانهس نهاريو ۽ سامهون بيٺل گهوڙن سان چوٿين نمبر گهوڙي ڏانهن ڏسندي چيائين، ”تون هاٿي چتو ٿيندين. ٽڪي جي گهوڙيءَ تي شرط رکندين جو ان جو نالو پارس آهي؟“
”توکي گهوڙن جي سڃاڻ جي ڪهڙي خبر. اسان ان معاملي ۾ بنيادي آهيون. اڄ به اسان وٽ پنجاهه گهوڙا آهن طبيلي ۾.“ هن سليم کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.
”اڙي اها گهوڙي اڄ ته ڪانه تي ڊڪي جو ان جي قابليت لڪل هجي. اهڙيون مرزيل گهوڙيون ڪيئن ريس کٽنديون؟“
”مون کي اها ئي پسند آهي.“
”چڱو گهٽا پئسا تو رکين.“
”جيترا ڪيسي ۾ هوندا.“
”ڪيترا پئسا آهن تنهنجي ڪيسي ۾.“
”پنج هزار.“
سليم خار ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ڀرتي بيٺل پروفيسر جيلاني ۽ ڪيپٽن مسعود کي ڏسي چيائين.
”هي هن سنڌ جي مجنون جي ڳالهه ٻڌو.“
”ڇو ڇاهي؟“ هو پڇڻ لڳا.
”هي خانصاحب او هن چوٿون نمبر گهوڙي تي پنج هزار تو شرط رکي چو جو ان جو نالو پارس آهي.“
”ڪمال تو ڪرين.“ هو کيس چوڻ لڳا.
”توهان کي ڇو تو سور ٿئي پئسا توهانجا آهن ڪن منهنجا؟“ هن کي خار اچي وئي ۽ هڪدم ونڊو تي پئسا ڏئي ڪوپن وٺي آيو.
جڏهن گهوڙا اسٽار ٽنگ پوائنٽ تي بيٺا هئا، جڏهن ريفري ٺڪاءُ ڪدي ريس شروع ڪئي هئي، جڏهن هر ڪو پنهنجي گهوڙي ڏانهن ڏسندي رڙيون ڪري رهيو هو تڏهن هو سرندو ٻاهر پارڪنگ لاٽ وٽ اچي پهتو. هن کي جڻ ڪا دلچسپي ڪانه هئي. جڻ هو ائين ئي آيو هو. هن هٿ ۾ مروٽيل ڪوپن هيٺ اڇلي گاڏي اسٽارٽ ڪئي ۽ پارڪنگ لاٽ مان ڪڍي گهر هليو آيو.

*

ريس ڪورس تان موٽڻ بعد هو هيڏانهن هوڏانهن رلي جڏهن شام جو گهر موٽيو هو ته سنڌس زبان خشڪيءَ ۾ تارونءَ سان چنبڙي پئي هئي. هو دروازا بيڪڙي پنهنجي اساٽ ختم ڪرڻ لڳو. جيئن اوندهيئي ٿيندي وئي تيئن هن جي، اڄ وڌندي پئي وئي. سنڌس پاڇي ۾ ننڍين سنهڙين بوتلن جا ڍڳ تي ويا.
اوچتو اوچتو ڪنهن جي ”ڪورٽ شو“ جي ڪٽ ڪٽ هنجا ڪيپ ڪڙا ڪري ڇڏيا. هن اکيون ڦوٽاري ڏٺو ته ڪو تورو ڀر پرو بيٺو هو.
”ڪير؟“ هن رڙ ڪري اٿڻ جي ڪوشش ڪئي مگر سنڌس جنگهن ۾ ڪو ست ڪو نه هو.
اونده ۾ بيٺل پاڇولي ڪو جواب نه ڏنو.
”مان تو چوان ڪير آ تون؟“ هن رهندو ڏاڍيان رڙ ڪري چيو.
”رڙيون نه ڪر.“ ڪنهن ڏڪندڙ آواز ۾ چيو ۽ ڪورٽ شو جي ڪٽ ڪٽ سنڌس ويجهو اچي پهتي، ”مان، مان پارس آهيان.“
هن جي دل کي جڻ ڪنهن زور سان مٺ ۾ جهلي قابو ڪيو. هن جو ساهه اڏرڻ لڳو. هن ڪو جواب نه ڏنو. پارس وڌي اچي سنڌس سيني ۾ منهن لڪايو.
”ذلفي مان تنهنجي آهيان هميشه لاءِ تنهنجي آهيان.“
هوءَ سنڌس جواب ٻڌڻ لاءِ تورو چپ ٿي وئي مگر کيس ڪو جواب نه ڏيندو ڏسي پاڪر پائي سڏڪا ڀريندي چيائين، ”تنهنجون ڪوڙ ڳالهيون ٻڌيون هئم. چون پيا ته تنهنجو پيار چڙو به ڏينهن هلندو آهي. هڪ ڏينهن هڪ سان ته ٻي ڏينهن ٻي سان. مون کي تومان پو ٿيندو هو ته متان انهن وانگر مون سان به...؟“
هن کان الائي ڇو وري به اکر نه اڪليو.
هوءَ وري کيس چوڻ لڳي، ”پر اڄ ڪنهن انجام سوچڻ بنا توڏي هلي آئي آهيان. وٺي ته هميشه لاءِ پنهنجو ڪرين يا وٺيئي ته شاهده برني ۽ صوفيه وانگر... جيئن تنهنجي مرضي.“
ان وقت هن جي اکين جا جهرٽا وهي پيا ۽ هو کيس زور سان پاڪر پائي، چوڻ لڳو، ”پارس ڊارلنگ، مان توسان شادي ڪندس. سڀاڻي ئي.“
پارس خوش ٿي کيس پنهنجا چپ پيش ڪيا ۽ هو انهن کي چوسيندي پنهنجي اڄ لاهڻ لڳو.

*

ڪراچي ڪلب جو وڏو هال جيڪو رنگ برنگي بتين سان جرڪيو پئي، جڏهن گهوٽ ۽ ڪنوار پهتا ته ان موقع تي آيل بيگمات، جي پنهنجي ڏين کي نئين ماڊل جون ڪاريون ڏيئي سوسائٽي ۾ ڪانتي وانگر اڇلي ڇڏينديون آهن ۽ پاڻ فشنگ راڊ کي قابو جهلي ويهنديون آهن، گهوٽ کي ڏسي چپ پئي چٽيا ۽ پنهنجي ڪنوارين ڏين جي بجاءِ ڪنهن ٻيءَ کي ڪنوار جي حيثيت ۾ ڏسي افسوس جا هٿ پئي مليائون. بيگم برني اسپورٽنگ اسپرٽ ڏيکاريندي بيگم نياز کي چيو،
”ڪانگريچوليشنس بيگم نياز.“
”ٿئنڪ يو بيگم برني.“ بيگم نياز پنهنجو وڏو وڏو پرپس لوڏيندي چوڻ لڳي. ”پر اهو سڄو ڪريڊٽ پارس کي اٿئي.“
”ها مون کي خبر آهي.“
”اوهان کي ڪجهه خاص نه ڏيٽو پيو هوندو؟“ بيگم برني رشڪ سان چيو. هن کي خبر هئي ته ٽڙ ٽڪڙ جي شادين ۽ لو مئرجن ۾ ڪجهه نه ڏيٽو پوندو آهي.
”نه بيگم برني اهو به خدا جو شڪر آهي نه ته اڄڪلهه اهڙا چوڪرا ته لکن ۾ به نٿا ملن.“ بيگم نياز خوش ٿي گهوٽ ڏانهن نهاريو جو پنهنجي ڪنوار ڏانهن هر هر اکيون ٽمڪائي رهيو هو.
”ٻڌون ٿا ته وڏو امير ماڻهو آهي.“
”ويري رچ. بيگم برني هي افورڊس ٽو بيٽ فائيو ٿائونڊس آن اي آرڊنري ميئر بڪاز اٽس نيم وازپارس.“
پوءِ جڏهن بيگم نياز ٻين بيگمات سان ڳالهائڻ لڳي ته بيگم برني پنهنجي ڌي شاهد برني کي خار ۽ ڏک سان چيو جا ٻن مهينن کان پنهنجي ”پيريڊ“ گسڻ تي پريشان هئي.
”پر افسوس نيلي ڊارلنگ جو تو ۾ اهڙا گنس ڪونهن.“ ■

ج.ع.منگهاڻي

ڪيم هزار وڙوليون مگر نٿو ليجي
ويو ته ڪيڏانهن ويو گهر نٿو ليجي
ڪيون ته ڪنهن سان ڪيون،وارتائون،تن-من،جون
سُجهي تو آهي ڪو اهڙو ئي پر نٿو ليجي
ڏٺو ته هو مون ڪٿي رات جي ريگزارن ۾
ٿيو جو ڏينهن ته سوئي شجر نٿو ليجي
تلاش ڪيڏي ڪئي زندگيءَ رُڻ ۾ رلي
پڇي جو ماڳ تي اهڙو گذر نٿو ليجي
ٻٽي جا سور جي تسبيح لڙڪ لڙڪ پوئي
پڙهيم سدائين اها پر اثر نٿو ليجي
انا ڪٿي ٿي رهي ڪا محبتن جي اڳيان
ڪيان هزار مان سجدا سو در نٿو ليجي
مليو ته هو سهي ڪڏهن خواب ۾ همزاد
ڏسان ٿي دشت اهو رڻ ۽ بر نٿو ليجي
سنيها سنڌ اماڻي پئي جا ڪوپن کي
ڏئي جو ساک سو پيمبر نٿو ليجي
سدائين ڳالهيون هليون مقتلن ۾ محفل جون
سڏيو جي سنڌ ته هڪڙو به نٿو ليجي
ٽِڪيا اکين ۾ ستارا اباڻڪا آهن
’منگهاڻي‘ خواب اهو دربدر نٿو ليجي

رجب ٻگهيو

پيار جا پازيب پائي ٿي هلي
دل به ڪيڏو پاڻ ناهي ٿي هلي
هونئن ته آهي هوڏ واري منهنجي دل
سونهن آڏو سِرُ جُهڪائي ٿي هلي
هيرَ هٿڙن ۾ ڪٽي ڪجهه گل پوءِ
تنهنجي پاڙي جو پُڇائي ٿي هلي
پيار جون ڪجهه يار جون ڳالهيون ٻُڌي
مُسڪرائي مُنهن لِڪائي ٿي هلي
تون جي توڙي اوپرو تو لئه مگر
نيڻ واٽن تي وڇائي ٿي هلي
واهِرُو ٿئي يا ٿئي ويري وَري
وقت سان گڏ وکَ وڌائي ٿي هلي. ■

بي قياس رشتا...

منظور ڪوهيار

صبح جو ڪڪڙن آرام سان سڄي پڌر تي وٺيون پئي لاٿيون. ڪين اها ڪل ئي ڪونه هئي، ته اوچتو ڪا ڪاتي سندن ڪنڌ تي اچي پوندي.

امان حاجاڻي کي جڏهن ڳوٺ جي مولوي ۽ حڪيم ۽ بنا ڊگري واري ڊاڪٽر علاج ڪيو ته هاڻي ڦيٽن، ڦڪين ۽ دوائن کان ڪم چڙهي ويو آهي. باقي رڳو گهڙين جي ڪسر رهيل آهي، ته پوءِ ٽنهي نِڪمن پٽن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته ڏيٺ وائٺ، مٽن مائٽن ۾ اڳواٽ ٻڌائي ڇڏجي، ته جيئن ميارن کان بچي سگهجي ۽ مرڻ وقت ٽڏي تي پاهت وٺي ڇڏجي.

اها خبر، تر ۾ باه وانگر پکڙجي وئي. مايون ۽ مرد مٽي ۾ ميٽ هڻڻ جي باوجود به ٽانگن ، گڏه گاڏن، ٽريڪٽرن ، سوزڪين ۽ ڏاند گاڏين ۾ سندس منهن ڏسڻ لاءِ نڪري پيا هيا.

امان حاجاڻي جڳ جي دائي، لال وڏائي هئي. ڪيترين عورتن ۽ مردن لاءِ چپر ڇانو هئي. راڄن جي عورتن ۽ مردن تي سندس احسانن جا ٿپا لڳل هيا. هن کي خبر هئي ته الله بخش جو پٽ سائينداد جي گهر ۾ آهي ۽ سائينداد جي ڌيءَ رب رکئي جي گهر ۾ پلجي ٿي . سندس سيني ۾ ايترا ته راز دفن هيا جو ڪيترن مهمانن کي سکون پئي محسوس ٿيو، ته سندس رازن کي فاش ڪرڻ واري هاڻي دفن ٿيڻ واري آهي ۽ ڪيترن کي بي چينيءَ هئي ته هاڻي سندن اڳ پوءِ ڪير ڪندو؟

مهمانن اچڻ سان، امان حاجاڻي جي منهن جي تختي ڏسڻ ڪانپوءِ ڪائڻ پيئڻ ، سمهڻ ۽ حاجت فراغت جي ڳڻتيءَ ۾ لڳي ويا. جن مهمانن اڳ ڳڻتي ڪئي هئي، تن کي گهرجي ڪا چڱي چوکي ڪنڊ، بسترو ۽ ماني نصيب ٿي هئي. جيڪي منهن جا ڪوئنرا هيا، سي سراسر نقصان ۾ ويا . پر انهن اهو سوچي صبر ڪيو ته ڏکي سکي رات آ گذري ويندي.

ٻئي ڏينهن تي، ڪچڙي منجهند تائين امان حاجاڻي جو سڄو گهر مهمانن سان پرجي چڪو هيو. پر امان حاجاڻي جو ساه لڪي ۾ هلي رهيو هيو. مهمانن جي خاطر مدارت لاءِ ٽنهي ننهرن ڪا ڪسر ڪونه ڇڏي. امان حاجاڻي جي باقي بچيل ڪڪڙن کي گهر جي ٻارن ڊوڙائي ڊوڙائي پئي جهليو. جيڪي ڪڪڙ موت جي خوف کان ڪٽن هيٺان لڪيا پئي، تن کي ٻارن پچن کان پڪڙي ڪهڻ وارن کي ڪڍي پئي ڏنا.

ٻيو ڏينهن به انتظار ۾ گذري ويو. جڏهن ته ننهرن غلاف جو ٽڪرو، ڄافر ، زم زم جو پاڻي ، عطر، ڪافور ويندي ستر پوشي ، نقابو ، ڪفني ۽ ٻُتن تائين هر شيءِ تيار ڪري رکي هئي ، رڳو امان حاجاڻي جي مرڻ جي دير هئي.

ورندو ٽيون ڏينهن خدا جو ٿيو. هاڻي امان حاجاڻي جي گهر ۾ نم واري اڱڻ تي، نئين ڦٽل ٻورجي خوشبوءِ جي باوجود ، مهمانن جي ٻارن جي بي وقت حاجت فراغت ، هڪ ساڙيندڙ بانس ڦهلائي ڇڏي هئي . ڪافي مهمانن تي بيزاري جا آثار نمايان ٿيڻ شروع ٿي چڪا هيا. خاص ڪري وڏين عمرين وارن مڙسن کي، جن کي پنهنجين نوجوان زالن تي شڪ ٿيڻ شروع ٿيو هيو، ته انهن پنهنجي جوانيءَ جا رنگ روغن ڏيکارڻ شروع ڪيا آهن. سندن عورتن جي بي باڪ مرڪن ۽ لوڏ کين پريشان ڪري وڌو هيو. هو سوچڻ لڳا، ته ائين نه ٿئي جو ڪين ڪارو ڪاري جي ڪيسَ ۾ جيل پوڳڻو پئجي وڃي ۽ هو زندگي جي آخري لذتن کان به محروم ٿي وڃن.

چوٿين ڏهاڙي گهر جا سڀئي ڪڪڙ ، پٽاٽا ۽ بصر ختم ٿي چڪا هيا. گهرجي مالڪن ۽ مهمانن دل ئي دل ۾ جڻ هڪ آواز ٿي پئي چيو ، امان حاجاڻي رضا ڪرڻ ۾ حد ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ته سندس ٽنگيل ساه کي هيڏي هوڏي ڪرڻ لاءِ سياڻين سيبتن عورتن ٽڪا پنجا ڪندي ڪيس ڪن ۾، نه آيل مٽن مائٽن جا سلام ڏنا هيا. ڳوٺ جي مُلياڻي جي چوڻ تي ، ڏه ويهه روپيه ڏيئي ڪيس جيئري قرآن بخشرايو ۽ ياسين سڳوري جو دم ڪرايو ويو هيو. پر امان حاجاڻي جو ساه جڏهن ساڳي ٽڪ هنيو بيٺو رهيو، ته پٽن ۽ ننهرن مولوي عبدالقادر کَي گهرايو. مولوي عبدالقادر ڏاڙهي کي مُٺ ۾ ڪندي پاڻ حيرانگي جو اظهار ڪيو، ته رسول جي چانئٺ چمندڙ ٻانهي جي سڪرات ۾ سختي ڪيس سمجهه ۾ نٿي اچي. هن سڪرات سولي ڪرڻ لاءِ مالڪن کي آسان نسخو ٻڌايو، ته مال جو صدقو ڪڍيو وڃي. گهر جو سوءِ ڪو ڪونهون ڪسجي پيو ته دليون هٽندڙ مهمان به ٽڪي پيا.

صدقي ڪڍڻ ڪانپوءِ ، پنجين ڏهاڙي تي هر ڪنهن کي اهو آسرو هيو، ته اهو ڏينهن امان حاجاڻي جو آخري هوندو. انهيءَ ڪري هرننهن پنهنجي پنهنجي حساب سان مڪمل تياري ڪري ڇڏي هئي، ته ڪنهن کي پار ڪڍي روئڻو ، ڪنهن کي منهن ۾ چنبو هڻڻو ۽ ڪنهن کي ڏندڻ پوڻا آهن . ليڪن ائين نه ٿي سگهيو. امان حاجاڻي جو ساهه اڪڙجندو رهيو، پر نڪرڻ کان نابري واري ويٺو. سندس ننهرن جن پنجن ڏينهن ڪانوڻي صبر جو مظاهرو ان آسري تي ڪيو هيو، ته سس جي جمعاڻي ڪانپوءِ گلا شروع ڪنديون ، تن ان انداز سان گلا ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي، "مائي ڪرند پسند آ... ڪنوارين جا ڪچا ٻار ڪيرائي پراوا ساهه وٺندي هئي.. اڄ پنهنجوساه قدرت واري ڪٽي ٽنگيو اٿس."

ڇهين ڏينهن تي گهر ۾ عجيب مامرو ٿي ويو . جڏهن امان حاجاڻي صبح جو اکيون پٽي ، هٿ جي اشاري سان پاڻي گهريو . پاڻي پيئڻ ڪانپوءِ جڏهن ڪَنن تي هٿ هڻي، مٿان بيٺل ننڍي پٽ کان اشارن سان سونين والين جو پڇيائين، ته سندس ننڍي پٽ زور سان رڙ ڪندي پڇيو،

"امان جون واليون ڪنهن لاٿيون آهن؟"

سڄي گهر ۾ ان آواز جو پڙاڏو گونججي ويو، "واليون ڪنهن لاٿيون آهن؟"

"پوئين اَسر تائين ته واليون هيون، پوءِ ادي جنان سيرانديءَ کان ويٺي هئي." ننڍي ننهن تڪڙ ۾ پنهنجي مڙس جي سوال جو جواب ڏيئي پنهنجي جان آجي ڪرائي.

"جنان ڪاڏي مري وئي؟" گهر ۾ وڏي پٽ جو سوال گونجيو.

وڏي ننهن پڄندي آئي، "مان وٽ آهن مان وٽ. . . امان رات هر هر پئي کَن کنهيان،ته مون سمجهيو ته واليون ٿيون تنگ ڪنس الائي ڇا، سو لاهي ڪٽي پاڻ وٽ رکيم. ٻيو ته خير آهي؟" جنان سياٽپ سان ڳالهه ڪٽي وئي . چوويهه سونيون واليون رومال جي ڳنڍڙيءَ مان نڪتيون ۽ هڪ هڪ ٿي، امان حاجاڻي جي ڪنن ۾ وري پئجي ويون.

ٽنهي ڏيراڻين جي منهن جا پنا لهي ويا، ته جيڪڏهن امان حاجاڻي جي زبان کلي پئي ته انهن جيڪو رات جي وڳڙي ۾ چيو آکيو هيو، ان جو ڇا ٿيندو؟ ٿوري دير ڪانپوءِ ، جڏهن امان حاجاڻي جون اکيون وري وڃي ڇت ۾ لڳيون ۽ نڙيءَ ۾ ڪرڪرو ٿيڻ شروع ٿيس ته انهن کي ڪجهه دلجاءِ ٿي.

ستين ڏينهن، ٿي مايوسي پنهنجي انتها تائين پهچي چڪي هئي. آيل مهمان پاڻ ۾ ٿوري گهٽي تي ، ٽڪرن جيان ٺهڪڻ لڳا هيا. گهر ڀاتين ۾ بيزاري عروج تي پهچي چڪي هئي. گهر جا ٻار خواه مخواه ڪٽجڻ سٽجڻ لڳا هيا. ننهرن مسلسل ڪم ڪار ۽ مٽي جي سور ڪري پنهنجن مٽن سان پيندڙيون ٻڌيون هيون. پُٽن ۾ چِتڪتائي اچي وئي هئي. ڪُڇي نه پئي سگهيا جو ماءُ ماتا هئي، ڄٽي ڏيهه ڏيکاريو هيائين.

"آخر ڇا ٿيندو؟" سمورن گهر ڀاتين مسجد ۾ وڃي. مولوي عبدالقادر کان پڇيو.

"هڪ ٻيو ڪونهون صدقي ۾ ڏيو." مولوي پڇيل سوال جو ترت جواب ڏنو.

"ٻيون ڪونهون!" سڀني حيرانگي ۾ گڏيل رڙ ڪئي.

" ان ڪانسواءِ ٻيو حل ڪونهي. جيئن ڪتابن ۾ لکيل آهي،اوئني ٿو ٻڌايانوَ." مولوي سنئون سڌو جواب ڏيندي چيو.

وڇين پٽ پنهنجو ڪونهون ڪسندي ڪسندي ، ماءُ جي سڪرات سولي ڪرڻ يا جڳ کي ڏيکارڻ لاءِ ڏنو، ته مهمان ويندي ويندي، اهو سوچي رهي پيا ته هڪ منو خفو ڇڏائي گهر پيڙو ٿجي ته بهتر آهي.

اٺين ڏينهن تي، امان حاجاڻي جي مرڻ جي شدت سان انتظار ٿيڻ لڳو . نه صرف گهر وارا بيزار ٿي چڪا هيا . پر ڳوٺ وارا ماٺهون پڻ. جيڪي ڏٺل وائٺل مهمانن جا ويلا جهلي جهلي ٿڪجي پيا هيا. ڊگهي مهمان نوازي کين ڳچيءَ ۾ پئجي وئي هئي. سواءِ ڳوٺ جي دوڪاندارن جي، جن امان حاجاڻي جي سڪرات واري حالت جي وڏڻ جون دعائون پئي گهريون .

امان حاجاڻي اتين ڏينهن ٻه هڏڪيون ڏيندي رهي ۽ سيئي ويچارا ٽي ڪيس ڏسندا ا رهيا. ڪنهن ڪي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته انهيءَ ۾ آخر قدرت جو ڪهڙو راز آ؟“

مولوي عبدالقادر وٽ، گهر جا ڀاتي ڇڻ آخري فيصلي لاءِ پهتا هيا، ”تو چيو هيو، امان جي سڪرات سولي ٿيندي- ٻن ڪونهن جي قربانيءَ ڪانپوءِ ٻه، ڇوٽڪارو نه ٿو ٿئي، آخر ڇو؟“ ،اهو سمورو گهر ڀاتين جو گڏيل سوال هيو.

”جڏهن الله جو اَمر ٿئي. باقي اوهان مال جي قرباني ڪندا رهو.“ اهو مولويءَ جو جواب هيو.

”ادا مولوي، تون قرآن جو پڙهيل آ. توسان ڪوڙ ڪهڙو. هاڻي رڳو منهنجي وچ ٻچي آ، سا ٻه پيران پير جي باسيل آ... مينهون ڍٺاريون ته اڳيئي ڊڪيون آهن.“ جنان، مولوي کي ڇڻ گهرجي باقي ٻچيل ڍور ڍڳين جي صورتحال ٻڌائيندي پارت ڪري ڇڏي.

”ان کان سواءِ ٻيو چارو ڪونهي، مائي!“ مولوي ٻه مجبوري ڏيکاري .

مولويءَ جي انهيءَ اٽپي جواب تي امان حاجاڻي جو وڏو پٽ چڙي ڇيو،

”باقي ، تون ٺوٺِ جيڏي ڏاڙهي رکائي، مولوي ڇا تي ٿيو آ؟ گهر جون گُنديون وجي تري سان لڳيون آهن ۽ تون آ جو سڌو دڳ ٻڌائين ئي نٿو؟“

مولوي عبدالقادر پراڻي رستي، گراهڪي ۽ ٻين ڳالهين جو لحاظ ڪري خفي نه ٿيو. ڪانئن ڪجهه گهڙين جي مهلت گهري حُجري ۾ ويو . هن ورق ورق ٿيل پارسي، عربي ۽ سنڌي ڪتاب اٿلايا. ڪا جهٽ ڪن اڪيون ٻوٽي استغراق ۾ هليو ويو ۽ جڏهن اُٿيو ته مشڪندي اچي مالڪن کي ٻڌايائين:

”مبارڪون هُجنو، سچي خبر پئجي وئي.“

”جائي ادا ، اڄ امان حاجاڻي گذاري ويندي؟“ وڏي ننهن اندر جي خوشي لڪائي نه سگهي.

”نه“ مولويءَ جواب ڏنو.

”ته پوءِ؟“ سيني ڀاتين حيرت ۾ وراڻيندي پڇيو.

”ڇڪ ڇڪان لڳي پئي آ. ملائڪ سڳورن ۽ پيرن فقيرن ۾ ٻئيءَ ڏريون امان حاجاڻيءَ کي ڇڪيون بيٺيون آهن.“

”ادا، امان حاجاڻي جي پاسي پير الائي ڪهڙا؟“ جنان وري وچ ۾ ٽبنڪو هڻندي ڳٽيءَ منجهان پڇيو.

”مائي ڊنب هيو ملائڪن ۽ پيرن جو، مان هڪ هڪ کي ڇتائي ته نه ڏنو؟“ مولوي خفي ٿي ويو.

”ڏيکاري ائين ٿيندي آ، تون بس ڪر.“ مڙسنهنس جنان کي ڇنڀيو.

”ڇا ٿو سمجهين ڇاڙهو ٿيندو يا؟“ ننڍي پٽ ڳٽيءَ ۾ ڪياڙي ڪنهندي پڇيو.

”انشاءَ الله، لڳي ٿو ته امان حاجاڻيءَ جا پير زور ٿيندا- باقي مان توهان کي ڪير پڙهي ٿو ڏيان، جيئن هونش ۾ اچي ته پياري ڇڏجوس.“ مولوي وراڻيو.

گهر جا ڀاتي ڪير پڙهائي مسجد مان موٽي آيا ته گهر ۽ ڳوٺ ۾ ڇئوٻول ٿي ويو . هر ڪنهن مولوي عبدالقادر جي ڳالهه تي ويساهه ڪيو، ڇو ته ڪين يقين هو ته ڪيس پراڻن ۽ شهيد ٿيل ڪتابن جو وڏو علم آهي.

ٿنهي ننهرن کي ڊڪر چڙهي ويا. پاڻ ۾ سس پُس پئي ڪيائون ته ان ڪاٺ جي پيتيءَ جو ڇا ٿيندو ، جيڪا انهن وڏي مشڪل سان امان حاجاڻي جي ڪٺ هيٺان صفائيءَ سان ڪدي هُريءَ ۾ لڪائي آهي، جيڪا اجا ڪولي ٻه ناهي ڏٺي ته منجهنس ڇاڇا پيل آهي.

سڪرات جي نائين رات هئي. امان حاجاڻي جي نڙ گهٽ مان ڪرڪرو ڪڏهن تيز ڪڏهن آهستي هلي رهيو هو، جنهن مان ظاهري طور تي ڪوبه اندازو نه پئي ٿي سگهيو ته امان حاجاڻي ڪهڙي پر ٿيندي . پر مهمانن ۽ گهر جي ڀاتين کي مولوي عبدالقادر تي اعتبار هيو. ان ڪري ڪيترن مهمانن سمهڻ کان اڳ اهو پڪو فيصلو ڪيو هيو، ته ڇا ٻه ٿئي، هو سڀاڻڪي سڄ ۾ ڪک پن تي ويندا. ٿنهي پٽن، ماءُ تي آخري صلوات شوڪاري ۽ پوءِ چيلهه سڌي ڪرڻ لاءِ، زالن کي ماءُ وٽ ڇڏي،پاڻ ٻاهر وڃي آرامي ٿيا.

سڄي عمر ماءُ جي ميڙي چونڊي ڪائيندڙ پٽن، جن ڪڏهن ڪک پڃي ٻيڻو نه ڪيو. اڄ ٻيلچي هڻڻ ۽ ڪاٺي ڪٽڻ جهڙن پوائٽن خوابن ڪانسواءِ مٺي ننڊ پئي ڪئي. ڪين اطمينان ٿي چڪو هيو ته ماءُ جي پورهئي مان اجا سندن داڻو پاڻي لکيل آهي.

مڙسن جي هدايت مطابق ٿنهي ڏيرياڻين کي ويهي ڏينهن ڪرڻو هيو . انهيءَ ڪري نه ته، امان حاجاڻي جي رضا ڪرڻ جي صورت ۾، ڪين اکيون وٽيون يا وات بند ڪرڻو هيو. پر تاڪيد سان چيل هين ته ڪيس سرت ايندي ئي پڙهايل ڪير جو هڪدم ڍُڪ پرايو وڃي. ٿنهي ڏيرياڻين جون وسوسي ۽ هُٿ ڪٽي ۾ گهڙيون پئي گذريون ۽ دل پئي هلي. انهن کي رڳو ان ڳالهه پئي ماريو ته امان حاجاڻي سرت ۾ اچڻ ڪانپوءِ جي ڪٺ جي هيٺان ليئو پائي ڏنو ته ڇا ٿيندو؟ هر ڏيرياڻي کي ٻي جي ساٿ ۽ سچائي تي گهٽ اعتبار هيو، توڻي جو قسما قسمي ٿيل هئي. رکي رکي هٿن ۽ اکين جي عجيب وغريب اشارن ۾ هڪ ٻئي سان ڪو مخفي انداز ۾ اظهار ٻه پئي ڪيائون.

هئو مئو ٽري چڪو هيو. گدڙن جون اوناڙيون ڪڏهن تيز، ڪڏهن آهستي ٿيڻ لڳيون هيون. جواب ۾ ڪنهن ڪتي جي ڀوءنڪ يا رُوڙ ٻڌڻ ۾ پئي آئي. رکي رکي ٽيٽهر جو آواز رات جي سانت کي پئي چيريو . رات پنهنجا ٻه پهر ٽپائي، ٽئين پهر ۾ داخل ٿي چڪي هئي.

هر ڪو گُهگهَه ننڊ ۾ هيو ، سواءِ ٻي چين عاشقن ۽ بيمارن جي، جن ٻي چينيءَ وچان پاسا ورائيندي پئي ڪنگهيو ۽ ٽُڪيو . ڪڪڙن آهستي آهستي هڪ ٻئي پٺيان ڏَس هڻڻ شروع ڪري ڏنا. خير سان وڏو اَسرُ ٿي چڪو. پر اوچتو ئي اوچتو ناخيري آوازن، سٺل مهملن ۽ گهر جي ڀاتين ۾ ڦڙڦوٽ وجهي ڇڏي . سيني امان حاجاڻي جي ڪمري ڏانهن وٺي ڊوڙ پاتي ۽ اندر گهريا. بتي جي جهيڻي روشني ۾ ڏٺائون ته امان حاجاڻي جو وات ڪليل ۽ اکيون ڦوٽاريل هيون. گهڻن ڏينهن جا روڪيل سيني مردن ۽ عورتن جا ڊنڊڪار، وڇئين ننهن جي اوسارن ۽ ننڍي ننهن جي پٽڪي سان شروع ٿي ويا . اُپ ڏاريندڙ روڄ ۽ راڙي ۾ ڪنهن سار ئي نه لڌي؛ ته بيهوش ٿيل وڏي ننهن کي ڪو پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي اُٿاري ۽ سندس پڪوڙيل هٿن مان وٺيل رئي کي ڇڏائي. ■

غزل

سڪندر شيخ

خالي گهر ڳالهائن ٿا
ڳڙڪيون در ڳالهائن ٿا
توکي جي ادراڪ هجي
وڻ، پٿر ڳالهائن ٿا
پنهنجي پنهنجي ڪوٺي تان
ڪيئي پهر ڳالهائن ٿا
تون آئين خاموش ڪهڻ
پر خنجر ڳالهائن ٿا.

*

عجب شيخ

پاڻ سان پنهنجا ڏسي پاڇا مسافر گس تي
سوچ ۾ گم ٿي ويو تنها مسافر گس تي
خواهشن جي ور چڙهي ويٺو وڃائي حوصلو
روشينين جي شهر ۾ هڪڙو مسافر گس تي
گل سڳيون اجرڪ ۽ چوڙيون ڳوٺ کان آيو ڪٺي
سڀ رکي آهي سٽو تحفا مسافر گس تي
بسترن جي هنج ۾ ماڻهو سيئي آهن سٽل
ڪو اڪيلو ٿو ڏئي پهرا مسافر گس تي
ڳوٺ کي آيو ڇڏي آهي جڏهن کان هت عجب
سر مٿان سهندو رهيو ڇا ڇا مسافر گس تي

*

گڏ ڪٽي ڪا سنيار آواره
گذري پيئي ڄمار آواره
ڪوڙ خانه بدوشيون اڙپي
ويئي هڪڙي نهار آواره
زرد پٽن جا لاش دفنائڻ
آهي پهتي بهار آواره
موسمن جون هنيانءُ ڦاٽي ٿو
ويڙه هي پنهنجا وار آواره
هن ته خود ئي صليب طلبيو هو
جڳ تي ڪهڙي ميار آواره
شاعريءَ جي جهان ۾ پهتي
منهنجي دل جي پڪار آواره.

*

فراخ جانوري

پيار آهين پريت آهين
من جو محبوب ميت آهين
هي زمانو ته هار وانگي
منهنجي جيون جي جيت آهين
جنهنکي دل روز دل سان ڳائي ٿي
چين ڏيندڙ سو گيت آهين
ساهه ۾ ڪيئن نه توکي سانڍيان
سڪ، سچائيءَ جي ريت آهين
زندگي تو سوا اڌوري آ. ■

ڪولڊ شولڊر...

پرويز

رئيس مشتاق علي خان پنهنجي گاڏيءَ ۾ ٽنڊو محمد خان کان ٿيندو حيدرآباد پئي ويو.

فتح چوڪ کي ويجهو پهتو ته اڳيان روڊ بلاڪ هو. ٽائر پئي سڙيا، جن جي دونهن ۽ بدبوءِ سڄي ماحول کي موڳو ڪري ڇڏيو هو. اڳيان ماڻهن جي هٽن ۾ لنيون، ڪهاڙيون ۽ ڏڪا هئا. پڙدڪ متو پيو هو. اُپ ڦاڙ نعرن جي گونجار ٻُري رهي هئي.

"ظالمو، جواب ڏيو. خون جو حساب ڏيو."

"وحشي پوليس وارن تي- لعنت."

"بي حس انتظاميه تي- لعنت."

"گونگي ٻوڙي حڪومت تي..."

"ظالمو، قاتلو، جواب ڏيو. ظلم جو حساب ڏيو."

"بي گناهه قتل جو جواز ڏيو."

خبر پئي ته ويجهو ئي ڪنهن ڳوٺ جي هڪ بيگناهه ڳڀرو نوجوان کي ڪنهن جي چُرچ تي، حد جي پوليس ڏاڙيلن جو ساٿاري ڄاڻائي، رات جو سُتن ماڻهن گهر تي ڇاپو هڻي، چادر ۽ چوديواريءَ جي تقدس کي پائمال ڪري، گهر اندر گهڙي، عورتن ۽ ٻڍڙن جي بي حرمتي ڪري، گرفتار ڪري وٺي ويئي هئي. رات، سڄي رات مٿس تشدد ڪيو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ هو مارجي ويو. فجر مهل پوليس سندس لاش کي سندن گهر اڳيان ڦٽي ڪري وئي.

انهيءَ ظلم خلاف زبردست ڌرڻو هنيو. ڌرڻي جي ڪري سموري ٽريفڪ جام هئي.

*

مشتاق جي گاڏي به اچي قطار ۾ بيهي رهي. ڊرائيور سائيڊ واري پٺين سيٽ تي رئيس مشتاق علي خان ويٺل هو. ڪو منٽ اڳ مس گذريو هوندو جو هڪڙي ڪلٽس سوزوڪي ڪار به اچي ٽويوٽا ڪار جي پاسي ۾ بيٺي. رئيس مشتاق ڊرائيور ڪانسواءِ اڪيلو گاڏيءَ ۾ هو ته ڪلٽس ڪار ۾ به هُن سان گڏ فقط ڊرائيور ئي هو. هوءَ خالي سائيڊ واري پٺين سيٽ تي ويٺل هئي. گاڏيون ٻئي برابر ۾ بيٺل هيون. تنهن ڪري هُن ٻنهي جي وچ ۾ مشڪل سان ڪو ٻن فوٽن جو فاصلو هو. مردن کي ته هونئن به نوس نُوس ڪرڻ جي عادت هوندي آهي. ۽ وري جي ڪو اهڙو موقعو ملي ٿو وڃي، جنهن ۾ هو ٻئي هڪ ٻئي جي ويجهو، بنهه ويجهو، مرڳو ويجهو، ايترو ويجهو جو هڪ ٻئي جي بدن جي خوشبوءِ به هڪٻئي کي ڇُهندي هجي. ته پوءِ ڪيئن ٽا پانيو؟ سو هُن جي سراپا کي سُرهاڻ بخشيندڙ پئرس اسپري جي ڪنول جي گلن جهڙي خوشبوءِ به رئيس مشتاق علي خان کي پهرئين ڏڪ ۾ ئي مست ڪري ويئي. رئيس تمام اونهون ۽ گهرو ساهه کنيو ۽ ڏانهس نهارڻ لڳو.

"واهه سبحان الله. سڀ ساراهون سڄي ڏٽيءَ جي نالي. پر ٻيلي، ڳالهه هتي به گهٽي هئي..." دل ۾ سوچيائين.

هن به مشتاق علي خان جي نگاهن جي تپش کي محسوس ته ڪيو. پر بظاهر اڻڄاڻ بڻي ويٺي رهي. سندس نگاهون سامهون ڪنهن نقطي تي ڄميل هيون. واقعي ائين هو يا نه هو. پر مشتاق علي خان محسوس ڪيو ته هوءَ سندس بيقراريءَ ۽ ڪن پل ۾ ئي لڇڻ ڦٽڪڻ شروع ڪري ڏيڻ مان لطف اندوز ٿي رهي هئي ۽ پنهنجي سانتيڪي رويي ۽ سڪون سان ويهي، رئيس مشتاق سان لاتعلقيءَ جو ڏيکاءُ ڏيئي رهي هئي.

۽ جڏهن رئيس مشتاق جي ضبط پنهنجا پيند پٽڻي وڌا ۽ انساني اخلاقي پابندين تان پاڻمرادو پهرا هٽي ويا، تڏهن بي اختيار رئيس مشتاق علي خان جي وات مان بنهه ڌيمي آواز ۾ هي لفظ نڪري ويا،

"واهه سائين واهه..."

رئيس جو آواز ٻڌي سندس ڊرائيور جڻ ڇرڪ پري جاڳي پيو. چيائين،

"جي سائين، اوهان ڪجهه چيو؟"

"ها، مون ٿي چيو ته لهي ٿورو اڳيان وڃي ڏس ته ڪهڙي پوزيشن آهي ۽ رستي کلڻ ۾ اڃا گهٽي دير لڳندي؟" رئيس به ڊرائيور جي بدحواسيءَ مان فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي.

مشتاق علي خان ڏٺو ته جيئن ئي سندس ڊرائيور گاڏيءَ مان لٿو، تيئن ڪلٽس ڪار جو ڊرائيور به پاڻمرادو گاڏيءَ مان لهي اڳيان وڃڻ لڳو. دل ۾ سوچيو،

"خدا جي مار پوين. رستا روڪ ڪيو بيٺا آهن. الائي ڪهڙي ڳالهه هوندي؟"

۽ جڏهن ڊرائيور ٿورڙو ئي پرپرو ويا، تڏهن مشتاق علي خان ڏانهس ڀرپور نهاريو. هن پيري هُن به رئيس ڏانهن نهاريو. هڪ اُچاتري نگاهه سان هڪ اڻڄاڻ نظرن سان. ۽ رئيس مشتاق علي خان انهيءَ ئي تاڙ ۾ هو. تنهن همت ڪري چيو،

"واهه رب العالمين، واقعي تنهنجي نعمتن جو ڪو پرو پاند ڪونهي. ڇا ته حسين آهي تنهنجي ڪائنات... ڪيڏو نه خوبصورت جهانُ آهي تنهنجو... واقعي رب، تون ۽ تنهنجي ملوڪڙي ڪائنات سجدي لائق آهي... پوڄا لائق آهي. حق موجود... حسن موجود... سدا موجود..."

ڏٺائين ته مُرڪ سندس محبوب چپڙن تي ڊيل جيان ٽلي رهي هئي. ۽ هُن انتهائي دلربائيءَ ۽ ڪهي وجهندڙ ادا سان رئيس ڏانهن نهاريو. ۽ پل اڌ پل نهاري، پنهنجي نيڻن کي وري پلڪن جي جهالرن ۾ لڪائي ڇڏيائين. ۽ انهيءَ ادا رئيس جي بدن ۾ باهه جا مچ مچائي ڇڏيا. بي اختيار سندس وات مان نڪري ويو،

"لک لائق... وڏي مهرباني... انهيءَ نظرِ عنايت لاءِ."

جڏهن ڏٺائين ته ٻئي طرفان ڪو رِدعمل ظاهر ڪونه ٿيو ته هڪڙو ڀيرو وري دل جهلي چيائين،

"معاف ڪجو، هر هر بي اختيار نگاهه توهان ڏي ڪڇي ٿي وڃي. پر اکين جو به ڪهڙو ڏوهه. توهان ته شيءِ ئي اهڙي آهيو جو هي ويچاريون اکيون بيوس ٿيو وڃن."

"ساراهه به جي حد اندر هوندي آهي ته وڻندي آهي. ۽ جڏهن حد ٽپي خوشامد ۽ مسڪا پاليسي ٿيندي آهي. تڏهن پاڻ تان جهان کلائيندي آهي." هُن ڏاڍي نرم لهجي، وڻندڙ آواز ۽ اهڙي مضبوط انداز ۾ چيو جو مشتاق علي خان جا تاڪ لڳي ويا ۽ هو پاڻ کي سڳ سودو پڪڙيل چور جيان هلڪڙو ۽ خسيس محسوس ڪرڻ لڳو. ڏڪ پچائڻ ۾ ڪيس ڪجهه ساعتون لڳي ويون. پوءِ وري سموري سگهه سميٽي چيائين،

"شايد توهان کي پنهنجي خوبصورتي ۽ نزاڪت جو اندازو ڪونهي. يا توهان ڪڏهن ان پاسي غور ئي ڪونه ڪيو آهي. نه ته جيڪر منهنجي دل مان نڪتل سچ کي توهان ڪوڙي خوشامد ڪونه چئو ها."

"هروڀرو ائين به ڪونهي. دنيا ڏاڍي وسيع آهي." لاغرضيءَ جو مظاهرو ڪندي چيائين.

"خير، توهان مڃو يا نه، پر توهان ته 'توهان' آهيو. ٻيو ڪوبه 'توهان' ڪونه ٿو ٿي سگهي." رئيس مشتاق علي خان واکاڻ جو هٿيار استعمال ڪندو ئي رهيو.

"هر ڪنهن ماڻهوءَ جي نگاهه جي حد پنهنجي پنهنجي هوندي آهي. جنهن جي جيترو vision هوندو، ان کي دنيا اوتري ڏسڻ ۾ ايندي. پر اُن نگاهه کان اڳتي به هڪڙو وڏو جهان موجود آهي. جيڪو هر ڪنهن کي ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي. اسان کي سڄي جهان تي نظر رکڻ کپي." هُن سنجيدگيءَ سان وراڻيو.

"بيشڪ توهان درست ٿيون چئو. مجبوسين ته اسان جي ويزن محدود آهي. پر اُن جي باوجود به، قدرت جي ڪنهن انمول شاهڪار کي ڏسي، اُن جا ۽ اُن جي خلقتهار جاڳڻ ته ڳائي سگهجن ٿا."

"مون ڪڏهن چيو ته توهان پنهنجي خلقتهار جاڳڻ نه ڳايو. مون ته رڳو اهو چيو پئي ته ڪنهن شيءِ جي اجائي واکاڻ، جيڪا واکاڻ نه رهي، سا ساراهه ڪندڙ کي تچ ظاهر ڪري مٿانهس جڳ کلائيندي آهي. ۽ اها ڳالهه هاڻ به چوان پئي." ۽ هُن جڏهن اهي لفظ چئي هڪ ڀرپور نگاهه رئيس مشتاق علي خان تي وڌي ته جڻ رئيس ڪکو وکو ٿي ويو. پر رئيس ڏڪ پچائي ويو،

"خير، ان بحث کي اتي ئي ٿا ڇڏيون. توهان ٻڌايو، توهان جا ڪهڙا حال آهن؟"

"جهڙا ڀلا هجڻ گهرجن، تهڙا آهن."

"ڪٿي رهندا آهيو؟"

"مٺيءَ ۾."

"هيڏانهن ڪيڏانهن پيا وڃو؟"

"حيدرآباد."

"ڪهڙي سلسلي ۾؟"

"مان سمگلنگ ڪندي ٻڌجي ٽاٽي تي ڪانه آئي آهيان. جو صوبيدار اڳيان سيني سوالن جا جواب ڏيڻ جي پابند هجان." طنزيه مرڪ سندس لبن تي ڪينچل ڪرڻ لڳي.

"ناراض ٿي ويون؟"

"ناراض نه، پر اجاين سوالن مان بيزار."

"ٺيڪ آهي. وڌيڪ ڪو سوال نه ڪبو. ڀلا توهان

پنهنجو موبائيل نمبر ڏيئي سگهو ٿيون؟“

”ڇو؟“

”ته جيئن رابطو ڪري سگهجي.“

”ضرورت ناهي؟“

”پلي توهان کي ضرورت محسوس نه به ٿئي، پر مان سمجهان ٿو ته جنهن تصوير جي تصور ۾ مون ڪيترا سال رهي اوسيئڙو پئي ڪيو آهي، سا اڄ منهنجي آڏو آهي. ۽ مان اُن تصوير جي حقيقي روپ کي وڃائڻ نٿو چاهيان.“ رئيس هڪ ڀيرو وري مسڪو هنيو.

”اڄڪلهه جي نوجوانن کي ڪنهن تصوراتي دنيا ۾ رهي پنهنجو وقت ضايع نه ڪرڻ گهرجي. نوجوانن کي زندگي گذارڻ لاءِ اڄڪلهه وڏا چيلينج سامهون آهن. انهن کي فيس ڪرڻ گهرجي. ملڪ، قوم ۽ پنهنجي ڌرتيءَ کي نوجوانن ۾ وڏيون اميدون آهن. تنهن ڪري انهن کي فضوليات کي رد ڪري صحيح ڏگ ڳولڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.“

”هر ڪنهن جون پنهنجون پنهنجون ترجيحات آهن. ڪنهن کي زبردستي ته ڪنهن خاص مقصد جو پابند نٿو بڻائي سگهجي نه؟“

”بلڪل درست. ساڳي طرح جيڪڏهن مان به توهان جي ڪيل مطالبي جي جواب ۾ توهان جو ئي بيان ڪيل مؤقف اختيار ڪريان ته ڇا چوندؤ؟“

”ٻيو ته ڪجهه به نه، پر ايترو ضرور چوندس ته اڳي مان رڳو تصوراتي تصوير جي لاءِ ويراڳي بنيل هوس. ۽ هاڻي توهان جي حقيقي روپ کي ڳولي لهڻ ئي منهنجي زندگيءَ جو سڀ کان اول ۽ آخر مقصد هوندو.“ رئيس مشتاق علي خان پڻ سنڌ جي روايتي وڏيرن وانگر قومي مفادن واري ڳالهه کي رد ڪري پنهنجي ذاتي عياشيءَ جي حصول جو مقصد بيان ڪيو.

”پر اِهو ضروري ته ڪونهي ته جيڪا شيءِ، جيڪو چاهي، تنهن کي ملي وڃي؟“

”مليو ته ملندياس، نه ته گهوري جان جتن تان... هونئن به آسرن ۽ اميدن تي دنيا قائم آهي. جڏهن ڪنهن خيالي تصوير جي تصور ۾ ڪي ئي سال گذاري سگهجن ٿا، ته پوءِ روبرو ڏٺل هستيءَ جي حسين ياد ۾ باقي زندگي گذاري ڇڏڻ ڪو مهانگو سودو ناهي.“

”اڻ ڄاتل ماڻهن ۾ وڏيون وڏيون توقعائون رکڻ جي عمل کي ڪنهن به عقلمندي ڪونه ڪوٺيو آهي.“

”چاهڻ وارا وري ڪڏهن کان عقلمند ٿيا؟ چريائي ته هوندا آهن.“

”پر پوءِ به اڳياڙي ۽ پڇاڙيءَ جي ڪجهه ته خبر هئڻ گهرجي نه!“

”تڏهن ته توهان کان پڇيو هوم ته هيڏانهن ڪيڏانهن پيا وڃو. هونئن مان رئيس مشتاق علي خان آهيان. شاهه ڪريم بلڙي جي پاسي ۾ زمينداري اٿم. ۽ توهان...؟“

”مني.“

”جي؟“

”جي ها، مني.“

”...“

”توهان ته مني ’شهر‘ جو نالو ٻڌايو هو؟“

”ها. پر ڪي ڪي مائٽ پيار مان پنهنجي ڌيءَ تي به ’مِني‘ نالو رکندا آهن.“

”اڇا...“

”اِها ڪا حيران ڪندڙ ڳالهه ته ڪانهي جو حيران پيا ٿيو؟“

”توهان جي مائٽن کي نالي جي چونڊ ڪرڻ تي جس ڏيڻو پوندو. واقعي، توهان جو نالو اهو ئي هجڻ گهرجي. مني.“

”مون ڀيرين به گذارش ڪئي هئي ته اجائي واکاڻ...“ هُن جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

”ساري، وِيري ساري... پلا توهان پنهنجو نمبر..؟“ هن ٻيري وري هُن رئيس جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي ڇيو،

”توهان پنهنجو نمبر ڏيو. مان توهان کي پنهنجو نمبر ميسيج ڪنديس.“

”ٿينڪس، مهرباني. پلا اهو ممڪن آهي ته اڄڪٽي ويهي چانهه...؟“ رئيس جي ڳالهه وري به اڌ ۾ رهجي وئي. ڇو جو ٻئي ڊرائيور تڪڙا تڪڙا اچي گاڏين ۾ ويٺا. روڊ ڪلي چڪو هو. گاڏيون اڳيان پويان ٿينديون رهيون. رئيس ڊرائيور کي چيو، ’ڪلٽس ڪار جي پٺيان پٺيان هل.‘ پر ڪافي پيڙ هئي. جنهن مان نڪرندي نڪرندي ڪلٽس ڪار وڻائن گم ٿي وئي. جنهن جو رئيس کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ۽ هو پنهنجي مُنهن پُڻ پُڻ ڪرڻ لڳو،

”هي عورتون به نه، وڏيون بلائون آهن. مردن کي بيوقوف بڻائڻ جو ڪين هنر اچي ٿو. پلا جي سڌي طرح ڪٽي پنهنجو نمبر ڏي ها، ته ڇا ٿي پوي ها. هاڻي، هاڻي ميسيج ڪري به يا نه؟ مقصد ته حال هڪيو ته جهڙا ملياسين، تهڙا ڪونه ملياسين. خير، پلا هونئن لڳي ڪيئن ٿي؟ مائي ته پلوڙ هئي. لڳي به ڪا ميڙامار ٿي... جي بنهه ڪا ڳوپ خدا جي هجي ها ته ڪَرَ ايئن ڌارئين مرد سان گس هلندي ڪٽي ڳالهائي سگهي ها؟ ڄاڻ به الاهي اٿس. لڳي ڪا وڏي آڙيڪاپ ٿي. پانيان‌ٿو ته ڪنهن نوڪريءَ ۾ آهي. ٽيچر ٻيچر هجي متان. يا ڪنهن اين.جي.او ۾ هجي. تڏهن ته ڌارئين مرد سان ڳالهائڻ ۾ ڪوبه حجاب ڪونه ڪيائين. نه ته گهريلو عورتون، سي به منيءَ جي پاسي جون... يعني ٿر جون. ايتريون فارورڊ ڪٿي آهن!! ها يار، جيڪا اڪيلي سر ڊرائيور سان هيڏي ساري پنڌ تي نڪري پئي آهي، سو سمجهان ٿو ته ضرور ڪنهن جاب سان آهي. تڏهن ته منجهس ايتري خوداعتمادي هئي. هو ٻيلي؟ پر ٻيلي ڙي ٻيلي، هاڻي ٺلها پيو نڪاءَ ڪيين. تن مان ڇا ورندو؟ هوءَ ته الاجي ڪير هئي. ۽ الاجي ڪيڏانهن وئي هلي؟ نوڪريءَ واري هئي يا ڇا به هئي، پر تنهنجي کهڙي ڪم جي... حال هڪيو ته توکي افعالن مان ڪڍي وئي. مڃين توڙي نه مڃين. سا تنهنجي آهي مرضي... ها ٻيو، ڪري ته واهه جي ملهه وئي آهي. هاڻ رڳو پيو ’منيءَ جي مني... منيءَ جي مني.‘ چئي پيو تسبيح سور. باقي مڙيئي ٺيو خير.“

۽ منيءَ جڏهن ڏنو ته رئيس جي گاڏي سندس پيڇو ڪندي اچي، تڏهن ڊرائيور کي چيائين، ’اُن ٽويوٽا کي ڊاج ڏيئي منجهانئس جان ڇڏاءِ.‘

ٿوري دير ڪانپوءِ جڏهن ڏٺائين ته سندس پٺيان ڪير ڪونهي، تڏهن هڪ ٿڌو ڊگهو ساهه کڻي پاڻ کي آسودو محسوس ڪرڻ لڳي. ۽ سوچڻ لڳي،

”هي مرد به شل نه ڪا عورت ڏسين. ته ڇڙ جيان چُهٽيو پون. نه ڄاڻ نه سڃاڻ. پر هڪدم صدين جو تعلق جوڙڻ ۾ دير ئي ڪونه ڪندا. چوي پيو ته منهنجي تصور ۾ جيڪا تصوير چٽيل آهي، تنهن جو حقيقي روپ تون آهين. هونهه... چريو ڪٿي جو... هوڏانهن پيو چوي ته مان رئيس آهيان ۽ زميندار اٿم... ۽ هيڏانهن وري مجنوءَ جي عشق واريون پيو ڳالهيون ڪري. هُن جي خيال ۾ مان ايتري ڪا ڀالي ڀولي آهيان جو هو جيڪو چوندو، تنهن کي سچ سمجهي، اعتبار ڪري مٿس ويهي ڪلما پڙهڻ شروع ڪري ڏينديس. ڇا مون کي رئيسن جي ڪرتوتن جي خبر ڪانهي ته هو عورتن کي ڪهڙي حيثيت ڏيندا آهن؟ هُن پئي سمجهيو ته مان سندس ڪوڙي ۽ سڪٽي واکاڻ تي ڦوڪجي سندس جهوليءَ ۾ وڃي ڪرنديس. پر هو ايئن سوچي به ڇونه، رئيس جو ٿيو. هُن جي نظر ۾ هر عورت سندس هارياڻي آهي. جيڪا سندس داٻي هيٺ هوندي آهي. ۽ جيڪا ڪجهه داٻي جي ڊپ کان ۽ ڪجهه واکاڻ جي ڪري پلٽي پوندي آهي. ڇوته ڪي ڪي هارياڻيون وري به زميندارن جي زبردستي لچالٽ کان انهن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ۾ ئي پنهنجي عافيت سمجهنديون آهن. بهرحال، ڪيئن به هجي، في الحال ته منجهانئس جان ڇٽي. پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان. چوي پيو ته نمبر ڏي... هونهه... جي نمبر ڏيانس ها ته مرڳو منجهانئس ڦاسجي وڃان ها. هاڻ، هاڻ پلي پيو ميسيج جو انتظار ڪري. ۽ ’منيءَ جي مني... منيءَ جي مني...‘ ورجائي تسبيح پيو سوري... هونهه، ويچارو.“

*

منيءَ کي پنهنجي نوڪري جي حوالي سان روزانو مختلف مردن سان واسطو پوندو هو. ۽ هر ٻيو ٽيون مرد سندن سونهن، جواني ۽ جسماني ڪشش تي موهت ٿي پوندو هو. ۽ ڳڳون پيو ڳاڙيندو هو. هوءَ هر ڳگ ڳاڙيندڙ کي نظرانداز ڪري پنهنجي ڊيوٽي ۾ رڌل رهندي هئي. هوءَ بااخلاق، سنجيده ۽ صحتمند ذهن جي ڇوڪري هئي. ۽ پروفيشنلي سڀني سان سٺو سلوڪ روا رکندي هئي.

*

رئيس مشتاق علي خان سندس گاڏي جو گهڻو پيڇو ڪيو، پر گاڏي ڪانئس پيڙ ۾ گم ٿي وئي. ۽ رئيس مشتاق تانگهه جي آڳ ۾ جلندو رهيو. شراب ۽ شباب جون محفلون مچائيندو رهيو. ۽ منيءَ جي ياد ڪيس شدت سان ڏنگيندي رهي. ۽ هڪڙي ڏينهن انهيءَ تپش کان مجبور ٿي هڪ دوست سان گڏجي وڃي مٺي پهتو. اتي ڏاڍيون ڳولائون ڪيائين. ماڻهن کان پار پتا پڇيائين. پر ڪيس مني جو ڪو احوال نه ملي سگهيو.

*

”منشي، اهو دعوتنامو ته ڏيکار؟“

”حاضر سائين.“

”ڪٿان کان آيو آهي؟“

”رئيس، هڪ اين.جي.او جي دعوت آهي.“

”ڇا بابت؟“

”سورج مکيءَ جي پيداوار ۾ واڌويجهه لاءِ مذاڪري جو دعوتنامو آهي.“

”ڪٿي؟“

”سائين، فٿاز ريسٽورنٽ حيدرآباد ۾ آهي.“

”ڪڏهن؟“

”آچر ڏينهن شام جو پنجين وڳي. ترَ جي سڀني آبادگارن کي دعوت آهي.“

*

ٿڌي سڙڪ تي واقع فٿاز ريسٽورنٽ جو وڏو هال

ايگريڪلچر ڪاتي ۽ ترَ جي وڏن زميندارن، اين جي اوجي عهديدارن ۽ ٻين شعبن سان لاڳاپيل نوجوان ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جو وڏو ميڙ متل هو. رنگ ۽ روشنيءَ جو هڪ عجيب منظرنامو هو. مهمانن کي اسٽيج تي سڏايو ويو. هڪ خوبرو نوجوان خاتون ڪمپيئرنگ لاءِ ملئيڪتي آئي. سندس نالو هو، 'ندا شمساڻي'.

ندا کي ڏسي، رئيس جا ڇاڪ ئي ڇُٽي ويا،

"اڙي، هي ته مٺي آهي!"

مذاڪري ۾ سورج مکيءَ جي پوک، جيت ڇٽڻ کان بچاءُ ۽ فصل ۾ وڌيڪ اُپراسي بابت ماهرن پنهنجا مقالا پڙهيا ۽ تقريرون ڪيون. ان موقعي تي هڪ رنگيل بروشر به ناظرين ۾ تقسيم ڪيو ويو. جنهن ۾ پڻ سورج مکيءَ بابت اهم صلاحون ڏنيون ويون هيون. مذاڪري جي ختم ٿيڻ تي سڀ مهمان ريفريشمينٽ ڏانهن آيا. ندا پڻ ان طرف آئي. رئيس جي مٿس نظر پئجي وئي.

"هيلو." رئيس ٻُوڪٽ ڪيو.

"هاءِ." ندا وراڻيو.

"توهان مونکي سُڃاتو؟"

"نه، بنهه نه."

"پاڻ رستي ۾ هلندي گاڏي ۾..."

"ها، ائين ته روز ٿيندو آهي. ڪير ٿو ڪنهن کي ياد رکي."

اهو ٻُڌي رئيس جي هٿ مان گرنهه هيٺ ڪري پيو.

ندا، حيراني ۾ پڇيو،

"ڪو پرابلم؟"

"نه نه، پر فتح چوڪ واري مٺي مونکي اڃان ياد آهي." رئيس وڌيڪ يادگيري ڪرائي.

"فتح چوڪ، گاڏي، ملاقات. ڇا ٿا چوڻ چاهيو؟"

"مس ندا، پنهنجو موبائيل نمبر ته ڏيو؟" رئيس بيحيائي سان ڏک پچائيندي ندا کان نمبر گهريو.

"اوهان کي نمبر ڏيڻ جو ڪو جواز ڪونهي. ۽ اها اوهان جي حجت سماجيات جي خلاف آهي." ندا چيو.

"..."

"توهان کي ٻني ٻاري بابت ڪو مسئلو هجي ته بروشر اوهان جي هٿ ۾ آهي. اسان جي اداري سان رابطي ۾ اچي پنهنجو مسئلو حل ڪرائي سگهو ٿا."

اهو ٻڌي رئيس جي واڇ گودو ٿي وئي. ۽ اهو توئي ٿي بيوسي ۽ ويچارڪي سان پليٽ ٽيبل تي رکي هوٽل کان ٻاهر نڪري آيو. ■

سالگره مبارڪ

ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، پريم پتافي، گدا خاصخيلي، ضيا شاهه، ساٿي محبوب زنگيجو، ذوالفقار سيال، ڊاڪٽر عابد مظهر، سرواڻ سنڌي، مسرور پيرزادو، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، زاهده تاج ابڙو ۽ سجاد مهر کي جنم ڏينهن جو واڌايون

اَهَلُ آفيسر...

انور شيخ

صوبي جي وزير اعليٰ، سينيئر منسٽر کي اهو اختيار ڏنو ته هو اهليت جو امتحان وٺي ڪنهن لائق آفيسر کي صوبي جي هڪ اهم پوسٽ تي فائز ڪري. انهيءَ سلسلي ۾ ڊفينس هائوسنگ سوسائٽيءَ جي هڪ شاندار بنگلي اندر هوم آفيس ۾ سينيئر منسٽر صاحب آفيسرن کان اهليت جو امتحان وٺڻ جي تيارين ۾ هو.

هاءِ بيڪ بليڪ ليدر جي ايگزيڪيٽيو چيئر تي سينيئر منسٽر صاحب ويٺو هيو سندس سامهون گلاس آفيس ٽيبل تي پنڪ ڪلر جو فائيل ۽ پين رکيل هئي.

ويٽنگ روم ۾ ڪجهه آفيسر ويٺا هئا جيڪي عمر ۾ منهن مهاندن جي سنجيدگيءَ مان تمام گهڻا تجربيڪار پئي لڳا. اٿالاجي (Ethology) ۽ اينٿروپالاجي (Anthropology) جي ڄاڻ رکندڙ ماڻهو هنن جي منهن مشاهدي مان آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهي ٿو ته هنن جو اصل بڻ بنياد ڪهڙن جانورن سان ملندڙ آهي ڇو ته اها به هڪ تحقيق آهي ته انسان به اصل ۾ جانور ئي آهي.

چاڪليٽ ڪلر فيبرڪ صوفا سيٽ تي ويٺل ڇئن آفيسرن مان جيڪو اڇن ڪپڙن ۾ ملبوس هيو ۽ ان جا ڳل گندمي ۽ ڪاڏيءَ کان هيٺ ڪل جو رنگ ڪارو هيو. تنهن جو جيڪڏهن سائنس آف اينيميل بهيويئر (Science of Animal behavior) مطابق تجزيو ڪبو ته هن جو تعلق ايم.فيبين، ريپٽائيلس (Amphibian, Reptiles) سان وڃي ملندو. سنيڪ ڪلاسيفڪيشن (Snake Classification) ۾ هنن کي انڊين پائٿن (Indian Python) چيو ويندو آهي. هي پنهنجي ورتاءُ ۾ بزدل پر شڪار کي منديءَ کان ڳيهي وڃڻ جا ماهر هوندا آهن. هنن جي پڪڙ ۾ آيل شڪار ساهه نه ڪٽي سگهندو آهي ۽ انهيءَ جي ڇڏائي پڇي وڃڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي.

ايمفيبيئن، ريپٽائيلس نما اهو آفيسر ڪنڊ ۾ ويٺو هيو ان جي پر ۾ ٻيو جيڪو آفيسر ويٺو هيو تنهن جو چهرو روشن هيو. ڪلين شيو ۽ پشم جهڙا سفيد ملائم وار هيس، ڪيٽ اوبرمين هيئر اسٽائيل، وائيٽ ڪاٽن جي لانگ سليو شرٽ پاتل ۽ ڳچيءَ ۾ هينگنگ ريڊنگ گلاسز پئي لڙڪيس. ان جي طبيعت جو تجزيو جيڪڏهن جانورن جي علم مطابق ڪجي ته معلوم ٿيندو ته ان جو تعلق ڪوپڙيءَ وارن جانورن (Vertebrate Animals) جي ڪڙم مان بلا شبهه پولر بيئر، آئيس اينيمل سان وڃي ملندو. هي گهڻو ڪري برفاني علائقن ۾ رهن ٿا. تنهن ڪري هي آفيسر به ٿڌين آفيسن کان ٻاهر ڪونه نڪرن. پولر بيئر گهڻو ڪري اتي رهن ٿا جتي سيل مڇيون گهڻي تعداد ۾ هجن ٿيون. هي آفيسر به پنهنجي پوسٽنگ اتي ڪرائن ٿا جتي بجيٽ گهڻي هوندي آهي. هي شڪار جو ڦريون مٽڪو ٿا پچن ۽ پوءِ ٻي سُڌ ڪري ان کي آرام سان کائن ٿا. جينيٽڪ، ٽيسٽن (Genetic Tests) مان معلوم ٿيو آهي ته هنن جا ڪيترائي پيئر آهن. ڏسڻ ۾ صاف سٿرا رهن ٿا پر هي نسلي طور تي ڪارن رڇن جي سئوٽاڻ مان آهن.

ٿورو پرڀرو سنگل صوفا تي برائون فل سوٽ پاتل قد آور، خشڪ منهن سان، ڪاري رنگ وارو رٽائرمينٽ جي ويجهو پهتل آفيسر ويٺو هيو. هن جي نفسيات جو ايٿالاجي علم تحت مطالعي ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته ان جو تعلق ٻونو ٻو ٻاندرن سان آهي. هي اومني وورس (Omnivorous) ٿين ٿا جيڪي گوشت سان گڏ گاهه به کائي وڃن ٿا. چوٿون آفيسر جيڪو ڪارنر صوفا تي ويٺو هيو تنهن جون نندڙيون اکيون مسلسل حرڪت ۾ هيون، هن جي منهن جي مشاهبت ويمپائر بريٽ (Vampire Brat) يعنيٰ خون چوسيندڙ چمڙن جهڙي هئي ۽ طبيعت به ساڳي. ويمپائر بريٽ شڪار جي جسم ۾ آرام سان سوراخ ڪندو آهي ۽ خاموشيءَ سان ان جو رت چوسيندو رهندو آهي.

سينيئر منسٽر جنهن جو منهن روغني ۽ اڇيون مُڇون چمڪندڙ هيون تنهن سڀ کان پهريان ايمفيبيئن، ريپٽائلس نما آفيسر کي گهرايو. آفيسر نهايت احترام مان سلام ڪيو ۽ منسٽر صاحب جي آڏو وزيٽر چيئر تي انتهائي عقيدت واري انداز ۾ ٿي ويٺو، منسٽر صاحب ڪانس سوال ڪيو، "اوهان کي جيڪڏهن هيءَ ذميواري ڏني وڃي ٿي ته اوهان ڪم ڪرڻ جو طريقو ڪهڙو ۽ ڪيئن اختيار ڪندوَ؟"

ايمفيبيئن، نما آفيسر منسٽر صاحب جي منهن ۾ نهاريندي چيو، "سر، مان پراڻو آفيسر آهيان. اوهان جهڙن ڪافي حڪمرانن جو آزمايل ۽ نمڪ خوار رهيو آهيان. مان ڪوشش ڪندس ته اوهان جي اميدن تي پورو لهان."

"ٺيڪ آهي." منسٽر صاحب ڪيس اتي هٿ ڏئي موڪلايو ۽ وري پولر بيئر نما آفيسر کي سڏايو.

پولر بيئر نما آفيسر انتهائي پر اعتماد انداز سان اندر داخل ٿيو ۽ منسٽر صاحب کي جهڪي گوڏن تي هٿ رکي مليو. منسٽر صاحب جي اشاري ڪرڻ سان هلڪي مسڪراهٽ منهن تي آڻيندي وزيٽر چيئر تي ويٺو. منسٽر صاحب ڪانس پڇيو،

"اوهان کي جيڪڏهن هيءَ اهم ذميواري ڏيون ٿا ته اوهان اسان جي لاءِ ڇا ڪندئو؟"

"سر، مان جيڪو به عمل ڪندس اهو اوهان جي حڪم مطابق هوندو، منهنجو تجربو ۽ اختيار اوهان جي نه فقط حال پر مستقبل جي حڪومت لاءِ به راهه

همواز ڪندو.“

منسٽر صاحب اٿي ڪلي ڪائنس موڪلايو. ان ڪان پوءِ ويمپائر بيٺ نما آفيسر کي گهرايو ويو جنهن منسٽر صاحب جي ساڳئي سوال تي جواب ڏنو،

”سائين، مان انتهائي باريڪ بينيءَ سان ڪم ڪندڙ پراڻو آفيسر آهيان. مون تي جيڪڏهن اوهان اعتماد ڪيو ٿا ته يقين ڄاڻو مون کي هن محڪمي جي تمام گهڻي ڄاڻ آهي مان بغير ڪنهن گوڙ- شور جي محڪمي جو سڄو رت، ست چوسي توهان کي پهچائيندس.“

منسٽر صاحب اٿي پاڪر پائي ڪائنس موڪلايو.

ان بعد بونو بو باندر، نما آفيسر کي سڏ ٿيو، جنهن اچڻ شرط دروازي جو اندران بولٽ بند ڪيو ۽ پنهنجي پينٽ لاهي اُتو ٿي سينيئر منسٽرجي سامهون گوڏن ڀر پئي رهيو. منسٽر صاحب ڏاڍو پريشان ٿيو. ۽ هڪل ڪندي چيس، ”شرم ڪيو. هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟“

بونو بو باندر، نما آفيسر ساڳي حالت ۾ رهندي عرض ڪَيُس،

”قبلا سائين، جيڪڏهن اجازت ڏيو ته هي جيڪو ظاهري طور تي توهان کي منهنجو انداز اڻٖنگو محسوس ٿي رهيو آهي تنهن جي لڪل معنيٰ جو اظهار سڌو ٿي ڪيان؟“

”جلدي ڪيو. پينٽ پايو توهان ڏاڍي بيهودي حرڪت ڪئي آهي. جلدي ڪيو پينٽ پايو ۽ سڌا ٿي ڪرسيءَ تي ويهو.“

منسٽر صاحب ڪاوڙ مان چيو ته بونو بو باندر، نما آفيسر پينٽ پائي سڌو ٿي ويهي رهيو ۽ هٿ ٻڌندي عرض ڪيائين،

”سرڪار، جيتوڻيڪ منهنجي حرڪت ظاهري طور تي ناگوار ۽ بيهودا هئي پر ان جي ظاهري ڏيکاءَ ۾ هڪ پوشيده معنيٰ به لڪل آهي. منهنجو اوهان جي اڳيان اُتو ٿيڻ، پُر معنيٰ آهي، جيڪو مطلب کان خالي ڪونهي.“

”ڪهڙو ملطب آهي؟ تنهنجو انهيءَ اگهاڙو ٿي اوتو ٿيڻ ۾؟“ منسٽر صاحب حيرانيءَ مان پڇيس ته بونو بو باندر، نما آفيسر هٿ ٻڌندي چيس،

”عالي جناب، جيڪا ڪرسي سائين جن مون کي عطا ڪندا انهيءَ تي جيڪو جسم جو حصو مان رکندس ته طاقت ۽ اختيار جو انتقال به اتان ئي ٿيندو نه! مان انهي اختيارن جي انٽري پوائنٽ تي اوهان جي اڳيان اگهاڙو ٿي اوتو ٿيڻ سان سمورا اختيار جيڪي مون کي ملندا اوهان جي حوالي ڪري، اختيار جي انٽري پوائنٽ کان وٺي حڪم بجا آڻيندڙ هنن هٿن تائين سموري سرير جا مالڪ اوهان ئي هوندا. ۽ انهيءَ جي بجا آوريءَ ۾ يقين ڄاڻو ته رڪاوٽ نه ڪو شرم هوندو نه حياءُ هوندو نه اصول هوندو نه ئي ڪا غيرت هوندي.“

منسٽر صاحب ڪيس اشاري سان ٻاهر وڃڻ جوچيو ۽ پنهنجو منهن ڪاوڙ مان ٻئي طرف ڪري ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن سينيئر منسٽر صاحب پنهنجي پي.ايس کي گهرائي، سمريءَ ۾ آيل نالن مان، بونوباندر نما ڪاموري جي نالي کي 0k ڪري، سمري چيف سيڪريٽريءَ ڏانهن ترت اماڻڻ جو حڪم ڏنو. ■

سدائين سارم آهين...

بشيرسومرو

امر ۽ شرجيل صبح جو پنجين بجي ڪوچ مان لهي سڌو يوٿ هاسٽل جي گيٽ ڏانهن وڌيا. شرجيل مالڪ چوڪيدار کي رنگ ڪئي، ”يار، هاسٽل جي گيٽ جو در کولي رکجانءِ.“

مالڪ يوٿ هاسٽل جي فرسٽ فلور تان سرچ لائيٽ هٽي پڪ ڪئي ته گيسٽ تي اهي ئي آهن يا ٻيا. ڇو ته اسلام آباد سوڌو سيني صوبن جي گاديءَ وارن هنڌن ۾ وڌندڙ دهشتگرديءَ جي پس منظر ملڪ جي سيني يوٿ هاسٽلن ۾ تمام گهڻي سختي ڪئي وئي هئي. ۽ ڄامشورو يوٿ هاسٽل به اهڙي اثر جي هيٺ هئي.اها خبر مالڪ ٻنهي کي اڳئين هفتي ڏني هئي ته جيئن هو به محتاط رهن. خير مالڪ هيٺ لهي آيو ۽ اچي گيٽ کوليائين. امر کيس سلام ڪيو ۽ پوءِ ٻئي ڄڻا سٽوروم ڏانهن ويا.

شرجيل، مالڪ کي چيو، ”يار، لائيٽ ڪڏهن وئي آهي؟“

”سائين، اوهان جي پهچڻ کان ٿورو اڳ لائيٽ هلي وئي آ.“

امر چيس، ”مالڪ، ڪا ميٽ يا ڪو ڪوائل؟“

”نڪو، مونکي پاڻ سڄي رات مڇرن پٽيو آهي.“ مالڪ چيو.

هو ٻئي به ٿڪيل هئا، سو سمهڻ جي جلدي ڪرڻ لڳا پر مالڪ کين چيو، ”سائين مڇرن جا ولر اٿوَ خيال ڪجو.“

جيتوڻيڪ ڪوچ ۾ ٻنهي هلڪا ننڊ جا سونپا هٽي ورتا هيا. پر انڊس هاءَ وي جي ڪڙ ٻڙ ۽ جهاڪن واري روڊ هنن جون ڪکيون ڪڍي وڌيون هيون. ۽ مٿان وري ڊرائيور ممتاز مولائيءَ جي اواز ۾ سندس ڏکن واري ڪيسيٽ به هنن جي ننڊ ڦٽائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو هيو. پر هو ٻئي ڪوچ جي سيٽ تي لڳاتار ڇهه ڪلاڪ ويهندي جسم ۾ عجيب قسم جو ٿڪ فيل ڪري رهيا هيا تنهنڪري لائيٽ جي پرواه نه ڪندي به سمهي پيا. جيتوڻيڪ رات جو پويون پهر هيو ۽ ڪجهه ٿڌڪار به هئي. پر واقعي به مڇرن جي ايتري ته گهڻائي هئي جو خبر نه پئي پين ته جسم جي ڪهڙي حصي تي مڇر حملو ڪري چڪ هڻي ٿي ويا. مڇرن جي اهڙي يلغار کان پريشان ٿي شرجيل ۽ امر سوڙ پائي سمهي پيا جو کين اهو به احساس هو، جي لائيٽ اچي وئي ته پوءِ سيءُ به ٿيندن. هنن سوڙ سان سڄي جسم کي ڍڪي پاڻ کي مڇرن کان هٽيڪو ڪيو ته وري گرمي محسوس ٿيڻ لڳن.

شرجيل ته سمهي رهيو پر امر پنهنجي ڇپن ۾ پٽڪيو، ”مڇرن جي حملي کان اها گرمي هزار دفعا ڀلي.“

امر موبائيل تي ساڍا اٺ جو ٽائيم سيٽ ڪري سمهي پيو ته جيئن ان وقت تي اٿي ڪري يونيورسٽي ڪيمپس تيار ٿي وڃي. ڪيس ان ڳالهه جو الڪو هو ته سوير تيار ٿي ڪري ڊاڪٽر ماه نور سان ملان ته جيئن هوءَ ماسٽرس جا ڪلاس وٺڻ کان اڳ ۾ کين ورڪ ڏئي. نته پوءِ هوءَ به اڍائي ڪلاڪ ماسٽرس جي ڪلاس ۾ ٻڌي ٿي ويندي ۽ پوءِ هنن کي اهو وقت انتظار ڪرڻو پوندو.هنن کي اهي به اڍائي ڪلاڪ انتظار جا ڏاڍا ڏکيا ٿي لڳا. پر هو ٻئي اهو سمورو وقت سينٽرل ڪينٽين تي چانهن پي پنهنجي گذريل وقت کي ياد ڪندا هيا ۽ ان تي ٻبسڪس ڪندا هيا سندن جي وقت ۾ اسٽوڊنٽ ڪيئن ۽ ڪهڙيون غلطيون ڪندا. ڳالهين ڪندي ڪندي وري ٿڪاوٽ جي سبب ويٺا اوٻاسيون ڏيندا هيا يا وري چانهه پيئندا هيا تنهنڪري ئي امر اهو ٽائيم سيٽ ڪيو ته جيئن ان تڪليف کان بچي پون. پوءِ امر به اکيون ٻوٽيون ته ننڊ ڪيس پنهنجي پاڪرَ ۾ ڪٽي ڪنهن اهڙي دنيا ۾ وٺي ويس جيڪو هن جو اڻ ڏٺل هيو.

اڃان امر گهري ننڊ ۾ئي هيو جو ميسيج جو رنگ ٽون وڳو. هن جي ٿوري اک کلي ۽ سستيءَ مان موبائيل کٽي ڏٺائين ۽ سوچيائين ته ميسيج کي اوپن ڪيان يا نه پر وري خيال آيس ته مٿان ننڊي پٽ جو ميسيج هجي جو هن نئين موبائيل ورتي هئي. جيڪڏهن هو ميسيج جو رپلاءِ نه ڏيندو ته پوءِ ويٺو مس ڪال ڏيندو. اهو خيال ايندي ئي امر ميسيج اوپن ڪيو ته رضوان جو ميسيج هيو. رضوان هن جو آنرز سائيڊ کان ڪلاس ميٽ هيو ۽ ڪيس گهڻو وقت ٿي ويو هيو جو هڪ ٻئي سان نه مليا هيا پر روزانو هڪ ٻئي کي ميسيج ضرور ڪندا هيا جنهن ۾ ڪوٽيشنس ۽ شاعريءَ کان سواءِ انفارميشن ۽ سنڌ جي صورتحال به شامل هوندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن دل جو حال احوال به ڪري وٺندا هيا.

امر جيئن ئي ميسيج پڙهيو ته لکيل هيس، ”لالا، مان لمس ۾ ميڊيڪل چيڪ اپ پيو ڪرايان.“

رضوان جي اهڙي ميسيج تي امر جي ننڊ ڦٽي وئي ۽ سوچ ۾ ٻڏي ويو ته هي وري ڇا ٿيو اسان جي يار کي.امر هڪ دم اٿي ويٺو ۽ ٽائيم ڏٺائين ته صبح جا سوا اٺ ٿيا هيا.

هن تڪڙ ۾ رپلاءِ ڪيو، ”الله خير ڪري، ڇا ٿيو آهي دشمنن کي؟“

”خير آهي. آفيس جي طرفان چيو اٿن ته چيڪ اپ ڪرايو سو لمس آيو آهيان پر لالا، هڪ ڳالهه آهي.“

”ڪهڙي؟“ امر رپلاءِ ڪيو

”وڏي تڪليف سان ڦاٽڪ ڪراس ڪري لمس ۾ پهتو آهيان.“ رضوان ميسيج ڪيو ۽ پوءِ ميسيج جو سلسلو جاري ٿي ويو.

”ڇا جي تڪليف؟ جي ضرورت هجي ته مان اڃان جو مان به ڄامشورو يوٿ هاسٽل ۾ رهيو پيو آهيان.“

”نه، چيڪ اپ عام جو معمول آهي.“

”پوءِ اوهان ڇو چيو ته ڦاٽڪ ٽپندي تڪليف ٿي آهي.“

”ياد نه اٿئي ڇا؟“

”ڇا؟“

”مان قسم جو ڪنيو هيو ته يونيورسٽيءَ ڏانهن ته ڇا پر ڦاٽڪ به نه ٽپندس.“

”ها، پر اڄ ته اهو قسم ٽوڙي وڌئي نه؟“

”ان جي ڪري ته اڪين ۾ پاڻي اچي ويو ته انسان ڪيڏو نه مجبور آ.“

”ملندين ڪو نه؟“

”نه.“

”ڪاوڙ آهي ڇا؟“

”نه، يارن سان ڪهڙي ڪاوڙ.“

”پوءِ اڄ يا وري مان اچان.“

”نه لالا، نه مان ايندس ۽ نه ئي تو سان ملندس.“

” چو نه ملندين، ڇا سبب آهي؟“

”گهڻا ئي سبب آهن پر...“

”ڪجهه چوڻو اٿئي ته چئه نه.“

”چوڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي پر ڇا چوان؟“

”چو ڊپ تو ٿيئي ڇا؟“

”هاها، هاها، هاهاها، ڊپ چو ٿيندو.“

”ته پوءِ.“

”مان دل جي ڳالهه ڪندس ته تون ڪلندين.“

”چو ڪلندس تو تي ڙي؟“

”لالا، تون ڪنهن به ڳالهه کي سيريس نه وٺندو آهين نه.“

”ڇا ڪجي پنهنجو ڏک مذاق جي ذريعي هلڪو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون.“

”چڱو ٻڌ.“

”جي.“

”مون هڪ دفعو اڳ ۾ به اهو قسم ڀڳو هيو.“

”هان، ڪڏهن!“

”ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ پر خبر اٿئي؟“

”نه، ڪهڙي خبر؟“

”مان جيئن ئي يونيورسٽي روڊ ڏانهن وڌيس ته منهنجي اکين جا بند ٽٽي پيا.“

*

ڪجهه گهڙيون ميسج بند ٿي ويو ته امر محسوس ڪيو ته رضوان هن وقت به روئيندو هوندو جو هو ميسيجز ۾ تمام گهڻو اموشنل پئي لڳو. ٻنهي دوستن ڪي يونيورسٽي ڇڏي گهٽ ۾ گهٽ پندرنهن سال ٿيا هيا ۽ انهن پندرنهن سالن جي عرصي ۾ هنن هڪ ٻئي کي ڏٺو به نه هيو جيتوڻيڪ هڪ ٻئي کي روزانو ميسيج به ڪندا هيا ۽ هڪ ٻئي جو حال احوال به پڇندا رهندا هيا. ٻنهي ڄڻن موبائيل تي هڪ به دفعا ڳالهايو هيو پر ڳالهائڻ جي دوران پرائڻ نئنڙن اشوز کي انائن جي نظر ڪري ڇڏيندا هيا ۽ ائين انهن ۾ هلڪا تضاد ايرڻ ٿي لڳا جنهن جو هنن ٻنهي جي ذات سان گهٽ پر ٻين اسٽوڊنٽس سان تعلق وڌيڪ هوندو هيو تنهنڪري رضوان امر کي رڪيسٽ ڪئي هئي ته صرف ميسيج ڪندا رهون. امر به ها ڪئي جو هن به تعلق ختم ڪرڻ نه پئي گهريو جو هاڻي ته اهو ماحول به نه هيو. امر سوچيو ته هاڻي جي جلدي جو مقصد ٿيندو هميشه جي لاءِ دوري جيڪا ٻئي برداشت ڪرڻ جي لاءِ تيار نه هيا پر اڄ هو امر کي وڌيڪ ڏکايل پئي لڳو تنهنڪري امر هن کي ڪال ڪئي ته جيئن پاڻ کي تنهائي سمجهي پر رضوان نمبر کي بزي ڪندي ميسيج ڪيو،

”لالا، ميسيج تي چيٽ ڪيو ٽاڪ نه ڪيو جو مان نه ٿو چاهيان ته اسان جي گفتگو بن منٽن ۾ ختم ٿي وڃي.“

”پر منهنجو پيڪيج ٽيل آهي ته پوءِ موبائيل تي ٽاڪ چو نه؟“

”ان جي ڪري جو تو وٽ دليل گهڻا هوندا آهن ۽...“

”۽ ڇا؟“

”تو وارا دليل مون کي مجبور ڪندا ته مان تو سان ملان.“

”ته پوءِ ان ۾ حرج ڪهڙو آهي. ظالم پندرنهن سال ٿيا آهن.“

”مان هاسٽل تي اچان پر وري تون مون کي يونيورسٽيءَ ڏانهن هلڻ جي لاءِ زور ڀريندين ۽ مان جواب به نه ڏئي سگهندس.“

”ڏس نه جاني، جيئن لندن ۾ مادام تسائو ميوزم ۾ دنيا جي اهم شخصيتن جي ميڻ جا مجسما رکيل آهن تيئن اسان جو به سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ مجسمو رکيل آهي. اسان ڪيمپس ۾ اچي ان مجسمي ۾ ساهه وجهندا آهيون پوءِ اهو مجسمو هر ان موومينٽ کي ڏسندو آهي جيڪا اسان پنهنجي پڙهڻ جي دوران ڪئي هئي.“

”اوهان صحيح آهيو پر...“

”پر ڇا؟ اڄ ته انهيءَ مجسمي ۾ ساهه وجهي هڪ دفعو وري ڪيمپس کي انهيءَ انداز سان ڏسون.“

”ڇا اهو ممڪن آهي؟“

”ها.“

”ڪيئن؟“

”خبر اٿئي نه ته اسان فلم يا مووي جو ڏسندا آهيون؟“

”تشريح ڪر.“

”ان جي ڪري جو ان ۾ اسان پنهنجا ڪردار ڄاڃيندا آهيون.“

”ها، اهو صحيح آهي.“

”ته پوءِ هل ته ڪيمپس ۾ هلي پنهنجي ڪردارن کي انهن نوجوان شاگردن ۾ ڳوليون جيڪي اسان جهڙي اسٽائيل وارا هجن ۽ انهن کي ڏسي ڪري اسان پنهنجا ڏينهن ياد ڪيون.“

”هاڻي مون سمجهيو پر تو کي ته خبر اهي نه.“

”ڪهڙي؟“

”لالا، جيئن ابراهيم پاشا جي مجسمي جو ترڪ سلطان سليمان تلوار جي هڪ ئي ڌڪ سان ڌار ڪيو هيو تيئن منهنجي مجسمي جو ڌڙ به ڌار ٿيل آهي. ته پوءِ مان يونيورسٽيءَ ڪيئن اچان ۽ پنهنجي قتل ٿيل مجسمي ۾ ساهه ڪيئن وجهان؟“ رضوان ميسيج ڪيو ۽ ان جي هيٺان هڪ روئيندڙ ڪارٽون به سينڊ ڪيائين جيڪو هن جي جذبن جي ترجماني ڪري رهيو هيو.

ان وقت امر اهو محسوس ڪيو ته هن جي اکين ۾ وري ڳوڙها هوندا جو هو اڳ ۾ به اهڙي ڳالهه ڪري چڪو هيو.

ڪجهه وقت ميسيجز ۾ ناپر آئي ته امر به يونيورسٽيءَ جي دور کي ياد ڪرڻ لڳو ۽ اڃا ان خيال ۾ ئي هيو ته شرجيل هنڌ مان اٿيو ۽ امر کي چيائين، ”سر تيار ٿيو ته ڪيمپس هلون.“

امر تڪڙ ۾ برش ڪري شيو ڪئي جنهن ڪان پوءِ هو وهنجڻ ويو پر موبائيل باٿ روم ڏانهن ساڻ کڻي ويو جو کيس احساس هو ته متان ميسيج اچي ته ٽڏي تي ئي ريلاءِ ڪري پر ميسيج نه آيس ۽ امر واپس اچي ڊريس پائي تيار ٿي ويٺو ته شرجيل به تيار ٿيڻ جي لاءِ ويو.

امر اڃا وارن کي ڦڻي پئي ڏني ته ميسيج آيس ”لالا، خبر اٿئي.“

”ڪهڙي؟“

”مان پنهنجو قسم ٽوڙي هڪ دفعو دل تي پٿر رکي يونيورسٽي ڏانهن آيو هيس.“

”ها، اوهان اڳ ۾ ٻڌايو هيو ...پر مان به انهيءَ وقت کي واپس ورائي اکين جي آڏو رکي ڏٺو پئي سو مان به انهيءَ تصور ۾ هيس. هاڻي ٻڌاءِ.“

”ها، پر ٻڌ ته سهي نه.“

”جي، جي، ٻڌاءِ.“

”مان حيدرآباد کان بس تي آيس. اڃا ڦاٽڪ مس ٽپيس ته منهنجي ذهن تي يادن جي برسات ٿيڻ لڳي. ڀهرين جڏهن اسٽيشن آئي ته هڪ دم اکين آڏو اهي منظر ڦري آيا ته ڪيئن نه بغير ٽڪيٽ جي ٽرين ۾ چڙهندا هياسين ۽ اسٽوڊنٽ هجڻ جي ڪري ڪيٽري نه دليري هوندي هئي جو چوندا هياسين ته ٽي ٽي ڇا ڪندو؟ اسان اسٽوڊنٽ آهيون. اسٽوڊنٽ... ڄڻ ته ڪنهن بادشاهه جو ڪو مليل پروانو هجي.“

”ها يار، اهو به وقت هيو جو هر فڪر کان آزاد هياسين پر هاڻي ائين نه آهي.“

”جڏهن بس سنڌيالاجيءَ تي بيٺي ته مان لهي پيس.“

”ڪيمپس چو نه وئين ڀهريان؟“

”بس، چيم ته اڄ ڪيمپس تائين پنڌ ڪندو ويندس ته جيئن انهن سيني لمحن کي ياد ڪري سگهان.“

”پر سنڌيالاجيءَ وٽ ئي چو؟“

”ته جيئن اتي موجود ڪنهن سني سنگتراش کان پنهنجي لاءِ مجسما ٺهرايان ۽ هن کان پڇان ته اهڙا مٽي ڪٿان آٿيان جنهن کي ڳوهي ڪري پنهنجو ۽ هن جو مجسمو تيار ڪرايان جيئن مان به انهن کي ڊپارٽمينٽ تي نصب ڪرايان جيئن سنڌيالاجيءَ جي گيٽ تي لڳل مجسما آهن.“

”پوءِ مليو ڪو سنگتراش؟“

”مان اڃا گيٽ ئي مس ٽپيس ته سامهون وارين ٽيبلس تي ڪافي گرلس ۽ بوائز ويٺا هيا ۽ مان به ويهي رهيس ۽ چانهن ۽ سموسن جو آرڊر ڏنم. اهو صرف ان جي ڪري ته جيئن توهان چيو ته پنهنجي يادن کي ٻئي ۾ ڏسان ان جي لاءِ.“

”پوءِ اوهان ڇا محسوس ڪيو؟“

”گرلس ۽ بوائز کي ائين مستيون ڪندي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي پر ان جي پس منظر ۾ وري ڏک اپري آيو جو ڪنهن وقت مان ۽ هوءَ به اتي ويهندا هياسين ۽ اڄ هوءَ مون سان نه آهي ته نيڻ پر جي آيا. ان ئي وقت بيرو چانهه کڻي آيو پر منهنجو ٽيسٽائين موڊ خراب ٿي چڪو هيو پر بيري کي جواب به نه ڏنم جو هن جو ڏوهه ئي نه هيو ۽ پوءِ مان چانهه پيتي پئي پر منهنجي اکين مان گرم ڳوڙها ٿي ڪريا جيتوڻيڪ مان لوڪ کان بچڻ لاءِ اکين تي بليڪ اپٽيڪلس رکي ڇڏيا هيا... مان پنهنجو درد لوڪ کان ته لڪائي ويس پر پاڻ کان...“

”ڏسو نه اوهان ڪيمپس ڏانهن اڪيلا ويندا ته ائين ٿيندو پر جيڪڏهن اسان سان گڏ هلو ته پوءِ ڏسو اوهان انهن لمحن ۾ ٽيل وفائن ۽ بي وفاين تي ڪيئن ٿا ڳالهايو.“

”لالا، ٻڌ ته.“

”جي چئه.“

”ايل ايم سي واري ڪينٽين ڏي جتي بيري کي چوندا هياسين، ’گورنر‘ اتي ڪڏهن ويو آهين؟“

”ها مان ته هر ان هنڌ کي گهميو آهي جتي اسان گهمندا هياسين ۽ جتي اسان ويهندا هياسين. تو کي خبر آهي ته اسان هاڻي به به ٽي دفعا ڊپارٽمينٽ جي گيٽ واري اسٽيئرس تي ويٺا هياسين. ۽ ها جنهن لاشاري بيري کي تو چيو هيو، اڙي مچون ڪونئر سان ڇنبڙايون اٿئي ڇا؟

اهو بہ موجود آهي.“
”اوهان واقعي بہ دلير آهيو.“
”ان ۾ دليريءَ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟“
” جيڪا ڊپارٽمينٽ اسان جي ٿڪن سان گونجندي هئي اڄ اتي سانت ڏسي ڪري توهان کي گهڙي کن لاءِ اهو احساس نہ ٿيو تہ اوهان ان ئي هنڌ تي ويڳاڻا ٿيو بيٺا آهيو.“
”ها. ائين تہ آهي پر اسان وري يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي آهي ۽ هاڻي بہ ڊاڪٽر ماه نور کي ٿيسز ڏيکارڻ آيا آهيون. ان جي ڪري اسان جي اها مجبوري بہ آهي تہ ڊپارٽمينٽ ۾ گهمون.“
”پڌ تہ.“
”پڌايو.“
”يلا. جنهن هال ۾ اسان ويهندا هياسين ان ۾ ڪٿهن ويٺا آهيو.“
”جي ها. پر اتي ويهڻ جي لاءِ وڏي دل ڪرڻي پئي. جنهن هال ۾ ويهڻ سان اتي جان اچي ويندي هئي ڇاڪاڻ تہ اسان ويهندا آهيون پر رضوان. فقير امتياز. نزاڪت گاڏهي ۽ قادر ميمڻ کان سواءِ.“
”سائين. خير تہ آهي ميسيجز جي ٽم لڳي پئي آهي.“ شرجيل روم کان ٻاهر نڪرندي چيو.
”سائين. هڪ پراڻو ڪلاس ميٽ ۽ دوست آهي جيڪو هتي ڄامشورو ۾ تہ موجود آهي پر ملڻ نہ ٿو چاهي.“ امر شرجيل کي جواب ڏنو.
”سائين. هلون تہ ڪٿي ڊاڪٽر ماه نور نہ ماسترس جي ڪلاس ۾ هلي وڃي. اوهان کي تہ خبر آهي نہ هن جي.“ شرجيل امر کي جلدي هلڻ لاءِ چيو. ”سائين. دوست کي ڪيمپس چو نہ ٿا گهرايو؟“
”هو اچڻ نہ ٿو گهري. پراڻو قتيل آهي.“ امر شرجيل کي جواب ڏنو.
اسان ٻئي روڊ تان رڪشي تي چڙهي ڊپارٽمينٽ ڏانهن روانا ٿياسين. اسان اڃا ڊپارٽمينٽ جي اسٽيئرن تي قدم ئي مس رکيو تہ رضوان جو ميسيج آيو. ”خبر اٿئي لالا؟“
”ڪهڙي؟“
”اڳ ۾ پڌايم نہ اوهان کي تہ مان پنهنجو ڪنيل قسم ٽوڙي هڪ دفعو يونيورسٽيءَ آيو هيس.“
”ها. اوهان اڳ ۾ ڳالهہ ڪئي هئي.“
”پر ٿيو ڇا؟“
”ڇا ٿيو؟“
”ٿيو هيئن جو مان اڃا سنڌيالاجيءَ جي ان پر ڪشش پر منهنجي لاءِ ڏکائتي منظر کان ٻاهر نڪتسئي مس تہ سامهون هڪڙو جوڙو پئي آيو ۽ ان کي ڏسي ڪري وري منهنجي اکين مان ڳوڙها ڪرڻ لڳا.“ ميسيج هيئن ڪارٽون هيو ۽ ان جي اکين مان ڳوڙهن جي برسات.
”وري ڇا ٿيو؟“
ميسيج جو سلسو هڪ دفعو رڪجي ويو ۽ ٻئي ڄڻا ڊاڪٽر ماه نور جي آفيس ۾ ويٺا ۽ هن جي اچڻ جو ٻئي انتظار ڪيائون پر ٻنهي کان اڳ ۾ ئي ڪجهہ نيون ڪورس ورڪ پاس ڪيل گرلس اسٽوڊنٽس ويٺيون هيون. شرجيل بہ ڏٺو تہ امر پنهنجي دوست سان ميسيجهہ بزي هيو تنهنڪري هن وري موقعي جو فائدو وٺي ڪري انهن گرلس کان ڪجهہ سوال پڇڻ لڳو ۽ انهن جي ايريا آف انٽريسٽ جي جاچ ۾ لڳي ويو.
امر ميسيج تان ڌيان هٽائي شرجيل کي ڏٺو تہ هو گرلس سان فلرٽ ڪري رهيو هيو ۽ گرلس بہ هن جي اهڙي حرڪت تي ڪلهون ٿي پئي. اڃا هو پنهنجي ڳالهين ۾ ئي مصروف هيا تہ ڊاڪٽر ماهہ نور بہ اچي وئي ۽ اچڻ سان ئي اسان جي ٿيسز ڏسي ڪري هنن کي ڪجهہ انسٽرڪشن ڏيندي چيائين. ”اوهان اڄ هي ڪم ڪري شام جو بنگلي تي ڏيکاري وڃجو ۽ ها سپاٽي ضرور اڃجو متان واپس هليا وڃو.“
هوءَ ڪجهہ گهڙيون خاموش رهي. وري چيائين.
”...پر ڪجهہ وقت هتي ويهي ڪري ڪمپيوٽر تي ڪم ڪريو ۽ ها. سر امر کي بہ گڏ ويهاريو تہ هو بہ ڪم ڪري.“
”جي ميم.“ شرجيل ڊاڪٽر ماه نور کي ادب سان جواب ڏنو پر وري رڪيسٽ ڪيائينس. ”ميم. چانهہ تہ پيئاريو نہ. ڏاڍي ٿڪاوٽ آهي.“
”ها چو نہ.“ ڊاڪٽر ماه نور بيل وڄايو تہ پٽيوالو تڪڙو تڪڙو اچي آفيس جي در تي بيٺو تہ هن ڪيس چانهہ ڪٽي اچڻ جي لاءِ چيو ۽ پوءِ هن گرلس کي سمجهائڻ شروع ڪيو.
امر شرجيل کي ٽيڏي اک سان ڏسندي مسڪرايو جو هو سمجهي ويو تہ هو ڪيئن نہ گرلس تي پنهنجي لئہ جو رعب جمائي پر شرجيل اگر جي اشاري سان منع ڪيس.
۽ پوءِ ڊاڪٽر ماه نور گرلس کي وٺي ليبارٽريءَ ڏانهن هلي وئي ۽ هو ٻئي اتي ويٺا ئي هيا تہ جيئن ڪمپيوٽر تي ڪم ڪري ڊاڪٽر ماهہ نور کي ڏيکارين ڇاڪاڻ تہ ڪم نہ ڪرڻ جي صورت ۾ هوءَ ڪٿهن ڪٿهن دڙڪا بہ ڏيندي هين. هو اڃا اهڙين سوچن ۾ ئي هيا تہ ان ئي وقت امر ڏانهن ميسيج آيو. ”يار. مان پوءِ سڌو ويس علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ امڙ ايلسا جي مزار تي. اتي ڪجهہ وقت ويهندي من کي سڪون مليو پر...“
”پر ڇا؟ ڇئہ نہ.“
”اوچتو مون کي خيال آيو تہ مان پنهنجو ۽ هن جو نالو ڏسان جيڪو وڻ تي اُڪريو هيوسين جو اسان کي پڪ هئي تہ مشڪل سان ڊهندو.“
”پوءِ اوهان کي لکيل نالا نظر آيا؟“
”نہ يار. ان لمحي ۾ مون کي انتهائي شدت سان ڏک رسيو ۽ اوهان سيني يارن جي ياد ڏاڍو ستايو.“
”تڏهن تہ چيو ماءِ هڪ دفعو مل ۽ درد شيئر ڪر.“
”نہ يار. بس هاڻي موڪلائي.“
”نہ رضوان. ڪيمپس ۾ هڪ ملاقات ضروري آ.“
”بس يار هي شعر جيڪو هڪ پياري دوست ميسيج ڪيو آهي جيڪو منهنجي حقيقي درد جي ترجماني ڪري ٿو اهو ضرور پڙهجانءِ..

اسے اتنا بتا دینا،
ہم اس سے دور ہو کر بھی
بہت مجبور ہو کر بھی
دکھوں سے چور ہو کر بھی
اسی کو یاد کرتے ہیں۔
اسے اتنا بتا دینا،
ہم دکھ اپنا چھپا کر بھی
ہنسی لب پر سجا کر بھی
اس کو یاد کرتے ہیں
اسے اتنا بتا دینا۔

زندگي رهي تہ ضرور ملبو ۽ اوهان سان گڏ ڪيمپس ۾ گهمبو بہ. اتي ٿهڪ بہ ڏبا ۽ ها پنهنجي يادن جي مجسمن ۾ روح بہ وجهبو.“ ■

حنيف عاطر

تلخ لهجي سان ٻانوري زخمي
نرم انداز عاشقي زخمي
ٿي نہ پٿر سان آرسي زخمي
تو نهاريو تہ ٿي وئي زخمي
چنڊ تي ڏند ڪيترو آهي
گهر متان آهي چانڊني زخمي
پئي پُڪاري سُڌير جذبن کي
مدّتن کان سنڌوءَ ندي زخمي
تو پُڇاڻان نہ ڪوئي سُر نڪتو
رُوح جي آهي بانسري زخمي
دِل جي آغوش ۾ پَلي جيڪا
مُور ٿيندي نہ شاعري زخمي
رونما حادثو ٿيو ڪوئي
مُرڪ آهي جو شام جي زخمي
هي ابابيل تنهنجي خوابن جا
ويا ڪري سُڪ جي هر گهڙي زخمي
ڏوڙ ’عاطِر‘ خيال تي ويا سڀ
هُن پڙهي ناهي زندگي زخمي



بيتاب ناپر

مات ۾ سڀ ڳالهائي ڪيرُ
ڳالهائي ڳل لائي ڪيرُ
چو سُهڻيءَ کي ٻوڙيائين
ساهڙ کي سمجهائي ڪيرُ
هٽڙن کان معذور نياڻي
تنهنجا زلف سَجائي ڪيرُ
جنهن کان نفرتِ درياءَ کي
تنهن جي پياس اُجهائي ڪيرُ
ڪالهہ تنبوري وارو ويو
جذبن کي جاڳائي ڪيرُ
تنهنجا شرط ڏکيا اي نچڻي
گهنگهرن کي هٿ لائي ڪيرُ
عشق نہ ڪريون ڪڪرن سان
ٿر تي مينهن وسائي ڪيرُ. ■

اسٽاپ ڪان اڳ لهي ويل...



حسيب ڪانهيو

”ابا منهنجي جتي ٽٽي پئي آ، اها وٺي اچجان اڄ.“ نون سالن جي دلبر صبح سوير چلهہ تي ويٺل پنهنجي پيءُ کي چيو.

”هي جو ان ڏينهن نئين وٺي آيو هئس سا ڪيڏانهن ڪيئي مُئا؟“

”اها وري هن نياڳي سِڪُو ٽوڙي ڇڏيس ڪالهہ.“ جوٽس وراڻيو.

”تون هتي ڪنهن جي واهي آهين پوءِ؟“ خميسو زال تي ڏمريو، ”تو ڪان ٻار ئي نٽا سنڀاليا ٿين. روز ڪا نہ ڪا شيءِ ڀڃيو ٽوڙيو وينا آهن.“

”مان ڇا ڪريان؟“ زالهنس کي بہ چِڙنگ وٺي وئي، ”گهر جو ڪم ڪريان يا هي لشڪر سنڀاليان؟“ هُوءَ تئي تي ماني ورائيندي وراڻي، ”ڪڪڙيون تہ ناهن جو ڪاري هيٺيان پوري ڇڏيان. سڄو ڏينهن ٿا پاڙي جي ٻارن سان جهنگ ۾ رُلن، پوءِ آئون ڀلا ڪٿي ڪٿي وتي انهن پُٺيان رُلان؟“

”ابا جتي؟“ دلو چيو.

”اڙي سِڪُو.“ خميسو مائي کي پُڇي نہ سگهيو تہ پُٽ تي وارو ڪيائين، ”اڙي هيڏانهن اچ ذليل ڪنهن جاءِ جا!“

”منهنجي لاءِ پوءِ ڇو نہ آندي جتي؟“ اهو چئي سِڪُو ٻاهر ڀڄي ويو.

”اڙي بي حيا پوءِ تو ياءُ جي ٽوڙي ڇڏي ڪميڻا؟“ خميسو ٽپي ٻاهہ تي ويو، ”لاک لا لانت، ويندين ڪيڏانهن، رات جو اچي تنهنجي خبر وٺان ٿو، جيئن توکي ڪجهہ نٿو چوان تيئن تنهنجو من وڌي ويو آهي.“

”ابا ابا، دِلو منهنجا سڀ بلور ڪٽائي ڇڏيا.“ اٺن سالن جي لکو پيءُ کي دلبر جي دانهن ڏيندي چيو.

”ڇا؟“ خميسي وراڻيو، ”اڙي دِلو توکي لک دفعا چيم تہ اوهان رڳو پائر ئي پاڻ ۾ گڏجي راند ڪيڏجو پوءِ تو ڇو ٻين سان ڪيڏين ٿو؟“

”ابا، هِن مون کي پاڻ چيو تہ ڪٽي ڏي مون کي بلور.“ دِلو پيءُ جي پهچ کان پري بيهندي چيو.

”متان ويو آهين ٻچڙا!“ خميسي پير مان پادرڪيي اڇلائي هنيس.

دِلو گسِائي هرويرو ڀهوڙون ڪرڻ لڳو، ”منهنجي جتي بہ سِڪُو ٽوڙي ڇڏي، ان کي ڪجهہ ڪونہ چيو، رڳو مون کي ماريو ٿا.“

پيءُ ڪاوڙ منجهان چيس، ”ٽڪ اٿئي لوسي!“

”هينئر ساڻ هنن نياڳن جا اهي حال آهن تہ ڏسجانءِ وڏا ٿي جوئاري ٿيندئي.“ حاجاڻي مُڙس کي ملي ڏيندي وراڻي، ”گهر ڦرائيندئي.“

”گهر ۾ آهي ئي ڇا جو ڦُرائيندا؟“ خميسي ماني گوڏي تي رکندي وراڻيو، ”پاڻ ئي ڏڪا ڪائيندا، ماڻهن جا موچڙا لڳندن تہ خبر پوندن.“

”اڙي پوءِ بہ آندا تہ پنهنجا ڏڪندا نہ! آخر پنهنجا پيٽ ڄڻيا جو آهن. ماڻهو بہ اچي تنهنجي ڏاڙهي ۾ هٿ وجهندا.“

”پوءِ ڇا تہ ڪريان مان؟“ خميسي ڳِٽي وچان چيو، ”مان تہ اڙجي ويو آهيان نياڳن مان.“

خميسي اجان ڀِريون گرهہ ئي مس ڀڳو تہ ڇهن ستن سالن جا لالو ۽ قالو بہ اچي جنبي ويا.

”اڙي اوهان ترسو، مان اوهان کي ڀچائي ٿي ڏيان ماني.“ حاجاڻي ننڍڙن کي چيو، ”نياڳا پيءُ کي ڪائڻ ڏيو. هُن کي ڪارخاني وڃڻو آهي. لاري نڪري ويندي هن جي.“

”نہ نہ، اشان ابي شان ڪائينداشين.“ ٻئي گڏجي شروع ٿي ويا.

خميسي جو منهن ئي لهي ويو پر هُو جيامڙن کي ڪجهہ چئي نہ سگهيو. حاجاڻي چلهي تان اٿي پاسو ڏيئي اچي ٻنهي جي ڪنيڙاٽين مان پڪڙيو تہ هڪڙي ماني لالو جي هٿ ۾ کِلجي وئي تہ ٻي وري قالو جي هٿ ۾. اهي ٻئي گگهٽيون ڪري پٽڻ لڳي ويا.

خميسي جي بُک ٽري وئي. هي روز جو تماشو هو، ڪا نئين ڳالهہ نہ ٿي هئي. هن پوتڙو ڇنڊي ڪلهي تي رکيو ۽ ٻاهر نڪري ويو.

”ماني تہ. . .“ پُٺيان سندس زال حاجاڻي جالفظ بہ نڙي ۾ اٽڪي پيا. حاجاڻي پُٺيان سڄي ڪاوڙ ننڍڙي لالو ۽ قالو تي ڪڍي ۽ پنهنجي پاڻ کي پِٽون پاراتا ڏئي ٻار هلڪو ڪيائين.

*

”مان ڇا ڪريان؟ هڪڙو ڪمائڻ وارو، پوري آڪهہ ڪائڻ واري. سڄو ڏينهن ڪارخاني ۾ ڪڪڙا ڍوهي ڍوهي شام جو بہ ٽي رُپيا آٺيان سي تہ وڃن هليا ڪند چلهہ ۽ اٽي ۾ پورا ٿيو. هنن کي ڪيئن سنڀاليان؟“ لاري جي سيٽ تي ويهندي ئي خميسو ڇپن ۾ پٽڪيو، ”هر شيءِ پئسي جي، هر شيءِ مهانگي، غريب ماڻهو، ڪٿان ڪريان پوري آخر؟“ لاري هلندي رهي، خميسو خود ڪلامي ڪندو رهيو دري پاسي منهن ڪري وري بہ پٽڪيو، ”ڇورا بہ اهڙا تہ نياڳا ۽ ڇونڪ ڇنڊا جو سڄو ڏينهن ٽڙيون ڪندا وتن.“ خميسي اونهو گهرو ساهہ کنيو، ”مان تہ ڦاسي ويو آهيان، الائي ڪهڙن ڏوهن جي سزا پيو ڏئي خدا بہ.“ اونهي گِهري ساهہ سان خميسي جو منهن بہ هوا نڪتل ڦوڪٽي جهڙو ٿي ويو.

”اي چاچا، خير تہ آهي؟ اوهان تہ ڏاڍا پريشان پيا لڳو.“ خميسي جي پاسي ۾ سيٽ تي ويٺل هڪ ڪلين شيو نوجوان، جيڪو شايد تہ سوير ڪان خميسي جي حالت ڏسي رهيو هو، تنهن کان رهيو نہ ٿيو سو نيٺ ان ڪانئس پڇي ورتو.

”ڪجهہ ناهي ادا.“ خميسي هوش ۾ ايندي بي ساختہ چئي ڇڏيو.

”ڪجهہ تہ آهي چاچا جو اوهان سوير ڪان شوڪارا پيا ڀريو.“ نوجوان سواليہ نظرن سان خميسي ڏانهن نهاريو.

”بس ڙي سائين، ڇا ٻُڌايان ڪو هڪڙو سور هجي تہ سُڻائجي بہ سهي.“ خميسي چيو، ”اسان غريبن وٽ تہ ڪُتي ويائي پئي آهي سائين.“

”اي چاچا مان بہ غريب ئي آهيان.“ نوجوان چيس، ”ٻُڌاءِ ڇا ڳالهہ آهي؟“

”مان آهيان مزور ماڻهو، پر پُٺيان اٺم لوڏ پاتين جي، سو پوري ئي نٿي ٿئي.“ خميسو بہ نيٺ کُلي پيو، ”بس اهي ئي گهر جون پريشانيون آهن ٻيو ڪو ڪنڊ جو جهاز ناهي ٻُڏو پائو.“

”گهڻا ياتي آهيو چاچا؟“ نوجوان پڇيس.

”بہ اسان آهيون ۽ ٻار آهن.“ خميسي وراڻيو.

”ٻار گهڻا اٿوَ؟“

”ٽي نياڻيون ۽ پنج پُٽ آهن.“

”ٻار وڏا اٿئي يا؟“

”نياڻيون تہ آخر ۾ ڄايون آهن باقي ڇورا بہ اڃا ايترا وڏا ناهن.“

”ڪيڏا آهن؟“

”هڪڙو ڏهن سالن جو آهي، ٻيو نون سالن جو ٽيون اٺن...“

”پوءِ تہ اوهان پنهنجي لاءِ پريشانيون پاڻ ئي پيدا ڪيون آهن. چاچا ناراض نہ ٿجو.“ نوجوان اڌ ۾ ئي وراڻيو.

خميسي جي منهن تي ناراضگي جا ڪي بہ آثار نہ ابريا. هن ڪجهہ بہ دل ۾ نہ ڪيو.

خميسي کي خاموش ڏسي نوجوان وراڻيو، ”چاچا ٻار ايترا هجن جو سولي نموني سان سنڀالي بہ سگهجن. انهن جون ضرورتون پوريون بہ ڪري سگهجن ۽ انهن جي بهتر تعليم ۽ تربيت جو بندوبست بہ ڪري سگهجي، باقي جيڪڏهن گهڻا ٻار هوندا تہ ظاهر آهي تہ پريشانيون بہ گهٽيون ئي ٿينديون. ڪنهن جي بہ پوري نہ ڪري سگهبي ۽ ٻار ڪري بہ ويندا.“

”بس ابا، خدا جي جوڙ آهي، ڪيئي دنيا ۾ اهڙا بہ آهن جن کي اولاد ئي ڪونهي ڪو، سِڪن پيا ويچارا پوءِ؟“ خميسي رواجي ڳالهہ ورجائي.

”اهو تہ آهي چاچا پر ڏسو اوهان وٽ تہ جام سارا آهن پر اوهان بہ تہ خوش ناهيو نہ!“ نوجوان چيو، ”ائين ناهي چاچا، الله سائين انسان کي عقل تہ ڏنو آهي نہ پوءِ ان کان ڇو نہ ڪم وٺجي ۽ اڄڪلهہ تہ جام سارا اهڙا طريقا بہ اچي ويا آهن جن وسيلي گهٽ ٻار پيدا ڪري سگهجن ٿا صفا ائين ناهي جيئن اوهان سمجهو ٿا.“ نوجوان خميسي کي احساس ڏياريندي چيو، ”اوهان پاڻ ئي سوچيو ڀلي اوهان مزور ئي هجو ها پر جيڪڏهن اوهان جا اٺن جي جاءِ تي بہ ٻار هجن ها تہ اوهان هن ڪان ڪيڏانہ وڌيڪ بهتر حالت ۾ هجو ها.“

”...“

”ڀلا پڙهن ٿا اوهان جا ٻار؟“

”اي سائين سچ ٻُڌايانوَ تہ نياڳا آهن ڇورا.“ خميسي پُٽن تي خار ڪائيندي چيو، ”بہ ٽي دفعا موچڙا هڻي اسڪول ڇڏي آيو مان پر وري بہ نياڳا ڀڄي نڪتا. پڙهن ئي نٿا ٺپ، ڇا ڪريانَ؟“

نوجوان خميسي سان گهڻو ڳالهائڻ چاهيو پر ان جو اسٽاپ اچي ويو سو خميسي جي پر مان اٿندي وراڻيئين، ”ڇڱو چاچا، منهنجي اسپتال اچي وئي، آئون لهان ٿو.“

”ڇڱو سائين، مهرباني.“

نوجوان لٿو ۽ خمِيسو وري دري ڏانهن منهن ڪري پنهنجين پريشانين ۾ گم ٿي ويو ۽ شوڪارا ڀرڻ لڳو.

*

خميسو چپن ۾ چوڻ لڳو، ”منهنجو منهن ڏسي شڪر جو حاجاڻي گهر جو سامان نه ٻُڌايو، پر اٿو ڪالهوڪو پن جو پيو هلي. اهو ته اڄ هر حال ۾ ونٿو آهي.“ ٻارنَ جو خيال ايندي ويتر پريشان ٿي ويو، ”اڄ جو ڏينهن به خدا ڪري خيرن جو گذري. شام جو ويندس ته وري ڪو نه ڪو نئون ڏچو ڪيو ويٺا هوندا. اجا ته ننڍا آهن، وڏا ٿيندا ته متا ڦاڙيندا هڪٻئي جا يا ڪنهن ٻئي جا! حاجاڻي به سچ ٿي چيو، ماڻهو ته وري به اڇي منهنجي ڏاڙهي ۾ هٿ وجهندا.“ تيز هوا ۾ به خميسي ڪي پگهر اچي ويو. پوتڙي سان نرڙ تان پگهر اگهيائين، لاري ۾ رش به جام هئي ۽ لوڏا لما به هئا پر خميسي ڪي انهن جو ڪو احساس ئي نه هو، ”چا ڪريان، ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان. واقعي به انن جي جاءِ تي جي رڳو سڪو ۽ دلو هجن ها ته هوند اهڙو ذليل نه ٿيان ها. پر، الله رسول سڻائي ڪري شل.“ خميسي ڪي جڏهن ڪا به واهه نه سُجهي ته دل ڪي الله رسول جي تسلي ڏنائين.

”السلامُ عليڪم و رحمتہ الله و برڪا ته و مغفرته.“

اوپري آواز تي خميسي ڪنڌ ورائي ڏٺو ته سندس پر ۾ هڪ مولوي صاحب ويٺو هو. ڪجهه دير اڳ ڪلين شيوَ نوجوان سيٽ خالي ڪئي هئي ته اتي مولوي صاحب اچي ويهي رهيو. پر خميسي ڪي ڪا خبر ئي نه پئي مولوي صاحب ڳچ پل خميسي جي پريشان حالت ڏسندو رهيو. پر ڪجهه نه ڪچيو. خميسي جي حالت اهڙي هئي جو نيٺ مولوي صاحب جي همدردي جو پيمانو لبريز ٿي ويو سو حالي احوالي ٿيڻ جي لاءِ پنهنجي ڏکي سونهاري تي هٿ ڦيري سلام ورايائين.

”واليڪم سلام مولوي.“ خميسي سلام جو جواب ڏنو.

”اوهان ڪجهه منتل پيا لڳو برادرم. خير ته آهي؟“ مولوي صاحب پڇيو.

”بس مولوي صاحب، دعا ڪر ته الله سڻائي ڪري ڪا.“

”الله جل جلالہ پنهنجي رحمت فرمائيندو برادرم.“

مولوي صاحب پهرين دعا ڪئي ۽ پوءِ خميسي جي ڦتڙيل حالت ڏسي شڪ ٿيس ته پڪ ڪندي پڇيائين، ”مسلمان آهيو نه الحمدالله؟“

”جي ها مولوي صاحب، شڪر آ، آهيون ته مسلمان.“ خميسي وراڻيو.

”ڪو مسئلو آهي خاص؟“

”مسئلا ته مون پاڻ پيدا ڪيا آهن مولوي صاحب.“ خميسي پاڻ تي جڪ ڪائيندي چيو، ”هاڻي پاڻ ئي پيو لوڙيان بس.“

”بيشڪ انسان خطا جو گهر آهي. پر الله به غفور الرحيم آهي برادرم.“ مولوي صاحب چيو، ”ڪهڙا مسئلا آهن اهڙا؟“

”اوهان ڪان زور آهن مولوي صاحب چا ٻُڌايان.“ خميسو وراڻيو، ”اٺ ٻار آهن، جن جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي.“

”بابا تون ٻارن کي مسئلو ٿو چوين؟“ مولوي صاحب حيرت مان چيس، ”ائين نه چئبو آهي، اولاد ته الله جي نعمت آهي برادرم.“

”مان غريب ماڻهو، ڪٿان پوري ڪريان؟ اوهان کي ته خبر آهي ته هر شيءِ ڪيڏي مهانگي ٿي وئي آهي مولوي صاحب.“ خميسي پنهنجا سُور سڻائيندي چيو، ”ٻيو ته ٻار به اهڙا حرڪتي آهن جو روز ڪو نه ڪو ڏچو ڪيو ويٺا آهن. ماءُ کي ته بيمار ڪري ڇڏيو آهه نياڳن.“

”ڪيڏا اٿئي ٻار؟“ مولوي صاحب عمر پڇي.

”وڏو ڏهن سالن جو آهي، ٻيا چار ان ڪان ننڍا آهن، آخر ۾ ٽي نياڻيون آهن.“ خميسي ٻُڌايس.

مولوي صاحب پنهنجي ڪيسي ۾ پيل ڦلڻ سولو ڪيو ۽ مُرڪي وراڻيو، ”تنهنجا مسئلا مون ڪان زورناهن برادرم.“

خميسي منهن سِڌو ڪري مولوي صاحب جي منهن ۾ نهاريو.

”ها.“ مولوي صاحب چيو، ”تنهنجا مسئلا حل ٿي ويا سمجهه.“

”الله اوهان کي آباد رکي مولوي صاحب، ڪري ڦيو ڪو سڳو ڦيٽو پلا.“ خميسي وراڻيو.

”سڳو-ڦيٽو نه برادرم.“ مولوي صاحب مُرڪندي وراڻيو، ”صلاح آهي نيڪ.“

”ڪهڙي مولوي صاحب؟“ خميسي جو منهن لهڻ لڳو.

”نيڪ صلاح اها اٿئي ته، تون هينئن ڪر جو پنهنجا ٻار اسان جي مدرسي ۾ ڇڏي وڃ.“ مولوي صاحب وراڻيو، ”اتي رات ڏينهن رهندا به سهي، ماني ٽڪي به مفت، نه خرچ نه پڪو. ٻيو ته ڪم به الله جو، سو تنهنجن ٻارن جي ته ٿيندي ئي پر انهي نيڪي جيڪري تنهنجي به آخرت اُجري پوندي برادرم.“

”مدرسي ۾؟“ مولوي جي صلاح سُڻي خميسو سوچ ۾ پئجي ويو.

”سوچ نه، الله تو تي مهربان ٿيو آهي سمجهه، ٻار ديني تعليم پرائيندئي، ٻي دينن کي دين سيکاريندئي، دُنيا جي بڇڙائين ڪان به بچي پوندئي، ۽ سهڻو رب به راضي ٿي پوندئي. باقي سوچين چا ٿو؟“ خاموش خميسي جي ڪلهي تي هٿ رکندي، مولوي صاحب ڪيس آماده ڪندي وراڻيو، ”هي دنيا ڪنهن ڪم جي ڪانہ اٿئي برادرم، جيڪو آهي سو اُڳتي آهي، سو انڪري اهو ئي بهتر اٿئي جو مون چيو. ۽ ڏس ته تنهنجو خرچ به ڪيڏو بچي پوندو. مدرسي جي طرفان سيڪجهه مفت ملندو آهي ٻارن کي. جلم سارا ٻار پڙهي آخرت سنوارين پيا، تون به ائين ئي ڪر.“

*

”آخرت سنوارين ٿا يا سيني سان بم ٻڌي ماڻهن کي مارين ٿا؟“

”اسانجي مدرسي ۾ اهڙو ڪم نه ٿيندو آهي؟“ مولوي جي چهري تي بڇان تري آئي.

”اهو ڪم به ته مدرسن جا ڪٿاپي ڪن ٿا نه؟“ خميسي جي چڻ سونت موٽي آئي.

”نه برادرم نه. توکي غلط فهمي ٿي آهي.“

”هي جو روزانو ٿيوين ۽ اخبارن ۾ خودڪش حملن جي ڏُم لڳي پئي آهي. اهو چاهي؟“ خميسي ڏاڍي نرمائيءَ سان چيو.

”برادرم، سمجهه ڪان ڪم وٺ. پاڻ تان ٻوجهو لاهي، دک ۽ پريشانيون دور ڪر.“

”پاڻ تان سور لاهي، ٻي خدا جي مخلوق کي آزاريان؟“

”ان ۾ آزار جي ڪهڙي ڳالهه آهي. جهاد ته مسلمان جي ايمان جو جُز آهي.“

”هوندو- پر اهو ڪم مون ڪان ڪين پڇندو؟“ خميسي چيو.

”۽ پوءِ هيءَ تنگدستي، مفلسي ۽ پريشانيون؟“

”ڏاتر وڏو آهي. سڻائي ڪندو. ٿورو وڏا ٿين ته ٻهي ڪي سرن جي بٺي تي بيهاري ڇڏيندس.“ خميسي وڏي عزم سان چيو. ۽ مولوي صاحب بس بيهاري، پنهنجي اسٽاپ ڪان اڳ لهي ويو.

haseebkanio@yahoo.com

پونم سنڌو

جتي درٻار اکين جا
اتي پينار اکين جا
مليا آزار اکين جا
سڃاسين آر اکين جا
کليا اسرار اکين
ٿيا ديدار اکين جا
فنا جي گس تي پهتاسين
ٿيا انڪار اکين جا
جهڙالي مند موٽائي
عجب ها پار اکين جا
هٿين خالي وري آيا
سيئي پينار اکين جا
ڪڏهن ’پونم‘ جي راتين ۾
جُڙيا جنسار اکين جا.

*

قربتون رهجي ويون
حسرتون رهجي ويون
تو پڇاڻان او پرين
چاهتون رهجي ويون
پيار جون ۽ چاهه جون
ساعتون رهجي ويون
دل هري دردن سان وئي
عادتون رهجي ويون.

زاهد تاج ابڙو

غم جي صحرا ۾ همسفر نه مليو
سڀ مليو، هن جو ڏس مگر نه مليو
خط پراڻا ۽ ٿي ويا ميرا
پتو هن جو ۽ نامه بر نه مليو
تجربو عشق جو عميق هيو
مري جيئڻ جو پر هنر نه مليو
مرڪندي هو ڇئي ويو سڀ ڪجهه
پيار منهنجي جو پر اثر نه مليو
مون سَئيون بيشمار دربدريون
هن جو ليڪن ڪٿي به در نه مليو
جسم ئي جسم جو غلاف بڻيو
زاهدا، روح جو سَتر نه مليو. ■

شام... ڦڪي پئي

راڄن مگريو

”ابا هاڻ هل ته هلون.“ بابا گرڙي ڪندي چيو.
”بابا، اڃان ته ڏهه مس ٿيا هوندا. ڪجهه ڏينهن ته چڙهي. پوءِ ٿا هلون.“
”ابا، پهچندي پهچندي يارنهن ٿي ويندا. ۽ اڄ ته اتر پيو لڳي. ڪاهين گهمي به ڪونه هوندي.“ بابا وٺو گهڙا منجيءَ تي رکندي چيو.

آئون ڪٽ تان اٿيس. مَنهَن مان ڏاند ڪولي گاڏيءَ ۾ جوٽيم. هرڻ واري پانجاري به گاڏي ۾ رکيم. ڏڳن جا رسا ڪهلي ورائي گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺس. بابا به ڇپر ۾ ٽنگيل ڪهاڙي ڪڍي. ۽ پوءِ مَنهَن ۾ ٻڌل ووهڙي کي کولي اچي گاڏيءَ جي پويان ٻڌو./ ”ابا، هن کي آهستي آهستي پانجاريءَ تي هيرائڻو آهي. ٻيني ڪيسيتائين چاريندا سون.“
”...“
”اڙي ماني جلدي ڪٽي اچجانءِ. ڇوڪري کي بک ڏاڍي جلدي لڳندي آهي. پوءِ پيو ڦيري ڦيري سان ڳوٺ ڏانهن نهاريندو. ۽ تنهنجو راهون پيو تڪيندو.“ بابا مون ڏانهن تڪيندي امان کي چيو.

مون ڏاندن جا رسا سوڙها ڪري ڪين ڳتڪار ڏني ته ڏاند هلڻ لڳا. گاڏي گهٽيءَ مان نڪري ڳوٺ جي گهٽين مان ٿي ٻنيءَ ڏانهن ويندڙ رستي تي هلڻ لڳي.
”ابا، ڏاندن جا رسا سلهاڙيا اٿئي؟“ بابا منهنجي هٿن ۾ پيل رسن ڏانهن ڏسندي چيو.

اصل ۾ آئون ڳوٺ جي ٻين نوجوانن کي گاڏي هلائيندي ڏسندو هئس ته اهي ڏاندن جا رسا پاڻ ۾ نه سلهاڙيندا هئا. ان ڪري مون کي به رسا سلهاڙڻ خراب لڳندا هئا. پر بابا جو پنهنجو اصول هو. هو چوندو هو، ’ابا، ڏاندن جا رسا سلهاڙيل هوندا ته رسا هٿن مان ڇڏائبا ڪونه. ۽ ڏاند گوهي به ڪونه ڪندا.‘

بابا منهنجي هٿن مان رسا وٺي ٻنهيءَ کي پاڻ ۾ ڳنڍي ڇڏيو. گاڏي آهستي آهستي هلي رهي هئي. بابا ڳالهائڻ شروع ڪرڻ کان پهرين هڪ ٿڌو شوڪارو ڀريو، ”ابا، تون تڏهن ننڍڙو هئين. مون وٽ هڪڙو ٻولاهو ڏاند هو. هَرَ گاڏي جو پيٽسان اهڙو هو، واهه ٻولا ها واهه.“
”ابا، ڪڪڙو ٻولاهو رنگ ئي اهڙو آهي. دعوتن تي ويندا هئاسين ته منهنجي گاڏي سيني گاڏين کان اڳ ۾ هوندي هئي. مجال آ ڪو گاڏيءَ وارو ٻولاهي جو پاسو ئي ڪٽي جهلي.“
”...“
”ابا، هڪڙي پيري ڪڏڙي واري دعوت مان نڪرندي دير ٿي وئي. سڀ گاڏيون مونکان اڳ ۾ نڪري ويون. مون به ڪٽي پٺارن کي جوٽيو. ٻيو ڏاند سدوري چانگ وارو ڳڏ هئس. جيئن ئي ڪٽي رسا ورايم، ڪٽي ڀڄارياؤن.“
”...“
”ابا، ماڻهين ۽ ٻين ماين جي اصل رڙو رڙ ٿي وئي. پر ٻولاهي کي ڪير جهلي. گهڻو ئي اڏي ۾ رسي کي ور ڏئي ڇڪيو ملس. پر ڪو جهلائي چا!! ابا پوءِ ته منهنجو پٽڪو ڇُڙي وڃي بانڪ ۽ ٻيڙي جي وچ ۾ ڊري ۾ ڦاٿو. ماين جا هڄن باڪن ۾ هٿ. اچو الله جا سونهن وجهن. پر مون کان ڏاند جهلائين ته جهليان؟
”...“
”ابا، جڏهن راوتياٽي مٿياسين ته ٻولاهي مٿي ۾ پيل گينگهرا به ٽوڙي ڇڏيا. ۽ سانگهڙ تائين سيني گاڏين کان مٿي اچي اڳ ۾ ٿيس. پوءِ وڃي ڏاند ڪجهه ٿڌا ٿيا. ۽ ڪجهه ماين ۾ به ساهه پيو. ڪجهه منهنجن هٿن کي به ساهي ملي.“
”بابا، سائي ڏاند لاءِ ادا ڪيئن نه ٻانٺين ۾ ليٽيو هو؟“ بابا ڳالهه پوري ڪئي مون وري ڪيس ڇيڙيو.

”ها ابا، اهو ته آهي ئي درويش. چڱو ٿيو جو وڃي شهر ۾ درزي ٿيو. نه ته هٿڙين گرمين ۾ هن کان ڪٽي ڪم ٿئي ها؟ ان ڏينهن اچي شوق مان ڪري کي ٽوپ ڏنائين ته چاپا ڪو ٿي پيس. اهو ته چڱو ٿيو جو ماما نوري جا چاپاڪي جي رت سان هٿ ڏوتل هئا جو مامي کان هٿ ڏوئاري اهو پاڻي ٻت تي ملپائينس ته آرام آيس- نه ته خبر ناهي الائي ڇا ٿئي ها؟“
”...“
”ابا، ياڻئين جون ڳالهيون ئي نه پڇ. پاڻ واري چال ميينهن لنڊي خبر اٿئي ڪيئن ٿي هئي. ان جو پڇ ٻي ٿهاڻ سان سلهاڙي ڇڏيو هئائين.“
”اهو وري ڇو؟“ مون بابا کان سوال ڪيو.
”ابا، ويو هو ميينهن کي ڪاهي جهنگ ۾. ۽ ميينهن ڪيو هئس تنگ گهڻو، سو شام جو سويل آٽي مَنهَن ۾ واڙي انهن جا پڇ پاڻ ٻڌي ڇڏيائين. ميينهن وٺي زور لاتو ته چال جو پڇ ڏنو نڪاءَ. مس مس وڃي ويچاري نيڪ ٿي. اهو ته چڱو ٿيو جو ڦر نه ڇڏيائين، جي ٽنبجي پئي ها ته خبر ناهي ته ڇا ٿئي ها؟“
”بابا، سائو ڏاند جنهن لاءِ ادو ٻانٺين ۾ ليٽيو هو اهو توهان گهٽي اگهو ڪيو؟“
”اڙي ابا، کهڙيون تو ڳالهيون پڇين. اهڙا ڏاند هاڻ آهن ڪٿي؟ پنهنجا مگ لٽا هئا. گهڻن سالن جي ڳالهه آهي. مون وٽ اهو سائو ڏاند هو. ۽ ٻيو به هڪڙو چٽڪبرو هو. شهدادپور واري پڙيءَ تان ورتو هئم. اهو به ڏاڍو سچو ڏاند هو. مون گاڏيءَ ۾ سورنهن ٻوريون هٽي وڃي سانگهڙ ڏنيون هيون. پر پٺارن تي ته پلي ڪيترو به وزن هٽي ڇڏ، جهڙا ٿلها پيا اچن! ابا اهو به وقت هو. پندرنهن پندرنهن جوڙا هوندا هئا ونگارن ۾. پر منهنجو جوڙو سينيءَ کان اڳ ۾ هوندو هو. هَرَن جو اهڙو ته سياڻو هو جو جاٽ پوري ٿي ناهي ته پاڻ وڃي ٻي جاٽ هٽندو هو. پنڌ به اهڙو هئس جڻ پلو گهوڙو. وصف ۾ سهڻو ۽ ڳوڊ مر ڳو هئس ئي ڪونه. هلندو هو ته جڻ ڊانس ڪندو هو.“
”ابا، مون واري ڳالهه ته اڌ ۾ رهجي وئي؟“
”ابا، سستائيءَ جو زمانو هو. پر تڏهن به يارهين سوين وڪيو هئم.“

اسان هاڻ ڪري جي ويجهو پهچي وياسين. بابا پويان ايندي وهڙي کي مخاطب ٿيندي چيو، ”اڄ تنهنجي به خبر ٿي پوي تيلا، گهڻا ڏينهن مکيءَ جو جهنگ چريو اٿئي.“
”...“
”ابا، تيلو وهي ته ويرون ڪري ڇڏي. جي ڪري گوهه ته اٿي ئي ڪونه. پلي گهوڪن سان بگل ڪڍي ڇڏيوس يا پڇ چڪن سان چلي ڇڏيوس!“
”...“
”هي ته پلو وهندو. هن ۾ پاڻي آهي غيرت آهي گسندو ڪونه.“

مون گاڏي مان ڏاند ڇوڙيا. ڏاندن کي هَرَن واري پانجاري ۾ جوٽيم. ڏاندن کي هڪلي اندر ڪري ۾ ڪاهي ويس. فرشي جي اڳيان ڏاندن کي جهليم. بابا دلو ڪٽي پر ۾ وهندڙ واٽر مان ڀري اچي ڪري جي پر ۾ ٺهيل جهوپڙيءَ ۾ رکيو. آئون پائٽو ڪٽي ڏاندن کي هڪلڻ لڳس.
”بابا، وهڙو وري ڪيڏانهن ڪاهيو وڃين؟“
”ابا، لوسڻ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ٿو پاڊيانس. هاڻ ئي جو جوٽيندو مانس ته گرمي لڳي ويندس. شام جو ڏينهن ڪجهه ٺرندو ته پوءِ ڪٽي پاسي سان ٻڌنداسين.“
بابا وهڙي کي پاڊي وري آيو. ۽ ٽنگڙي ڪٽي وَٽَ ورائڻ شروع ٿي ويو. آئون جيئن ئي اچي پاسي مان مٿيو مانس ته ڏاندن کي ٽنگڙيءَ جو اشارو پئي ڏنائين ۽ هڪل به پئي ڪيائين.

بابا وٽ ورائي وڃي جهوپڙي ۾ ويٺو. ۽ اتان ويٺي ويٺي هدايتون به ڏيندو رهيو. ڪجهه آرام بعد وري اٿي آيو. ٽنگڙي ڪٽي وري شروع ٿي ويو وٽ ورائڻ.
”ابا، هلائي وَٽَ هلائي ته سياڻ ڪيونس آخري ڏينهن. واءُ به ڏاڍو سٺائو لڳو آهي.“
روز جيان اڄ به ماڻهو ڪرن ۾ ڳاهه ڪري رهيا هئا. پڳر جي اڌ ڳرڻ کان پوءِ بابا مونکي چيو، ”ابا، هاڻ تون گهڙي سوا ساهه پٽ. پاڻي پي ته آئون ٽوپ ڏئي وٺان.“
آئون ڳاهه ڇڏي اچي ڇانوءَ ۾ ويهي رهيس. بابا ٽوپ ڏيڻ لڳي ويو. ٽوپ ڏئي چيائين،
”ابا، هلي آ. هاڻ تڪڙا تڪڙا ڦيرا ڏيئي وٺ. ته وجهون ٻيو پڳر.“
منهنجي بک به هاڻ وڌڻ لڳي. بابا واري ڳالهه وانگي هاڻ منهنجون اکيون هَر هَر ڳوٺ ڏانهن هيون. ڏنم پئي ته ڪيڏي مهل ٿي امان ماني آڻي. ٻين جون مانيون ته آيون پئي. پر امان ڪافي دير ڪئي. آئون ته آئون پر بابا کي به اچي بک لڳي.
پڳر به نيٺ ڳهي ويو. بابا وري مونکي ساهه پٽڻ لاءِ چيو. ۽ پاڻ لڳي ويو ٻيو پڳر وجهڻ. منهنجون به اکيون هيون ڳوٺ ڏانهن. ڪنهن مهل ڏنم ته هائو ٻيلي، امان اچي پئي. ماني ڏسي منهنجي بک ويتر وڌي وئي.
”بابا، امان اچي پئي.“
”ها، چڱو ٿيو ابا هاڻ ته مر ڳو آندا تي وات کان آيا. هڪڙا ٽڳڙي اڳي ئي آندا چني ڇڏيا آهن وري مٿان بک.“
بابا به پڳر وجهي بس ڪئي ته امان به اچي سامهون لٿي چڙهي.
”اچي وئين نيا ڳي. اسان جا هٿي بک لاهه ڪڍي ڇڏيا آهن ۽ هي آسا پئي ديرون ڪري؟“
امان به اچي منهنجي اڳيان مانيءَ واري ڳنڍ رکي.
”دير ڇو ڪيئي؟“ بابا سڌو سوال ڪيو.
”ڇا ڪريان گهر جو ڪم ئي ايترو آهي، جو دير ٿيو وڃي. ٿانوءَ مانجهيم. ڇيٽا ٿڦيم. ٻهارو ڏنم. مال کي گاهه وڌم. پوءِ پچايم ماني. دير نه ٿيندي؟“
”تون ته اڳئي ٻهانا ٺاهيو ويٺي آهين.“ بابا ڳالهه کي چرچي ۾ تبديل ڪيو.
”ٻوڙ ڇا جو آهي؟“
”ٻوڙ ته ڪونه آهي. باقي انبڙين جي چٽڻي ۽ لسي آهي.“
چٽڻي جو نالو ٻڌي منهنجو وات پاڻي ٿي ويو. جلدي جلدي ۾ ڳنڍ کولي ماني کائڻ شروع ٿي ويس. ماني کائي وري وڃي ڳاهه ڳاهڻ کي لڳي ويس. بابا ماني کائي اٿيو. اچي وري ٽڳڙي ڪنيائين. ۽ وٽ ورائڻ لڳو. امان کي چيائين، ’تون وڃي گاهه لڻ.‘ امان گاڏيءَ مان ڏانٽو ڪڍيو ۽ وڃي گاهه ڪي لڳي.
بابا وٽ ورائيندي چيو، ”ڏي خبر، هاڻ جوٽيون وهڙي کي؟“
”پلي جيڪا تنهنجي مرضي.“
بابا ويو وڃي وهڙي کي ڪاهي آيو. ڇِڪي اچي ٻاهرين ڊگي سان گڏ ٻيهاريائينس.
نَٿَ کان رسو ٿپائي ڪٽي پانجاريءَ سان ڏنائينس ڳنڍ. پوءِ ڪيائين هڪل، ’نه ويو آن؟‘ اهو ٻڌي وهڙي ڪٽي ڏنو ٽپ.
بابا مونکي چيو، ”ڇورا، پري ٿي ٻيهه. ڏس ته ڪيئن ٿو تيلو هلي؟“
وهڙو به پير هلي وري ٻيهي رهيو. اچو ٿو چنگ پٽيس. هٽي ڦٽي ڇڏيائينس. شام تائين وهڙي کي اهڙو تيار ڪري ڇڏيائين جو هڪل ڪنيو ڪري ته وهڙو ڪنيو ٻهاري. ڦرشي کي ڪٽي، ٻيو پڳر به نيٺ ڳهي ويو. امان به پريون گاهه جون ڪري اچي ڪري جي ٻاهريان ٻيٺي.
”اڙي دل ڇو ٿي لاهين، باقي سياٽڪو ڏينهن، پرينهن ٽا ٺاهيونس ڏڙهو. ۽ دعا ڪر ته ڏڪڻ لڳي پئي. وجهونس ولڙ. پهمان ڪڏي گانبولي ڪري. ۽ ٺاهيون پٺاري جي راهه. ڪيونس ٻٽي.“
بابا کي وهڙي جي وهڪ اهڙي وڻي وئي جو خوشيءَ ۾ نه پيو ماپي. جوڙو ڳاهه مان ڇوڙي مون وڌو گاڏي ۾ گاهه. ۽ بابا وڌو ٻئي ڏينهن لاءِ ٽڳڙ. گاڏي گاهه جي پري پوءِ ٿياسين ڳوٺ روانا. پر بابا کي الائي ڪهڙو خيال آيو. چيائين، ”ابا، ٻيهه ته وهڙي کي ٿا گاڏيءَ ۾ جوٽيون.“ ۽ ڪٽي ٻاهريون ڏاند کولي وهڙي کي جوٽيائين. ۽ لسان کي چيائين، ’توهان ڏاند ڪاهي اچو ته آئون گاڏي ڪاهيو ٿيو هلان.‘-“
بابا جيئن ئي گاڏيءَ تي چڙهي ڏاندان کي هڪل ڪئي ته ڏاندن ٻهاري ڪٽي ڪنيس. پوءِ ته پويان رڳو ڌوڙ پئي نظر آئي.
اسان جڏهن ڳوٺ ويجهو پهتاسين ته ڳوٺ کان ٻاهران ماڻهن جو ميڙ لڳو پيو هو. ماڻهن کي ڏسي آئون ۽ امان پريشانيءَ ۾ تڪا تڪا هلڻ لڳاسين. جڏهن اتي پهتاسين ته گاڏي ڪلٽي ٿيل هئي ۽ بابا جي مٿي مان رت گهارا ڪري وهي رهيو هو. ۽ هو بيهوش پيو هو.
ٿوري دير کان پوءِ بابا اکيون کوليون. مون محسوس ڪيو ته سندس اکين ۾ تمام گهڻي خوشي هئي. مون ڏانهن ڏسي چيائين، ”پٽ، مبارڪون هجنئي. ’تيلي‘ کي لوڻ جو هٿ هٽي ڇڏجان.“ ■

نظم



امداد حسيني

ٽيبل ٽاڪ...

وري جڏهن ملنداسين
لڙڪ لڪائي کِلنداسين
چانهه چانهه تي پيئنداسين
سگريٽ پيا ڦوڪينداسين
سُور ادب جا رُونداسين
پيو ڪجهه نه ڪري سگهنداسين
ٽيبل تي مُڪون هڻنداسين
ويٽر تي چوهه چنبڙينداسين
پاڪن مان ناپاڪن مان
ناڻُ ڪٽي جي ڳڻهنداسين
پادر ڏاڍا ڪينداسين
جانا پوءِ پرينداسين
مَس تڏهن ڇُٽنداسين
ليک ڪٽي ڪو لکنداسين
شعر ڪٽي جي ڇُونداسين
ڏاڍا ٻُچڙا ٿيڻنداسين
لوڪان لڪندا وتنداسين
سَچُ ڪٽي جي ڇُونداسين
ڪاٺ ۾ پئجي ويندا سين
باس سان ته پُڄي ايندا سين
چمچن مان اڙجي ويندا سين
وري جڏهن ملنداسين
ساڳي ئي بڪواس ڪنداسين.

بيت

ادل سومرو

پنهنجي اُٽاريل ڏُوڙ ۾، ڏُوڙ ٿي ويندين
رِستا روڪيندين، جي تون علم شعور جا
ڦُٽين واري فيڪٽري، انگ اُگهاڙا ٻارَ
ڊگهي آهي قطار، مزدورن جي درد جي
ميمبرن ميڙي چڏيا، چانديءَ جا سِڪا
بيوه جا سُڏڪا، بچيا بيت المال ۾
پنهنجو گُرو پاڻ تي، تلڪ لڳائي گُهم
اندر ۾ ٿي گُم، ڳولي لهُه تون پاڻ کي
پکيءَ کي پڃرو مليو، ماريءَ کي ماني
ڏئي ٿو حيراني، فلسفو هي رزق جو
عارفن جي عشقِ جا، ڪير ڪڇندو قد
پنهنجي آهي حدَ، هر ڪنهن جي ايمان جي

ساحل تي پهچي نٿو، بتيلو هر بار
صديون انتظار، ڪرٽو پئي ٿو پيارَ جو
هر چئنل کي پنهنجا، ٿي وي دانشورَ
ڪيڏا وڪڙ ورَ، اُنهن جي اظهارَ ۾
لغڙن پنيان ٻارڙا، ڊُڪندا ايئن رهن
سڙي رک ٿين، فيڪٽريون بارود جون
مسجد، مندر، گرجا ۾، ڏٽيءَ جو درشن
ساڳيو ئي دشمن، آهي عبادتگاهه جو
سهڪي سهڪي ٿو ڪري، جوانين تي وارُ
هلي ٿو هٿيارُ، اجا پوڙهي موتَ جو
اوڳاڇن ٿيون فيڪٽريون، زهر نديءَ ۾
هلندڙ صديءَ ۾، سنڌ وڃي ٿي اجڙندي.

مشتاق بخاري

سانوڻ سارو گذريو، دلبر توکان ڌارَ
سياري ۾ پيي سارَ، پلئہ پوندي آ رڳو
چنبڙي چوندا هن، پيڙائن جا پَلَ
توبن او پاڳلَ، ڪنهن سان لڳي ڪونه ٿي
ساري رستي ۾، وکَ وکَ تي ها خارَ
پيرن ڪديا پارَ، آڏو اوهانجي اچي
ساجُهر ئي سمهي پيا، سَيُون ڪائي سُک
ڏيهه سڄي جا ڏک، آيا مون ڏي عيد تي
خوشيون ڪوڙ ڪٽي، جاڳيا دل ۾ پيارَ
سالگره تي سارَ، آئي تنهنجي او پرين
وينس ويگن ۾، هئي تنهنجي سک گهٽي
ڇڪي آئي ڪٽي، سيوهڻ ۾ او سوهٽي
وسريو ناهي مَنَ، تون ۽ تنهنجو ناڻُ
سج ايري آءٌ، ايندس تنهنجي اڱڻ تي
رات اجان آهي، نڪتو مان ناهيان
اجان مان آهيان، سيوهڻ ۾ او سجني
سجِ جهڙي ڇوڪري، چندِ جهڙو ناڻُ
ان جي يرِ ۾ آءٌ، تاري جان تِمڪان پيو

وائي

پلي ڏارَ هجون
ته به يارَ هجون
دوريون دور رهن
سيني سکَ هجي
تارو تاَرَ هجون
دوريون دور رهن
وڙهون، روز ٺهون
ها ڇڻ ٻار هجون
دوريون دور رهن
ڇڪي تانگهه گهٽي
پرينءَ پار هجون
دوريون دور رهن
خوشبو سونهن رهي
گلنِ هارَ هجون
دوريون دور رهن.

هوءَ سُتي پئي آ
جاڳان آءٌ پيو.
سپنن جي ڪنهن شهر ۾
هوءَ هلي وئي آ
جاڳان آءٌ پيو.
ڳالهه اسانجي پار جي
چندَ چَرئي چئي آ
جاڳان آءٌ پيو.
ها، ننڊ ڪٿي سڪون جي
هن پڻ ڪينَ ڪئي آ
جاڳان آءٌ پيو.
ڇڻ ڪٽَ تي اڌ رات جو
باک ڦٽي پئي آ
جاڳان آءٌ پيو.

*

ڏيڍ سِٽا

مان ڪيئن وڃان ٻاهر
اڄ چندِ به نه آ نڪتو، تون پيي ته نه آن ظاهر.
تون پيارَ ڏئي وڃان
جي ڳوٺ وڃين پنهنجي، جلدي موٽي اچجان.
تنها نه رهي سگهندينءَ
ها، وارَ وڇوڙن جا، تون ڪونه سهي سگهندينءَ
ڪلهه ڪان ته نه، سالن ڪان
ٿي پيار ڪرين مونسان، توکي به سڃاڻان مان
ها، ڌارَ نه ٿهنداسين
ڪيو پيارُ اسان آهي، ڪي وارَ نه سهنداسين
ڇا آءٌ برو آهيان؟
ها، لوڪ پلي سمجهي، توکان ته ڳُجهو ناهيان.

***

غزل



مختيار سهتو

طريقا طور بدلي ڪر
اسان تي غور بدلي ڪر
اڪيلائي ٿي ڊيڄاري
اڄاتو شور بدلي ڪر
رڳو پيو پاڻ لئہ جيئي
خدا هي دور بدلي ڪر
اسان کي ڏي ڪوموسيٰ[4] يا
فرعوني دور بدلي ڪر
اسان مان ڪونه ويو آهي
پٿر جو دور بدلي ڪر
من سلوسيٰ عطا ڪر تون
۽ ماني- پور بدلي ڪر. ■

اسٽيل جا پنج گلاس...



ڊاڪٽر رسول ميمڻ

بڙيچ روڊ تي ڪرتب ڏيکاريندڙ گهڻو ڪري هندستان کان لڏي آيل مهاجر هيا. ڪڏهن ڪو پنجابي يا پٺاڻ به نظر ايندو هو. انهن جي بازيگريءَ جا هنڌ الڳ هوندا هيا. پٺاڻ پاڻ سان گڏ وڏيون ڪاٺ جون پيٽيون کڻي ايندا هيا ۽ انهن کي کولي مختلف قسمن جا اجگر ڏيکاريندا هيا. اهي اجگر تمام وڏا ۽ ٿلها هوندا هيا. انهن جو وزن ڏسڻ ۾ ماڻهوءَ کان به وڌيڪ لڳندو هو. اهي سامهون پٽ ۾ هڪ وڏي تصوير ٽنگيندا هيا جنهن ۾ جبلن تي باندر ويٺل هوندا هيا ۽ انهن جي هٿن ۾ سلاجيت جا وڏا پٿر هوندا هيا. اهي پٺاڻ هڪ لٺ کڻي جبلن ڏي اشارو ڪري چوندا هيا،

”هي اجگر انهن پهاڙن جا رهاڪو آهن. خدا انهن کي ڏنگڻ جي سلاحيت کان محروم رکيو آهي، پر اهي شڪار کي چڪ هڻي ڳهي ويندا آهن. انهن ئي خطرناڪ پهاڙن مان صلاجيت حاصل ٿئي ٿو. اهو هڪ ناياب مادو آهي. ان مادي کي واپرائڻ سان اوهان جي جوڙن جو سُور ختم ٿي ويندو ۽ پولڙن جهڙي توانائي اچي ويندي. سلاجيت قوت باه کي وڌائي ٿو. هڪ دفعو ضرور آزمائيندا ته سدائين ڳولهيندا ۽ سدائين چوندا ته پَرسال جيڪي پٺاڻ آيا اهي ڪاڏي ويا.“

سنڌي ماڻهو پل بخار جي دوا نه وٺي پر پئسا بچائي قوت باه جي دوا ضرور وٺندو. مان هڪ اهڙي مريضن کي سڃاڻان جنهن قوتِ باه تي ايڏو خرچ ڪيو هو جو هن جي رنڊٽي جي باه وسامي وئي. هن جا ٻارنهن ٻار سڪٽي ڪنيءَ چوڌاري ٻڪ کان رڙيون ڪندا هيا ۽ سندن ماءُ پيٽ جي باه وسائڻ لاءِ ڪين هر هر پاٽي پيئاريندي هئي.

پنجابي بازيگرن ۾ اهي مداري شامل هوندا هيا جيڪي ڊبڪٽي وڄائي بنسري وڄائيندا هيا ۽ هڪ پولڙو ڊگهو ٽوپ پائي قلابازيون کائينديون هو. انهن وٽ ماڻهن کي کلائڻ جا گُر هوندا هيا. اهڙيون ڳالهيون ڪندا هيا جو چوڌاري بيٺل هجوم ٽهڪن سان گونجندو هو. هر ٿوري ڳاله تي ماڻهن کان تاڙيون وڄرائيندو هيا ۽ ٽڪسال ڪري ڪجهه اهڙا ڪرتب ڏيکاريندا هيا جن کي ڏسي ماڻهو حيرت ۾ پئجي ويندا هيا. اهي پنهنجي هڪ خاص ڇيلي جنهن کي ’بيٽا جمهورا‘ چوندا هيا انهن جي زبان ڪٽي ماڻهن کي ڏيکاريندا هيا.

ان جي اهڙي حرڪت تي اسان جي هڪ ڪامريڊ دوست عجيب تبصرو ڪندي چيو هو،

”اهي پنجابي فوج جا حامي ۽ جمهوريت جا دشمن آهن. اهڙا ڪرتب ڏيکاري ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته جمهوريت انهن جي ڇيلي جيان آهي. ڇيلو جيڪو مسخرو ۽ جاهل آهي. اهي جمهورا جي روپ ۾ جمهوريت جي زبان ڪٽي عوام کي ڏيکاري اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته جيڪڏهن ڪنهن جمهوريت جو نعرو هنيو ته ان جي سرعام زبان ڪٽي اڇلائي ويندي.“

ايوب جي دور ۾ اهو ڪامريڊ منهنجو دوست هو. هڪ دفعي جڏهن مان مداريءَ جا ڪرتب ڏسي آخر ۾ پئسو ان دٻي ۾ وجهڻ وارو هيس جنهن ۾ پولڙو مٽي تي رکي مجموعي چوڌاري گول ڦري پئسا گڏ ڪري رهيو هو ته ان ڪامريڊ منهنجي هٿ کي روڪيو،

”خبردار، توکي ياد رکڻ گهرجي ته تون فوج جي مالي مدد ڪري مارشلا جي حمايت ڪري رهيو آهين.“

منهنجو هٿ رڪجي ويو ۽ مٽي تي دٻو جهلي پولڙو منهنجي منهن ڏانهن ڏسڻ لڳو. مان پولڙي جي منهن ۾ نفرت مان ڏسي ڪامريڊ جي اشاري تي نعرو هنيو،

”جمهوريت زنده بياد.“

اهڙي نعري تي سڀ تاڙيون وڄائڻ لڳا. انهن سمجهيو ته مون ’بيٽا جمهورا‘ جي تعريف ۾ نعرو هنيو آهي. دراصل تن ڏينهن لفظ جمهوريت ان ڪري عام نه هو جو ڀٽو صاحب اڃان وزير خارجا هو.

مون کي هڪ اهڙو مهاجر بازيگر ياد آهي جيڪو ڇنگهن سان لڪڙا ٻڌي گهمندو هو. ان کي ڊگهو پاجامو پاتل هوندو هو ۽ ايڏو ته ڊگهو نظرايندو هو جو روڊ تي ان جي قد جيڏي ڪا به عمارت نه هئي. اهو جڏهن جاگيراڻين جي پاڙي مان لنگهيو ته سندس نظر گهرن ۾ پئي. عورتن جي بي حرمتي ٿيندي ڏسي هڪ جاگيراڻي گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ چاقو کولي لڪڙن تي گهمندڙ ان شخص کي وهائي ڏنائين جيڪو ڪيس لڪڙي ۾ لڳو ۽ ان جو توازن خراب ٿي ويو.

مهاجر حيرت انگيز جادوءَ جا ڪرتب ڏيکاريندا هيا. ڇُهارامنڊيءَ ۾ مون اهڙي جادوگر جا ڪرتب ڏٺا هيا جيڪو وات مان لوه جا گولا ڪڍي آسمان ڏي اڇلي رهيو هو ۽ اهي مٽي وڃي گم پي ٿيا. ان مهاجر جادوگر کي وڏن وارن وارو ٽوپ هوندو هو، جنهن کي پاسن کان هرڻ جا ڊگها سڱ هيا. مون کي ان کان ڏاڍو خوف محسوس ٿيندو هو. اهو ٻار کي هيٺ ويهاري مٿان پردو وجهي جادو پڙهي گم ڪري ڇڏيندو هو. آخر ۾ وچ مجموعي ۾ ڪپڙو وڇائي ماڻهن کي چوندو هو،

”هن ڪپڙي تي جنهن پئسا نه اڇلايا ته اهڙو جادو پڙهندس جو ان جي ماءُ مري ويندي.“

مان اهي پئسا ان ڪپڙي ۾ اڇلايا هيا جيڪي امڙ مون کي بازار مان سبزي آڻڻ لاءِ ڏنا هيا. سبزي نه آڻڻ تي امڙ ناراض ٿي هئي پر مون رکي ماني کائي دل ۾ چيو هو،

”امڙ تنهنجي ناراضگي پنهنجيءَ جاءِ تي پر توکي ڪهڙي خبر ته اڄ مان رکي ماني کائي تنهنجي جان بچائي آهي.“

مون ڪڏهن ڪنهن سنڌيءَ کي ڪرتب ڏيکاريندي ڪونه ڏٺو. پر ڪرتب ڏسندڙ سڀ سنڌي هوندا هيا. مان طبيعت جي لحاظ کان ننڍي هوندي کان ئي حضور شرم ۽ منجهيل پئي رهيو آهيان. هڪ اهڙي ئي مجموعي ۾ هڪ مهاجر وٽ بوتل جي ٻُجي هئي ۽ وڏي آواز ۾ چئي رهيو هو،

”حضور، مهربان، قدردان، هن ٻجيءَ ۾ سڀ ڪجهه نظر ايندو آهي. ڪو چور چوري ڪري. ڪو قاتل قتل ڪري. توهان کي ڄاڻ نه هجي. هن ٻجيءَ ۾ اک وجهي توهان ڏسي سگهو ٿا ته چوري ڪنهن ڪئي آهي؟ قتل ڪنهن ڪيو آهي؟ هن ٻوجيءَ ۾ هر اها شيءِ نظر ايندي جنهن جي توهان خواهش ڪندا. هن جي قيمت آهي پنجاه روپيا. جنهن به پاءُ ڪي گهرجي آواز ڏي.“

مجموعي مان ڪنهن چيس، ”پلا ڏي ته ڏسان.“

هن هٿ جي اشاري سان ڪيس روڪيو.

”نه، اهو توکي نظر نه ايندو. پر پنجن سالن کان ننڍي ٻار کي نظرايندو.“

مان مجموعي ۾ بيٺل هيس. مهاجر مون کي سڏ ڪيو، ”پٽ، تون هيڏي آ.“

مان وچ مجموعي ۾ ويس ته چوڌاري ماڻهو ڏسي هيسجي ويس. مهاجر ٻُجي منهنجي اک تي چاڙهي پڇيو،

”توکي ٻُجيءَ ۾ هڪ مالهي نظر اچي ٿو جيڪو ٻوٽن کي پاڻي ڏئي رهيو آهي.“

مون کي ڪجهه نه نظر اچي رهيو هو پر اهو سوچي ته هڪ معزز ماڻهو ڪوڙ ڇو ڳالهائيندو. شايد مان ننڍو آهيان مٿان هجي ۽ مون کي نظر نه ايندو هجي. اهو سوچي مون چيو،

”ها، بلڪل هڪ مالهي آهي. اهو ٻوٽن کي پاڻي ڏئي رهيو آهي.“

مهاجر ٻُجي منهنجي اک تان هٽائي، مجموعي کي مخاطب ٿيو، ”توهان ڏٺو. هن معصوم ٻار ڪيئن گواهي ڏني.“

چاچو واليڏنو جيڪو پاڙي ۾ رهان وڪڻندو هو. ان تصديق ڪرڻ لاءِ وري مون کان پڇيو، ”پٽ برابر ائين هو، ڪن ڪوڙ ته ڳالهائين؟“

مان ڏڄندي وراڻيو، ”نه چاچا، بلڪل ائين هو.“

مان مجموعي مان ٻاهر نڪري وٺي ڀڳس. خدا منهنجي جان ڇڏائي. پويان ماڻهن جا ياڳ. گهر پهتس ته نڙي خشڪ ٿي وئي. شيشي جو گلاس پري ڏڪندڙ هٿن سان پيئڻ جي ڪوشش ڪيم ته گلاس ڇڏائجي پٽ تي ڪري پيو ۽ شيشي ڪرڻ جو آواز ائين ٿيو جيئن ٿيندو هو، ڇو جو اهو آواز نئون نه هو.

شيشي جا گلاس اسان جي گهر ۾ ائين ڪرندا هيا جيئن ڀٽي صاحب جي استعيفيٰ ڪانپوءِ سندس جلسن ۾ آنسو گيس جا گولا. پنجهٿ جي جنگ جهڙي لڳي، تهڙي نه لڳي. اها جنگ ائين هئي جيئن هڪ دفعي ڪلاس ۾ گلزار منگي ۽ هاشم بوزدار وڙهي پيا. اهي ساڳي بينچ تي گڏ ويهندا هيا پر سدائين هڪ ٻئي کي پنيءَ ۾ پينسلون هڻي ماستر کي پيا دانهون ڏيندا هيا. ماستر انهن جي ويڙه جو جڏهن ڪو خاص ازالو نه ڪيو ته هڪ ڏينهن اهڙا وڙهيا جو ذري گهٽ ٻنهي مان هڪ مرندي بچيو ۽ خدا انهن کي حياتي ڏني. پلو ٿئي عبدالغفار جو جيڪو هڪ پيش امام جو پٽ هو، جنهن قسم قرآن ڏئي انهن جو عارضي صلحنامو ڪرايو. ٻئي ڏينهن پٽيون ٻڌي ساڳي

بينچ تي گڏ ويٺا هيا ڇو جو انهن کي ٻيو ڪو پرسان ويهارڻ لاءِ تيار نہ هو. مان سمجهان ٿو ڏوهہ هاشم بوزدار جو هو جنهن اڳرائي ڪئي هئي. ان ڏينهن ڪانپوءِ گلزار منگي وينٺل تہ سندس پر ۾ هو پر پاڪي ور ۾ لڪيل هوندي هئس.

تاشقند ۾ هندستان ۽ پاڪستان جو صلح نامو ڪنهن پيش امام جي پٽ تہ نہ ڪرايو پر سوويت يونين ڪرايو. ان سوويت يونين جنهن کي اڳتي هلي اسان جي تختي تي پيل شيشي جي گلاس جيان هڪ ڏينهن ٽٽندو هو. سوويت يونين ائين ٽٽو جيئن غلام علي ويو شيشي جو گلاس سامهون رکي ٺهمري ڳائي پچندو هو ۽ ماڻهو ڪيس داد ڏيندا هيا. جن ڏينهن سوويت يونين اڃان نہ ٽٽو هو تہ معنيٰ ڏاڍو مضبوط هو ۽ ٻين ملڪن جا فيصلا ڪندو هو. ان جنگ جي صلحنامي لاءِ شاستري ۽ ايوب کي تاشقند گهرايو. صلحنامي کان اڳ تاشقند جي هڪ تائفي ۾ ڳيرو چوڪرن جو ناچ ڏسي ايوب خان صلحنامي تي صحيح ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ فارسيءَ جو شعر ٻڌايائين جنهن جو سنڌي ترجمو آهي.

سهڻا تنهنجي ترِ تي، حاضر منهنجي جان
سمرقند بخاراَ تہ ڇا، ڪشمير بہ قربان.

ڀٽو صاحب ان وقت تاشقند ۾ ايوب خان سان گڏ هو. نتيجو اهو نڪتو جو ڀٽي صاحب استعيفيٰ ڏني ۽ شاستري هندستان پهچي شرم ۾ ٻئي ڏينهن مري ويو.

اهي ساڳيا ڏينهن هيا جڏهن ملڪ ۾ جمهوريت جي جدوجهد شروع ٿيڻ واري هئي ۽ بابي کي ڇهہ شيشي جا گلاس وٺڻا پيا. شيشي جي گلاسن ۽ جمهوريت جو ساٿ ائين آهي. جيئن چولو ۽ ڪيسو. ڪيسو ڦاٽل هجي تہ چولو وڻي نہ سگهبو آهي ۽ جيڪڏهن چولو ڦاٽل هجي تہ ڪيسو خالي هوندو آهي. گهرن ۾ گلاسن جو هجڻ ائين ضروري آهي. جيئن ملڪ ۾ جمهوريت جو هجڻ. ڇو جو ڪجهہ پيئڻ لاءِ جمهوريت جي ضرورت پوندي آهي ۽ جيڪڏهن ڪو پيئندو تہ ڪائيندو ضرور.

جڏهن مون هوش سنڀاليو تہ ڪميونزم جي حمليت ڪئي ڇو جو ان ۾ ڪائڻ پيئڻ جي ضرورت نہ هئي. اهو بکايل ماڻهن جو نظريو هو. اهو اهڙن مظلوم ماڻهن جو نظريو هو جيڪي اڃايل هوندا هيا. ان نظريي جي دانشورن کي پاڻي نصيب نہ ٿيندو هو. ڏک مٽائڻ لاءِ ’ووڊڪا‘ سگريٽ ڇڪيندا هيا. ڪائيندا ان وقت هيا جڏهن ٻي جي پليٽ ۾ ڪجهہ هوندو هو. مون کي پڙهڻ دوران هاسٽل ۾ هڪ ڪامريڊ ياد آهي. جيڪو پڳڙا ڪائي اهو سوچيندو هو تہ رتي ديري جو مائو ڪيس ڪڏهن نصيب ٿيندو. ان کي فيض صاحب جا ڪلام ڏاڍا وڻندا هيا. هڪ دفعي جڏهن ڪمري ۾ ٽيپ تي فيض صاحب جو مشهور ڪلام، جنهن جا ٻول هيا،

“تنهنجي اکڙين ڪانسواءِ دنيا ۾ رکيو ڇا آهي؟”

ٻڌي هو جذبات ۾ ايڏو تہ پرجي ويو جو سندس اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ بي ساختا چيائين،

“افسوس اهڙي ماڻهوءَ کي چار سال ڦاسيءَ جي سزا آئي.”

مان جيڪو ڳاني جي ڌن تي ڪنڌ لوڏي مستيءَ ۾ مگن هيس. ان جي اهڙي غلط جذباتي جملي تي کلي وينس ۽ ٺهڪ ڏيندو، در کولي ٻاهر نڪري ويس. ٻاهر مينهن وسي رهيو هو. ڪمري جي در اڳيان ورانڊي ۾ ٻيهي سيمنٽ جي ڄاريءَ ڪان ٻاهر ڏٺم. سڄ لڳي پئي هئي. ڪو ماڻهو ڪونہ هو. گجگوڙن تي هڪ ڪتو ڀونڪي رهيو هو. اندر آيس ۽ ڪامريڊ مون کان پڇيو،

“ڪتو ڇو ڀونڪي رهيو آهي. ٻاهر ڪير آهي؟”

مون آڱوٺو سڌو ڪري کيس ڏيکاريندي چيو،

“آڱوٺي ڪانسواءِ دنيا ۾ رکيو ڇا آهي.”

منهنجي ان جملي تي ڪامريڊ ٽيپ رڪارڊ جو بٽڻ بند ڪري افسوس مان چيو،

“نہ دوست ائين نہ آهي. چار آڱريون ٻيون بہ تہ آهن.”

مان ان سان متفق نہ ٿيس.

“نہ ڪامريڊ، اڃان ون يونٽ جاري آهي. خدا آڱوٺي کي حياتي ڏي. جيڪڏهن آڱوٺو ڪٽجي ويو تہ روندا ٿي ويندا سين.”

ون يونٽ ٽڏهن ٽٽو جڏهن ڪاڪي قادن هٿوڙن جا ڏڪ هڻي تختي تي پيل اسٽيل جا پنج گلاس الڳ ڪري وڌا. گهر ۾ شيشي جا سڀ گلاس ڀڃي پيا. بابي وٽ وٺڻ لاءِ پئسا نہ هيا، ڪم هلائڻ لاءِ ضروري ٿي پيو تہ هڪ ٻئي ۾ ڦاٿل اسٽيل جا گلاس الڳ ڪري استعمال ڪيا وڃن. ڪاڪي قادن بہ گلاسن کي اهڙا هٿوڙا هنيا جو انهن جا هڪ ٻئي ۾ ڦاٿل هٿ جڻ ڇڏائجي ويا. هڪ گلاس کي تہ ايڏا ڏڪ لڳا جو سکر کان شڪارپور ڏانهن ويندڙ روڊ جهڙو ٿي ويو. سڄو ڪڏا ڪٻا، هيٺ مٿي. اهو ان روڊ جهڙو ٿي ويو جنهن تي بشير آباد جا رهواسي عورت کي ٻارنہ ٿيڻ جي صورت ۾ کيس رڪشي ۾ وجهي روڊ تي تيز هلائڻ لاءِ چوندا هيا ۽ اهڙو وقت ايندو هو جو ڳورهاريءَ جي پيٽ مان ٻار رڙيون ڪندو اچي هيٺ ڪرندو هو.

بشير آباد جو ڳوٺ سکر ۾ مليٽري روڊ جي اولهہ ۾ آهي. اهو پيلن جو ڳوٺ هو جيڪو رائيس ڪينال مان ڪميون پڪڙي ڪائيندا هيا. جڏهن پنجاب ۾ ڊيم ٺهيا ۽ درياهہ سڪي ويا تہ ڪميون ناياب ٿي ويون. جنهن ڪري ڪين مذهب مٽائڻو پيو ۽ اهي مسلمان ٿيا. جڏهن هڪ پاڻيءَ جي ماهر پنجاب کان پاڻي بند ڪرڻ جو سبب پڇيو تہ هڪ اسلامي مفڪر اهو جواب ڏنو،

“جيئن پاڻي بند ڪرڻ ڪري سنڌ ۾ اسلام ڦهلجي.”

چون ٿا سنڌ ۾ اسلام ائين ڦهليو هو جو ڏسندي ئي ڏسندي سڀ اسلام جي محبت ۾ مبتلا ٿي ويا. محمد بن قاسم ڏاڍو سٺو ماڻهو هو ان هندن کي اجازت ڏني تہ ’پل سندس بت ٺاهي ان جي عبادت ڪن.‘

اسان سنڌي برصغير جا سڀ کان اوائلي مسلمان آهيون. پر چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ اينا ٿاميءَ جو هڪ پنجابي پروفيسر هوندو هو، جيڪو اسان سنڌين کي پڪو مسلمان نہ سمجهندو هو. اهو چوندو هو،

“پنجاپيءَ ۾ بہ ’پ‘ تہ پڪي مسلمان ۾ بہ ’پ‘ تہ وري پاڪستان ۾ بہ ’پ‘.-”

مون ان محترم استاد کي عرض ڪيو، “سائين توهان هي کهڙيون ڳالهيون ٿا ڪيو. پڪيون تہ محمد بخش مراد واهڻ واري جي ٻٽي جون سرون هونديون آهن. اسلام صرف اسلام آهي. اهو ڪچو پڪو نہ هوندو آهي. ڪچا پڪا صرف پاپڙ هوندا آهن.”

ان محترم پروفيسر جو تعلق ميرپور خاص سان هو. جتي هڪ ڳوٺ ۾ ڪين حڪومت زمينون عطا ڪيون هيون. ان کي منهنجي ڳالهہ نہ وڻي ۽ چيائين،

“توهان سنڌي ڪاهل ۽ جاهل آهيو. صدين کان زمينون ويرانون پيون هيون. اسان انهن کي آباد ڪيو ۽ سنڌين کي هر هلائڻ سيکاريو.”

اهو اينا ٿاميءَ جو پروفيسر جنهن کي خدا حياتي ڏي، اڄڪلهہ دنيا مان موڪلائي ويو آهي. ڏاڍو سٺو ماڻهو هو. خبر نہ آهي ڇو هڪ دفعي جاويد ڀٽو ان جي بنگلي ۾ بم اڇلائي ويو. *(هلنڊڙ)*

مختصر ڪهاڻي

بلاڙو...

زاهد ميراڻي

هن اسڪول کان موٽندي پنهنجي ماءُ اُميدان سان احوال ڪيو. چيائين، “امان، اڄ نئي اسڪول ۾ نئين مِس سيني کان حال احوال پئي ورتا ۽ ڪائن پيءُ ماءُ بابت پڇا پئي ڪئي.”

“...”

“توکان ڇا پڇيائين؟”

پڇيائين، “تون ڪير آهين؟”

“تو ڪهڙي ورندي ڏني؟”

چيو مانس، “مان سنڌي آهيان.”

“پوءِ مِس ڇا چيو؟”

مِس حيران ٿيندي ڪاوڙ ۾ چيو، “ذات جو ڪير آهين؟”

چيو مانس، “بابا چوندو آهي، ذات غلام ماڻهن جي ٿيندي آهي. ۽ اسين غلام ناهيون. اسين آزاد آهيون. هڪ قوم آهيون. اسان سنڌي آهيون. ۽ منهنجي ذات بہ سنڌي آهي.”

“...”

مِس منهنجي منهن ۾ گهوريندي چيو، “پلا تنهنجو نالو؟”

“منهنجو نالو موريو مل آهي.”

“پوءِ ڇا چيائين؟”

“چئبو، واڻيا آهيو!!”

چيو مانس، “نہ مِس، اسين سنڌي آهيون. ۽ سنڌي ٿيڻ جو مقصد مسلمان ٿيڻ ناهي. مسلمان سنڌي نہ ٿيندا آهن، جو مسلمانيءَ ۾ فقط مسلمان ٿيڻ جائز آهي، سنڌي ٿيڻ جائز ناهي.”

“...”

“مس، بابا جو نالو پڇيو.”

“...”

“بابا جو نالو گگدامر سنڌي آهي. قومي ڪارڪن آهي. ۽ سنڌي قوم جي آجپي لاءِ ڪم ڪندو آهي.”

“...”

“پوءِ تہ امان منهن ڇِبو ڪري ٻئي پاسي ڪري ڇڏيائين.”

“...”

“امان مِس نِي آخر ۾ پڇيو پلا تنهنجي ماءَ جو نالو ڇا آهي؟”

چيو مانس، “سنڌ، سنڌ، سنڌ.”

“...”

“منهنجن اهڙن جوابن تي مِس ڪڪان وڪان ٿي مٿي کي هٿ ڏئي وڃي ڪرسيءَ تي ويٺي. ۽ چيائين، ’الا، هي ڇوڪرو آهي يا بلاڙو. جهڙو ڇيڇڙ. جواب تہ ٻڌينس؟‘-” ■



پن ته ڏينهن ڪانپوءِ پتو پيو ته اهي ته اسان سان ڌوڪو ڪري ويا آهن. توکي ياد هوندو ته انهيءَ زماني ۾ حرن جو وڏو تعداد ٿاڻن تي هفتيوار حاضري ڏيندو هو. حر اڳواڻن اهو فيصلو ڪيو هو ته پير سائينءَ جي مفاد خاطر اهو ڀلو آهي جو اهي حر ظاهر ۾ ٿاڻن تي هفتيوار حاضريون ڏيندا رهن. جيڪڏهن هو پنهنجن گهرن ۾ هوندا ته اسان جي چوڻ مطابق پيا ڪم ڪندا. جيڪڏهن هو روپوش ٿي ويندا ته چڱو ڪونه ٿيندو ۽ پڇي ويلن جو تعداد تمام گهڻو ٿي ويندو. هڪ ڏينهن جڏهن اهي سڀ حاضريءَ لاءِ چئن مکيه ٿاڻن تي گڏ ٿيا ته کين گرفتار ڪيو ويو ۽ کين رسن ۾ سلهاڙي فوج ۽ پوليس جي سخت نگرانيءَ ۾ ريلوي اسٽيشن ڏانهن موڪليو ويو. هڪ اسپيشل ريل وسيلي، کين سکر آندو ويو. جتي عام جيل سان گڏ ڪئمپ جيل پڻ قائم ڪيو ويو هو. اهڙيءَ ريت اسان اٺ سو ماڻهن کان هٿ ڌوئي ويٺاسون. جن جي گهٽائي اسان جي ڏاڍو ڪم ايندي هئي. انهن مان ڪي ماڻهو اهڙا به هئا، جن کي سُتت ئي غازين جي ٽولين ۾ ڀرتي ڪرڻو هو. اسان کي اها کُڙڪ به ڪانه پئي ته عملدار ڪين ڪري رهيا آهن. ظاهر هو ته لمرڪ اسان جو وڏو دشمن ٿي پيو هو.

مکيءَ ۾ حرن جي اڳواڻن جي گڏجاڻيءَ ۾ محبت اها ڳالهه قبول ڪئي هئي ته حرن جي ايڏي وڏي تعداد ۾ بي وقتيءَ گرفتاريءَ ڪري ڏاڍو نقصان پهتو آهي. جن ۾ ڪيترائي جان نثار حر هئا. پر اهو ته جنگ ۾ ٿيندو آهي. اسان کي ڪنهن به نقصان جو انديشو ڪرڻ کپي. هن ۾ گهبرائڻ جي ڪابه ڳالهه ڪانه آهي.

هن وڌيڪ چيو ته انگريز جپان جي مقابلي ۾ هزارين فوجي ۽ جهاز وڃائي چڪا آهن. پر دنيا جي ٻين حصن ۾ سندن جنگ جاري آهي. سندن حالت گهڻي خراب به ڪٿي هئي، پر جيستائين هو پنهنجي هر شيءِ نه وڃائيندا، تيستائين هو آڻ نه مڃيندا. سنڌ مان فقط پير سائين کين ڪيڏي سگهي ٿو. اسان هتي فاتح آهيون. جيڪڏهن پيا به اٺ سؤ جوان حر جماعت مان ٻڌجي ويندا ته اسان سولائيءَ سان پيا اٺ سؤ ماڻهو گڏ ڪري سگهنداسون. اسان ته آخري حر تائين دشمن جو مقابلو ڪنداسون. ڪن مختصر ماڻهن ڪانسواءِ ساري حر جماعت به جيڪڏهن گرفتار ٿي وڃي، ته به حرن جي عورتن ۽ ٻارن تي به اعتماد ڪري سگهجي ٿو ۽ اهي هر جاءِ تي اسان جي واهر ڪري سگهن ٿا. اسان حڪومت کي چڱيءَ ريت جواب ڏينداسون. وريام ۽ نورو اوهان کي اهڙيون هدايتون ڏيندا، جيڪي حر جماعت ۾ وڏي عزت ۽ احترام جا مالڪ آهن. منهنجي ڪوشش اها به آهي ته، اتر سنڌ مان سرڪار کي جوڳو جواب ملي.

مان توسان هڪ واقعي جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، جيڪو ڏاڍو دردناڪ آهي ۽ توکي ٻڌائڻ کان پاڻ پلي نه ٿو سگهان. هن قصي پوري ٿيڻ تائين، تون ڪجهه به سمجهي نه سگهندين ته پوءِ واري زندگيءَ ۾ مون سان ڇا وهيو واپريو.

بابي جي وفات ڪانپوءِ ڏهين ڏينهن تي سندس ماني ڪئي وئي. ان وقت مان ساڏوريءَ ۾ هوس. بندوق وارو زخم اڃا نه ڇٽو هو. تنهن ڪري مان پنهنجي ڪٽنب سان نه مليو هوس. مون پڪو پهه ڪيو ته جيڪڏهن ڪو خطرو نه آهي ته مان گهر وڃان ۽ شهيد بابي جي قبر تي پيرو پريان. چاليهو به ويجهو هو. تنهن ڪري هڪ حر ٻڪرار چوڪري کي نياپو ڏئي اماڻيم ته مان سج لٿي جهنگ جي فلاڻيءَ جاءِ تي هوندس جيڪڏهن گهر ڀاتي خطرو نه سمجهن ته مون سان اچي ان جاءِ تي ملن. مقرر وقت تي فقط منهنجو پٽ واليڏنو آيو. جنهن کي هڪ ڀيرو ٻيهر ڪٽي، مون ڇاتيءَ سان لاتو هو.

ان مون کي چيو هو ، "بابا مان توکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان."

پر ڏٺم ته هو منجهيل آهي، تنهن تي ڪائنس پڇيم، "گهر پوليس آئي آهي ڇا؟"

"نه پوليس ته نه آئي آهي. پر اڄ شام جو گهڻا فقير اسان جي گهر آيا آهن ۽ اڃا تائين اتي ويٺا آهن. انهن توکي وٺي اچڻ لاءِ مکيءَ ماڻهو به مڪو آهي."

"پٽ، گهڻا فقير، ڪهڙا فقير؟"

"مان ته انهن کي نٿو سڃاڻان. پر هڪ فقير کي ڏاڏي خليفو صاحب سڏي رهي آهي. مون ڪيس هڪ ڀيرو سانگهڙ ۾ به ڏٺو هو. مون کي خبر نه آهي ته هو ڇو آيا آهن. مون کي ته هنن کان ڏاڍو خوف ٿو ٿئي. امان، ڏاڏي ۽ ڦپي جيئندي به هنن کان ڏاڍو ڊڄي رهيون آهن. بابا، پوليس کان ته ڪو خطرو نه آهي جو فقير به ويٺا آهن. هنن فقيرن هڪ ماڻهو به ٻهري تي به ٻيهاريو آهي. مون کين حڪم ڏيندي پڻ ٻڌو آهي."

مان چوڪري جي ڳالهه ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويو هوس ۽ سمجهي رهيو هوس ته اهي ماڻهو پوليس وارا آهن ۽ ويس مٽائي فقيرن جي روپ ۾ اسان جي گهر پهتا آهن. جن کي ننڍڙو واليڏنو پڻ فقير سمجهي رهيو آهي. تنهن ڪري مان ڪن اپڙا ڪيون گهر وڃڻ لڳس. ٿوري پنڌ کان پوءِ ٻيهندي هيڏي هوڏي واجهائيندو اک ٽيٽ ڪندو نيٺ اچي گهاٽي جهنگ وٽ پهتس. جيڪو اسان جي گهر جي سامهون هو. پوءِ ڪڙئي جي ڪڙ تي مٽي چڙهي واجهايم ۽ ڏٺم ته در آڏو گهر واري ٽلهي تي کٽن تي چار ماڻهو ويٺا آهن ۽ ڪجهه ٻهري تي بيٺل نظر آيا. سندن منهن مهاندن مان سمجهي ورتم ته اهي پوليس وارا ٿي نه ٿا سگهن. نه وري ڪي پوليس جا جاسوس آهن. پر پير سائين جا اصلي ۽ حقي مريد آهن. مون ويجهو پهچڻ سان هڪ ماڻهوءَ کي ته جهٽ سڃاڻي ورتو. جيڪو عمر ۾ مون جيڏو ۽ نظاماڻي خليفي جو پٽ هو. نالو داد محمد هوس. نظاماڻي خليفو ۽ گل خان نظاماڻي پاڻ ۾ سؤٽ هئا. هي ماڻهو هاڻي تازو گرفتار ٿيو هو. ٻيو ماڻهو عمر ۾ وڏو ۽ طبيعت ۾ ڪجهه ٻيو پئي لڳو. ڪيس چڱيءَ ريت چتائي ڏٺم ۽ سڃاتم ته هو گڙنگ واري بنگلي وارن غازين جو ڪئپٽن هو. تنهن ڪري ڪترائڻ ڪانسواءِ اڳتي وڌي اچي هٿ ڏنو مان ۽ انهن کي ڪيڪاريم. هنن به مون کي ڀليڪار ڪئي. ٿوري، عليڪ سليڪ ڪانپوءِ داد محمد چيو،

"سائين رکيا، آئين ته ڏاڍو چڱو ٿيو. ويٺا به تنهنجي اوسيئڙي ۾ هياسون. اسان هتي ڏاڍي خراب

ڪم لاءِ پهتا آهيون. اهڙي ڪم ڪي سرانجام ڪرڻ وقت تون پنهنجي سر پاڻ هتي هوندين ته ڏاڍو ڀلو ٿيندو. هي ڪم ته توکي پاڻ ئي هن کان اڳي ڪري ڇڏڻو هو. پر تو ڪونه ڪيو. هڪ ڳالهه پنهنجا ڪن کولي ۽ دل کي پڪو ڪري ٻڌ. اڄ کان مهينو کن اڳ ته تون گهر موجود هئين؟"

"هائو، آئون گهر هوس. پر ڳالهه ڇا آهي؟" ڪيس وراڻيم.

گهر اندران پارن ڪڍڻ جو ڪن تي ڪڙوال پيو. واليڊنو اندر گهر وڃڻ لڳو ته مون به سندس ڪڍ گهر اندر وڃڻ جي ڪئي ته داد محمد مون کي ٻانهن کان جهلي پاسي تي وٺي ويو ۽ چيائين،

"تون هن وقت نٿو وڃي سگهين. اوهان جو گهر جان نثار هجڻ جي ڪري ساري حر جماعت ۾ مشهور آهي. جڏهن واليڊني فقير هن فاني جهان مان اکيون ٻوٽيون ته سيني کي دل جاءِ هئي ته تون ان جا اندا پريندين ۽ ان جهڙو ناليوارو فقير ٿيندين."

تنهن تي ڪيس وراڻيم،

"صدقي وڃان مان ته ڪجهه به نه آهيان ۽ ڪهڙي دعويٰ ڪريان. پر منهنجي ڪوشش سدائين اها رهندي ته مان سدائين پير سائينءَ جي وفادار حرن مان ڳڻيو وڃان. مان ته ڇا پر منهنجي گهر جا سارا ڀاتي پير سائينءَ جي وفادار نوڪرن مان آهن."

"پر سائين رکيا، ڪٽڪ ۾ ٻٽڪ به ڦٽي پوندي آهي. تنهن ڪي پاڙئون پٽڻ کپي."

"مون سان ڳجهارتن ۾ نه ڳالهاءِ."

چيائين، "تنهنجي پيءُ جي باغ ۾ هڪ گندو ٻوٽو پيدا ٿيو. اهي تنهن ڪي پٽڻ گهرجي. هونءَ به چڱن مان ڇڙا پيدا ٿيندا آهن. جيئنديءَ تي لعنت وسي هن ته پير سائين جي نالي جي به لڄ نه رکي. هوءَ ته سندس انٽي هئي. هاڻي ته مٿس ڪارپ جو الزام آهي."

داد محمد جي اها ڳالهه ٻڌي منهنجا ٽپ ٽري ويا. ڪيس هبڪندي وراڻيم، "ائين ته ڪڏهن به ٿي نٿو سگهي. مان ڪيس ننهن کان چوٽيءَ تائين چڱيءَ ريت سڃاڻان. هوءَ ته پير سائين جن جي جان نثار حر عورتن مان هڪ آهي. ڪنهن غلط ڏنو هوندو."

پر داد محمد رکائيءَ سان وراڻيو، "غلطي هوندي. پير سائينءَ تنهنجي ساري گهر ڀاتين ۽ ساري حر جماعت غلطي ڪئي. سيئي هن ڳالهه ڪي پنهنجي بيعزتي محسوس ڪري رهيا آهن. تنهن ڪري هيءَ ڪني آگر جيترو جلدي وڃجي ايترو ڀلو."

مون ڪيس وراڻيو، "مون کي هن ڳالهه تي تِر جيترو به ويساهه نه آهي. منهنجي هٿن ۾ جوان ٿي آهي. مان ڪيس ننهن کان چوٽيءَ تائين سڃاڻان. ڪٿي آهي؟ مان ساڻس ڳالهايان ته سهي."

ائين چئي مون گهر اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته هڪ غازي منهنجو رستو جهلي بيهي رهيو.

تنهن تي داد محمد چيو، "ڀلي ڳالهائي ڏس. چوڻ لاءِ باقي رهيو به ڇاهي؟ اڃا ڪارا پڌرا پيا آهن. هن جهنجهٽ مان جيترو اڳي جان ڇڏائجي ايترو ڀلو. اسان هن ڪم اڪلائڻ ۾ ڏاڍي دير ڪئي آهي."

مان ڏکي غازيءَ کان پاسيرو ٿي گهر هليو ويس. گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ ڏٺم ته هڪ عورت ويڙهجي سيڙهجي ڳنڍ ٿي ويني هئي ۽ مٿان هڪ ماڻهو اڇي کهاڙي هٿ ۾ جهليون مٿس پهرو ڏئي رهيو هو. ٻيءَ ڪنڊ ۾ واليڊنو، امان، منهنجا زال سڏڪا ڀري روئي رهيون هيون ۽ مون کي ڏسي پار ڪڍي روئڻ لڳيون. تنهن تي مون ڪين چيو، "ماٺ ڪيو. نه ته مٿو پيچي رکندو سانئ."

ماٺ ٿيڻ کان پوءِ مون جيئنديءَ سان ڳالهايو.

"ماڻهو ڇا چئي رهيا آهن. ڳالهه ڇا آهي؟"

هن گهگهيءَ آواز وراڻيو، "هنن مون کي قتل ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي ته ڳالهائڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟"

"ڇا اها ڳالهه سچي آهي ته تو پير سائينءَ جو فرض وساري ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان ناتا قائم ڪري ورتا آهن؟"

"مان بلڪل بي گناهه آهيان. مون کي قسم آهي مرشد سائين جو ته مان بلڪل پاڪ آهيان."

مان تڪڙ ۾ ٻاهر نڪري آيس ۽ ڪين ٻڌايم، "هوءَ هر ڳالهه کان انڪار ڪري رهي آهي."

"اها ته ضرور انڪار ڪندي، اڄ تائين ڪهڙيءَ ڪاريءَ عورت پنهنجو ڏوهه باسيو آهي." ڏکي غازيءَ نفرت وچان چيو.

مان وري گهر اچي امان مٿان بيٺس جيڪا پنهنجي ڇاتي ڪٽي ۽ ماتم ڪري رهي هئي. ڪيس ڪو هوش حوصلو نه هو. مون ڪلهن کان وٺي ڪيس لوڏيو ۽ پڇيو،

"امان، اها ڳالهه سچي آهي؟"

مان هن کان بار بار پڇندو رهيس ۽ هوءَ ڪجهه به ٻڌائي نه سگهي. ان کان پوءِ مان اڳتي وڌي پنهنجي زال وٽ ويس ۽ ڪانئس پڇيم. جنهن وراڻيو، "مون کي ته اهڙي ڪابه خبر نه آهي."

تنهن تي مون پڇيو، "توهان ته سڀ گڏ رهندا آهيو. هتي ڪير ايندو هو ڇا؟"

منهنجي زال وراڻيو، "اوڙي پاڙي جا ماڻهو جيڪي ايندا آهن، ڪم ڪار سانگي ايندا هئا ۽ هليا ويندا هئا."

"اها ڇوڪري هتي ته ان ماڻهوءَ سان نه سمهندي. هوندي ته جهنگ ۾ لڪيءَ چوريءَ مليا هوندا. جهڙيءَ ريت اهڙي نموني وارا ماڻهو ڪندا آهن."

"سائين رکيا، تون ته اجايو پيو ٿو انهيءَ ڳالهه کي اينگهائين." در وٽ بيٺل ماڻهوءَ رکائي سان چيو.

مون ڪانئس پڇيو، "ڪارو ڪير آهي اهو ڪٿي آهي؟"

"اهو سويي ڳوٺ جو وساڻ آهي. جيڪڏهن تون اهو به ڏسڻ چاهين ٿو ته اهو به موجود آهي."

ان کان پوءِ اسان تازي لٿل ڪٽڪ جي ٻنيءَ جي وٽ ۾ پهتاسون. جتي هڪ خوبصورت ڇوڪري جو لاش پيو هو. جنهن جو سر ڌڙ کان ڌار لڳو پيو هو. ۽ سندس جسم تي ڪهاڙين جا ڪيترائي گهاءَ هئا. زمين تي سڪل رت جو ڪارو ڊبو ڏسجي رهيو هو. مان هن ماڻهوءَ جو لاش ڏسي ڇڙي ويس ۽ ڪين چيو،

"هن قتل ٿيل ماڻهوءَ کان سواءِ ٻي ڪهڙي ثلبتي آهي. توهان هن ماڻهوءَ کي قتل ڪري جيئنديءَ مٿان ڏوهه ثلبت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي." منهنجي هن ڪاوڙ جي اظهار ڪري، هنن کي نفرت جو ڳا ويڻ ڪڍيا.

"تون عليءَ کان پڇ ته هن پنهنجي گنهگار اکين سان ڇا ڏٺو؟" داد محمد ڪاوڙ وچان چيو.

جڏهن مان ان ماڻهوءَ ڏانهن ڏٺو ته هو مون کان ڏڇي ويو ۽ داد محمد ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو، "خليفا صاحب، اها ڳالهه سچي آهي ته اهو ڇوڪرو جيئنديءَ سان مختلف جاين تي ڳجهه ڳوهه ۾ ملندو رهندو هو. هڪ ڀيري جڏهن هنن تي منهنجي نظر پئي ته هڪ ٻئي کان پري ٿي بيهي رهيا. ٻئي ڀيري مان هنن کي واهه وٽي گهاٽي جهنگل ڏانهن ويندي ڏٺو هو."

مان اها ڳالهه ٻڌي ٿٻيءَ ۾ پئجي ويس. تنهن تي داد محمد چيو، "هاڻي گهڻو ٿي چڪو. اڇو ته هاڻي ڪم ختم ڪريون."

ان ڪانپوءِ گهر پهتاسون. مان دڳ ۾ ڏاڍو مُنڌل هوس. ان وقت مون کي خيال آيو ته مٿان جيئندي هن ڇوڪري کي معلومات هٿ ڪرڻ واسطي ڪم آڻيندي هجي. هوءَ ٻول ٻڌي فقيرياڻي هئي. جڏهن مان ڪاررواين ڪرڻ لاءِ سيني گهر وارن کان موڪلائي توڪلائي نڪتو هوس ته هوءَ مون کي ساڻ وٺي هلڻ لاءِ اصلي ڳڪ ٿي پئي هئي ته هوءَ جيڪر پير سائينءَ جي مقصد واسطي حر جماعت سان گڏجي ڪم ڪري ته ڏاڍو ڇڱو. مان اها ڳالهه داد محمد کي به ٻڌائي ۽ چيو هو، 'هو وڃي پاڻ ڪانئس پڇي ته ڇوڪري سان سندس ملڻ انهيءَ مقصد سان ته نه هو؟'

"اها ڏائڻ ائين ته ضرور چوندي. سر بچاءَ لاءِ ٻيو به الائي ڇا ڇا چوندي؟" ڏکي غازي وراڻيو.

پر داد محمد چيو، "ڪٿي اها ڳالهه سچي به هوندي، پر هن جو تعلق حرن سان هو ۽ هوءَ انٽي هئي ۽ ڪيس ڇوڪري جي قتل وقت ايڏو روج راڙو ۽ آهون الاهون ته ڪرڻيون ڪونه هيون. تنهن ڪري سمجهه ۾ اچي ٿو ته ٻنهي جي وچ ۾ ڪي ڳجهيون ڳالهيون ضرور هيون."

(هلندڙ)

غزل

ڪامران اڪبر سومرو

ڪنارا ته هوندا هوائون نه هونديون
اسان جي ڪلڻ جون صدائون نه هونديون

اهي ئي ستارا، اهي ڪهڪشائون
مگر يار ساڳيون نگاهون نه هونديون

متان ڪو سڏي دير سان ئي اسانکي
ڪڏهن بند دل جون ته راهون نه هونديون

اڪيلا ورق ڊائريءَ جا روئندا
غزل، گيت دوها ۽ وايون نه هونديون

اسان جي وڃڻ سان ڀلي ڪجهه نه بدلي
مگر ياد رکجو، بهارون نه هونديون. ■

پاتم جهاتي جهان ۾...

شيام ڪمار

ستين قبيلو اهڙي قسم جي لذت آفريني جي ذڪار جي نگاهہ سان ڏسندو هو- ۽ جڏهن ڪين بادشاهہ جي ان ڪُڌي ڪرتوت جي تصديق ٿي تڏهن سندس سر ڌڙ کان جدا ڪندي بلڪل دير نہ ڪيائون. ساڳي طرح پنهنجي وڏي عالم ۽ مسيحا 'اناڪرسيس' (Anacharsis) جنهن يونان جي سرزمين تي قدم رکندي پنهنجو خاص ڍُهل وڄائڻ ۽ بيمارن کي دم ذريعي صحتياب ڪرڻ جو عمل شروع ڪري ڏنو هو ۽ سائڪريس شهر ۾ اتان جي ديوي کي بہ شرڌانجلي ڏني هئي. جنهن تي يونانين سندس روحانيت کي ساراهيندي ڪيس جوڳو مان ڏنو هو. هتي هيروڊوٽس انڪشاف ڪندي ڄاڻائي ٿو تہ ان جاءِ تان سندس گمشدگي بابت ستين پنهنجي اڻ ڄاڻائي جو اظهار ڪندي چيو هو،

"سندس پراسرار گم ٿي وڃڻ جو واقعو انڪري ٿيو هوندو جو هن پنهنجو وطن ڇڏي ڏنو ۽ اجنبين جا طور طريقا اختيار ڪيا هئائين."

مهذب انسان لاءِ شهري زندگي ۾ ڪافي دلڪشي آهي. پهريائين تہ هو 'پلي مانس' طور جنم وٺي ٿو. ٻيو تہ ان جيون ۾ 'غلامي' جو امڪان گهٽ ٿئي ٿو. پر، شهري زندگي جي وڌندڙ مونجهارن، پيڪيدار ويس وڳن ۽ سٺيي ۽ دير هضم غذائن، سينگاريل رهائش گاهن ۽ ٿڪائيندڙ بور ڪندڙ ڏيکاوي مجلسي وهنوارن سندس من ۾ اٿل پٿل ۽ ذهن اندر طوفان برپا ڪري ڪيس 'خانہ بدوشانہ' زندگي ڏانهن ڏسڻ لاءِ مجبور ڪيو. جنهن اندر ساري ڪچي اَن، چمڙي جي اوڇڻن ۽ ڪپڙن جو رواج عام ٿئي ٿو. دلي دوستيون هجن ٿيون جن اندر خلوص ۽ پيار چوليون هٽندو پسي سگهجي ٿو. ۽ ڪائڻ ۾ سادو پنير، گوشت ٿئي ٿو. ۽ محنت، آدم جو جذبو بي پناهہ هجي ٿو.

هڪ يوناني بابت ٻڌايو ويو هو تہ هن بدقسمتي سان هڪ امير عورت سان شادي ڪئي جنهن سندس زندگي وِهُہ ڪري ڇڏي هئي. مجبوري جي حالت ۾ ڀڄي وڃي هُن (Hun) خانہ بدوشن ۾ شامل ٿيو. اڪين۾ ڳوڙها آڻيندي اعتراف ڪيو هئائين تہ دنيا ۾ رومي دستور جهڙو سيبتو ۽ سٺو قانوني گرنٿ ٻيو ڪوئي تحرير ٿيل ڪونہ هو. پر، ان جي مختلف شقن جي ابهام، رومي فوجي آفيسرن جي ظلم، قانوني انصاف جي حصول لاءِ ڀڳي خرچن، عوام مٿان ڳاٽي پڳن ٽيڪس ان جي افاديت کي برباد ڪري بيڪار بڻائي ڇڏيو هو. انڪري چيو ويندو آهي تہ خانہ بدوش شايد ئي ڪنهن 'تهذيب' کي برباد ڪيو هوندو. ان جي بربادي هميشہ 'مهذب ڌر' طرفان ٿيندي پئي رهي آهي. خانہ بدوش صرف ان ڀُرندڙ بلڪہ ڪرندڙ 'عمارت' جو فائدو وٺندو هو.

'خانہ بدوش' ۽ 'مهذب ڌر' جي فوجي حڪمت عملي ۾ بہ زمين آسمان جو فرق رهيو آهي. پهرين سٺ روائتي جنگ بجاءِ 'ڇاپامار' طريقن ۾ ويساهہ رکي ٿي. ۽ ٻي ڌر ٺاٺ، پيڪي، اڊمبر واري روايتي صف بندي ۽ جوڙجڪ ۾ پنهنجي وڏائي سمجهي ٿي. اهوئي ڪارڻ آهي جو تاريخ ۽ وقت جي جدا جدا ڏارائن دوران خانہ بدوش ٽولن وڏين وڏين طاقتور بادشاهتن کي نابود ۽ مليا ميٽ ڪيو. هيروڊوٽس چواڻي سندن متو هو،

"ڪوئي ڪائنن ڀڄي بچي نہ وڃي، ۽ هو پاڻ ڪنهن گهيري ۾ زنده حيثيت ۾ نہ اچن."

هو شهرن يا قلعن ۾ رهڻ جا عادي ڪونہ هئا، سندن مڏيون، گهر، هٿيار هميشہ 'حرڪت' ۾ رهندا هئا. ڪڏهن زمين ڪين کيڙيائون. صرف جانور پالڻ ۽ ڌڻ ڌارڻ سندن ڪرت هئي.

هڪ ڀيري سنہ 516 ق.م ۾ ايران جي طاقتور شهنشاهہ 'دارا' پنهنجي پر ٻل روايتي لشڪر سان 'ستيا' تي حملو ڪيو. پر، هو (ستين) پنهنجي غير روايتي انداز ۾ ڀڄي نڪتا. هن روس بلڪہ 'وولگا' لڳ 'ڪازان' تائين سندن پيڇو ڪيو پر ناڪام ٿي موٽيو. دارا جي 'موٽ' (retreat) نيپولين بوناپارٽ جي 'هارايل موٽ' سان ڪيڏي نہ مشابهت رکي ٿي. ملوُزي تنگ بہ ساڳي خانہ بدوشانہ جنگي حڪمت عملي ۾ ويساهہ رکندو هو. جنهن ذريعي آخر ۾ 'جيت' حاصل ڪيائين.

خانہ بدوش 'ڄٽن' هٿان عبرتناڪ شڪستن ۽ لاڳيتي بي عزتي ڪرڻ مهذب يونانين بدلي جي باهہ هيٺ ڪين جانورن کان بدتر هئڻ جا خطاب ڏنا. 'اميئانس مارسيلينس' هنن متعلق، خاص طور هن قبيلي لاءِ لکي ٿو، "منجهن جانورن واري حرفت ۽ دغا سمايل آهي. منجهن جانورن جهڙي بي رحمي ۽ وحشت گردش ڪندي رهي ٿي. هنن کي انسان قرار ڏيڻ انسانيت جي توهين آهي وغيره."

اوائلي انسان جنهن جي ڪرت شڪار ڪرڻ ۽ ڌڻ ڌارڻ هوندي هئي. هن جا ڌرمي عقيدا بہ عجيب هوندا هئا. خاص طور 'شامن عقيدي' (Shamanism) ۾ ويساهہ هوندو هئن. جنهن جو بنياد اتر ايشيا ۾ پيل ٻڌائجي ٿو. پوءِ اهو عقيدو اتر ڏکڻ آمريڪا، انڊونيشيا، آسٽريليا، چين، آئرلينڊ، اسڪينڊينيويا، ستيا، ٽريشيا، ڪلاسيڪي يونان، سائبيريا تائين پکڙجي ويو. ان عقيدي موجب خدا کي آسمان سان مشابهت ڏنل آهي. آسمان ۽ زمين جو پاڻ ۾ سڌو سنئون سٻنڌ وغيره ٿئي ٿو.

پروفيسر اي آر ڊاڊ موجب، "شامن نفسياتي طور سودائي ماڻهو آهي. جيڪو سمجهي ٿو تہ ڌرم جي پرچار جو ڪيس 'سڌو نوتو' مليل آهي. ان 'نوتي' موجب هو اهڙي سکيا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي ڳرين آزمائشن مان گذري ٿو. جن ۾ اڪيلائپ، لنگهڻ ڪيڻ، نفسياتي طور 'جنس' جي تبديلي جي اثر هيٺ بہ رهي ٿو. انهن آزمائشن ۾ ڪاميابي ڪانپوءِ پاڻ کي شڪتيوان ڄاڻي ذهني طور سيني سان لاڳاپا لاهڻواري حالت ۾ پهچي وڃي ٿو.

وجد واري حالت ۾ 'علامتي موت' جو بہ ڍونگ رچائي ٿو. ان حالت ۾ دهل جي هڪ ڪري ٿاپ تي نچندو بہ رهي ٿو. ان سموري عمل ۾ مختلف نشي آور شين جو بہ استعمال ڪندو رهي ٿو. هيروڊوٽس ٻڌائي ٿو، "ڪجهہ شامن 'پروهت' آنند ۾ مگن ٿي جانورن جهڙا آواز بہ ڪيندا هئا. اهڙي قسم جي وچتر عمل ڪيس عوامي مقبوليت بخشي ڏاهپ، علاج جو ڏٽي ٻڌائي ان عقيدي کي ڦهلجڻ جو موقعو بخشيو هو. پنهنجي قبيلي ۽ ان جي معمول واري جيوت کان الڳ رهي ان جي تخليقي قوت ۽ ثقافت جي علامت بہ بڻجي ويو هو."

مشهور قديم ڏاهي ايسپ (Aesop) بہ جانورن ۽ بيجان شين سان لاڳاپيل پنهنجي ڪهاڻين ۾ اهڙي 'سونهري يگ' ڏانهن اشارو ڪندو نظر اچي ٿو.

اگر اسين پراچين عهد جي 'فن پارن' تي تجزياتي نگاهہ وجهون تہ نظر ايندو تہ اهو 'فن' روان دوان، غير منظم، مبهم، ناموزون، بي آهنگ، غير دنيوي- ۽ وجداني يا باطن جي سوجهي، سُرت مان سرجيل ڏيکاربو. پر، ان جي ڀيٽ ۾ شهري تهذيب جو 'فن' موزون، جامد، نهرو، هم آهنگ، ان مان انساني ذهن جي تنظيمي صلاحيت ۽ علامت بکندي ڏيکارجندي رهي ٿي. اهي علامتون چترڪاري، سنگتراشي ۽ لڏاوت جي فن ۾ سڀ کان وڌيڪ چٽيون نظر ايندين رهن ٿيون.

قديم دور جي وجداني ۽ مايا وي تجربن، الهامي ۽ جادوئي انڪشافن ۽ پراچيني خانہ بدوشانہ 'فن' جي وچ ۾ مشابهت اتفاقي ڪونهي. بلڪہ سوچيل سمجهيل لڳي ٿي.

خانہ بدوشانہ جيوت تي سوچيندي فرانس جي مشهور دانشور پاسڪل (Pascal) جو قول هِري آيو آهي، جنهن ۾ شايد ڪنهن 'غم' جي شدت ۽ اُڇل کان بي وس ٿي ڪري چيو هئائين، "ماڻهو جي سموري 'نامرادي' جو صرف هڪ ئي ڪارڻ آهي: هو پنهنجي 'ڪمري' اندر شانتي سان ويهڻ ۾ اَسمرٿ آهي."

پر، 'تفريح' يڪ-ٽڪي کان انڪار، 'ڪلپنا'، 'فيشن ۾ تبديلي'، 'ڪاڏي ۽ پيار' ۾ يڪسوئي کان پاسو ڪرڻ- ۽ 'فطري لقائن' ۾ بدلاءُ جي چاهنا انسان جي ذهني ۽ جسماني صحت لاءِ ساهہ ذريعي ڪنيل 'هوا' جيان ضروري ۽ لازمي ٿئي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ اسان جو دماغ ۽ بدن سڙي ڳري ويندو.

جيڪو انسان سفر ۾ رهي ٿو- ذهني خواهہ جسماني- ۽ بدلجندڙ نظارن ۽ ڦرندڙ موسمن جا سواد وٺي ٿو. ان جي دماغ ۾ اڻ ڇاتل توانائي، برجستگي ۽ حرڪت پيدا ٿي ڪيس زندگي جي مقصد، ۽ نئين آنند سان يڪجا ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿي.

هڪ ڪرو ماحول ۽ وِرچائيندڙ روزانيون سرگرميون پنهنجي بي چسي اُٽت ذريعي منجهس ٽڪ، ذهني مونجهارو، پنهنجي ذات سان ڪرپ جو احساس، تشدد پريو ردعمل ۽ سرد مهري پيدا ڪري ٿي. جيڪا اڳتي هلي گهاتڪ بڻجي سگهي ٿي.

فرانسيسي ڏاهي 'مانٽين' (Montaigne) جي 'آفاقي تشڪيڪ' اندر ڪيڏي نه چڪ ۽ چاهه آهي. هن هميشه 'سفر' کي ڦلدائڪ عمل قرار ڏنو هو. هن مطابق،

"نين ۽ اڻ جاتل شين جي مشاهدي سان ذهن کي هميشه تقويت ملندي رهي ٿي. ڪا به ڳالهه مون کي نه حيرت ۾ مبتلا ڪري ٿي ۽ نه ڪو عقيدو ٿي چاهي منهنجي ايمان جي ابتڙ هجي، اڻ وڻندڙ لڳي ٿو. جيڪي وحشيانه جيوت گذاريندڙ انسان پنهنجي 'مردن' کي پچائي ڪائيندا آهن. انهن کان وڌيڪ مون کي اهي ماڻهو ڪرڀ ڏياريندا آهن جيڪي 'زنده انسانن' کي تڪليف پهچائين ٿا."

هن چواڻي، "رواج، ريت ۽ رسم انساني سياءَ کي هڪ ڪرو ٻڌائي سندس حافظي کي ڌنڌلو ڪري شين جي اصلي نوعيت کان ڪيس وانجهيو ڪري ڇڏي ٿو. ماڻهو فطري طور تجسس جو ڪانڪي آهي."

مشهور عرب سياح ابن بطوطا، جنهن تانجير ۽ چين ملڪن جي مٽي اٿلائي پٿلائي هئي ڪيڏو نه سهڻو خيال پڌرو ڪيو هو، "جيڪو انسان 'سفر' کان ڪيٻائي ٿو، هن آڏو انسان جي قدر جي اهميت ڪونه ٿي سگهي ٿي."

سندس مطابق، "سفر صرف انساني ذهن کي ئي وسعت ڪين ٿو بخشي. بلڪه ان کي جوڙي 'راس' ۽ 'مڪمل' به ڪري ٿو."

ننڍا ٻارڙا سڀ کان اول 'دڳن' کي پنهنجي يادگيري ۾ محفوظ ڪندا آهن. اگر اسين 'ٻالڪپڻ جي يادن کي ڪاٽي ڪريون' ته شين ۽ عام ماڻهن جي حالت ثانوي ڏيکاربي ۽ 'لتاڙيل پيچرن'، 'دڳن' کي اوليت جو درجو مليل نظر ايندو. اوائلي انسان جي سکيا ۾ پڻ 'جانورن جي لتاڙيل رستن' جو عنصر اهم ۽ مٿاهين جڳهه والاريندو ڏيکاري ڏئي ٿو.

مشهور فرانسيسي اديب 'پرائوسٽ' (Proust) جي ڪلپنا ۾ موجود 'ڪچي مواد' ۾ 'اليئرس' شهر اندر، پنهنجي ڪٽنب سان گهاريل موڪلن جو وقت ۽ ان جي چوگرد روزانو ڏنل 'ٻن پيادي چڪرن' سان جهنجهيو پيو آهي. سندس اڪثر ناولن ۽ ان 'سفرڙي ۾ سمايل دڳن' جو ورنن ڏاڍي چوج ۽ چاهه سان ٿيل آهي.

درحقيقت 'ارتقائي عمل' انسان کي 'سفر' جو شائق بڻايو آهي. ڪنهن جاءِ تي غار يا محل ۾. مستقل ٽڪي زندگي گهارڻ انسان جي ذهني ۽ جسماني جيون لاءِ 'طويل مدت' لاءِ قطعي لايدائڪ ڪين ٿي سگهيو آهي. انسان جائي جَم کان 'سيلاني' ٿيندو پئي رهيو آهي. اڄوڪي ٽيڪنالاجي جي ترقي انسان جي 'جاگرافيائي واڌ' ۽ 'سڌاري' جي راهه ۾ رنڊڪ پئي بڻجي جنهن کي سنو اهڃاڻ نٿو چئي سگهجي. ان حقيقت کي ڪجهه 'قديم جيوَ' چڱيءَ طور سمجهي سگهن ٿا. اهو انڪري جو هو، 'مدام تحرڪ' ۾ گهارين ٿا. آفريڪا اندر ڪالاهاري ريگستان جا رهاڪو شڪار جي ڪثرت ۽ ڪرت ۾ رڌل بش مئن (Bushmen) جا ٻار دنيا اندر سڀ کان وڌيڪ سکي ۽ سدا سنواٽا رهن ٿا. ائين ڇو؟ ڇاڪاڻ جو سندن ٻالڪپڻ ايذاءُ کان آجو رهيو آهي. سندن مائرون هر وقت ڪين پنيءَ پويان بدل 'پينگهي نما' ڪپڙي ۾ ويهاري يا سمهاري 'سفر' ۾ روان دوان هونديون آهن. ۽ هي سيئي ٻار ننڍڙي جمار کان ان 'متحرڪ عمل' تي هِري 'ڏاها ٻار' بڻجي ويا آهن. اهڙو 'متحرڪ ٻار' آئيندي زندگي ۾ ڪمئن، 'هڪ ڪري' جڙتو آنند دائڪ جيون گذاري سگهندو؟

'رابرٽ لوئي اسٽيونسن' چواڻي، "دنيا اندر 'مهان ڪرم' تحرڪ ۾ هجڻ شمار ڪري سگهجي ٿو ۽ ان عمل ذريعي زندگي جا لاها چاڙها چٽائي سان پسي سگهجن ٿا. اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن انسان 'تهذيب' پاران سونپيل 'نرم بستري' تان هيٺ لهي، ڌرتي تي پکڙيل سخت ۽ چڀندڙ پٿرن تي هلڻ سکندو."

انسان لاءِ 'پنڌ پوڻ' سنجيوني جيان آهي. قديم چيني شاعر 'لي پو' (Li Po) چواڻي، "سفري اهنج ۽ رستن مان نڪتل بيشمار پيچرا' انساني مٽيا ليکي سگهجن ٿا."

زندگي برپٽ مان سفر جو نانءُ آهي. ۽ حياتياتي طور درست به آهي. اسان جا انقلابي جوڌا ڪوڙي به نه لهن ها. اگر 'پنڌ' جا هيراڪ نه هجن ها. 'چي گويرا' پنهنجي جيوني ۾ ڪيوبائي انقلابي بابت ان جي 'خانه بدوشانه رخ' کي ڏاڍو ساراهيو آهي. يا 'مائوزي تنگ' لاءِ 'طويل پنڌ' (Long March) ڪيڏو نه نعمت پريو ثابت ٿيو هو. يا 'حضرت موسيٰ' جي 'ڏکهي لڏپلاڻ' يا پراچين 'مهان ياج' (Exodus) يهوديت ۾ نئون روح ڦوڪيو هو.

رابرٽ برٽن به پنهنجي مشهور ڪتاب، 'ياسيت جي وڍڪٽ' ۾ چيو آهي، "غم جو اڻ گس علاج، 'تحرڪ' ۾ پوشيده آهي." فطري منظر تارا، چنڊ، گرهه، سج، نديون، نالا، جهرڻا، هوائون به ان نڪتي- تحرڪ- جي پنيرائي ڪنديون ڏيکارجن ٿيون. پکي جانور به پنهنجي 'خاص حس' ذريعي مندن جي واڳ وٺيو پنهنجا ماڳ بدلائيندا ڏيکارجن ٿا.

لفظ ڦيرو، تبديلي- يا انقلاب (Revolution) جنهن جي اوٽ وٺي گليلو کي آزاريندڙ ڪيس تنگ ڪندا رهندا هئا. دراصل شروع ۾ 'آسماني جسمن' جي مقرر حدن ۽ وقت تي ٿيندڙ گردش لاءِ ڪتب ايندو هو. جڏهن ماڻهن جي جاگرافيائي 'هلچل' يا 'تحرڪ' ۾ رڪاوٽون پڻ لڳيون. تڏهن هنن پاڻ کي 'سياسي تحريڪن' سان واڳي ڇڏيو. جڏهن ڪو انقلابي وڏي واڪي چوي ٿو، "مون انقلابي سان لانئون لڌيون آهن" ته ان اظهار مان سندس خلوص بکي ٿو. ڇو جو 'انقلاب' آزادي بخشيندڙ ديوتا آهي. اسان جي عهد جو 'ڊائنيسس' (Dionysus) اهو واقعي غم کان 'ڇوٽڪارو' بخشي ٿو. آزادي جي راهه تي نئين ٿو.

سياري جي پڇاڙي بعد ايشيا جي ميدانن ۾ خانه بدوش پنهنجي چوپائي مال ۽ بيل گاڏين تي پنهنجو سمورو لڏو ڪٽي 'سفر' لاءِ الله توهار ڪرين ٿا- هنن جون نگاهون سڄي يا ڪبي ڪين ڪچن.

اها لڏپلاڻ سندن 'رسم' بڻيل آهي. جيڪا سندن روحاني تقاضائن کي به هٿي بخشي ٿي. 'خانه بدوش' جو اگر وسيع نظري سان اپياس ڪيو وڃي ته هن جهڙو بدنامي جي ڪناري کي ڇُهندڙ حد تائين غير مذهبي بيو ڪوئي ڪونهي. افق هينان پهاڙن جي اوچين چوٽين تي سندن ڇوٽڪاري جو امڪان ۽ آستان موجود آهي.

(هلندڙ)



لاڙ جي ماستري...

عاشق منگي

مئي 1971ع کان چوپول هئا. 'ماستريءَ' جا آرڊر پوري سنڌ ۾ نڪرڻ وارا هئا. مئي جي 29 ۽ 30 تاريخ سپ S.V ۽ P.T.C پاس لاڙڪاڻي جي تعليمي آفيسر جي آفيس ۾ گڏ ٿياسون. جيڪي S.V فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيا هئا انهن کي پنهنجو ضلعو مليو. لسٽن تي سندن نالا ۽ پوسٽنگ جا اسڪول لکجي ڪونئر سان پٽين تي چنبڙايا ويا. باقي سيڪنڊ ڪلاس وارن کي حيدرآباد وڃڻ لاءِ چيو ويو.

منهنجون 58.61 سيڪڙو مارڪون هيون. سو سيڪنڊ ڪلاس ۾ اچڻ جي ڪري مونکي حيدرآباد وڃڻ جو آرڊر مليو. آئون موٽي گهر آيس. ۽ حيدرآباد جي تيارين ۾ رُڌجي ويس.

*

مامو واحد بخش مون سان گڏجي حيدرآباد هليو. 'هيرآباد' ۾ حيدرآباد جي ريجن آفيس هئي. ان وقت سنڌ جي صرف ٻه ريجنس هيون. هڪ ڪراچي ۽ ٻي حيدرآباد ريجن. لاڙڪاڻو حيدرآباد ريجن ۾ هو. سکر ڊويزن ٻه بعد ۾ ٺهي. مونکي ٽنڊي محمد خان جي پرسان پنجابين جي هڪ ڳوٺ ۾ ماستري جو آرڊر مليو . وڃڻ سان خبر پئي ته هي اسڪول، اردو ميڊيم پرائمري اسڪول هو.

مون کين چيو، 'ايڏانهن ڪونه ويندس. رکڻو اٿوَ ته ڪنهن سنڌي اسڪول واري ڳوٺ ۾ رکو. نه ته ڳوٺ واپس هليو ويندس.' اهو پهريون دفعو هو جو مان ڪنهن ڏار ڪميونٽيءَ جي خدمت لاءِ پنهنجي مَنَ کي ڏتاري نه سگهيو هوس. چوته ڏينهن ئي اهڙا هئا. اسان سان به کِسُ ٿيا هئا، ان ڪري مَنَ ان پاسي نه وري سگهيو.

مامو اچي ڦاٿو. نه مان ضد تان پيو لهان. ۽ نه ئي آفيسر پنهنجي هوڏ تان. آخر سڄي ڏينهن جي هڙهڙان ڪانپوءِ هڪ خدا جي بندي مونکي ۽ مامي کي چيو، 'ٽنڊوباگي تعلقي ۾ 'گاڏ' ڳوٺ آهي. اوڏانهن جي اسڪول لاءِ آرڊر ڏيانوَ ٿو. اتي نوجوان کي ماني ٽڪر به ملندو ته رهائش جو به سک ٿي پوندس. پر ڳوٺ حيدرآباد ضلعي جي آخري حدن ۾ هجڻ ڪري پري ضرور آهي.' اهو ٻڌي آئون آرڊر وٺڻ لاءِ تيار ٿي ويس. آرڊر وٺي آئون وڃي واسطيدار سپروائيزر سان مليس. ۽ ڪيس آرڊر ڏيکاريم. سپروائيزر مونکي اسڪول جي هيڊماستر سان وڃي ملڻ لاءِ چيو. دير ٿي چڪي هئي. ان ڪري اها رات مون مامي سوڌو حيدرآباد ۾ گذاري.

*

ٻئي ڏينهن سويرو ميرپورخاص جي بس پڪڙيسين. 'جهڏي' جي ڪوچ تي سوار ٿي اچي، 'جهڏو گودام' لٿاسين. اتان مامي مزدور ڪري ڏنو. جنهن بسترو ۽ بيگ کڻي پنڌ ئي پنڌ اچي 'گاڏ' ڳوٺ ۾ رئيس جي اوطاق تي چڙهيو. اٽڪل ميل کن پنڌ هيو.

ٽڪ جو سوال ئي ڪونه هو. نوجوان هوس. نوڪري جو پڪو آسرو هو. وڏيري جي اوطاق ۾ وڏيري سان سڃاڻ ٿي. وڏيري ۽ ٻين سڀني چيو، 'جي ڪري آيا پائو، ڀلي ڪري آيا.' اهڙي ڪل ڪيڪار ڏسي مَنَ کي سرهائي آئي. وڏيري جي اوطاق جا ٻه حصا هئا. هڪ ديوانِ عام ۽ ٻيو ديوان خاص. اوطاق کي لوهي گيٽ لڳل هئي. ۽ ان جي چوڌاري اوڏڪيون پٽيون هيون. اوير پاسي ڪان ڪمرا ٺهيل هئا، جن کي اَنَ جي ڀانڊي طور استعمال ڪيو ويندو هو. ٻه وڏا مٽ پاٽيءَ جا ڀريل، دلا ۽ گلاس چانوَ ۾ رکيل ۽ ڀلي گهوڙي اوطاق جي پاسي ڪان پريرو ٻڌل هئي. رئيس جي ملازمن اسان کي پڪي لانڍيءَ ۾ رهايو . ان پڪي لانڍيءَ ۾ اندر ۽ ٻاهر فرش لڳل هو. ڪمرن ۾ ڪُٺون ۽ ڪجهه فرنيچر به رکيل هو. ڳوٺ ۾ بجلي به هئي. رئيس جي حويليءَ جي مٿان T.V جون اينٽينائون ڏيکارجي رهيون هيون. جڏهن ته اترسنڌ ۾ T.V نشريات نظر نه ايندي هئي. انهيءَ ڳوٺ جي پرسان ئي 'رئيس مبارڪ علي خان' جي اوطاق ۽ ڏار بنگلو هو، جتي اسان کي رهايو ويو. اها رئيس عبدالڪريم عرف پوڙهو خان جي بيٺڪ هئي.

*

اسڪول بند هو. صبح تائين اها ڳالهه ڳوٺ ۾ پکڙجي وئي ته 'اتر سنڌ' کان هڪ استاد نوڪريءَ لاءِ هلي پهتو آهي. رات سڪون سان گذاري، صبوح جو تيار ٿي مامو ۽ مان اسڪول وياسين. ٿوري دير ۾ هيڊماستر محمّد عثمان پتافي صاحب به اچي پهتو. هن حال احوال ورتا. مامي آرڊر ڏنس ۽ سپروائيزر جو نيلو به ڏنائين. هيڊ ماستر صاحب مامي کي دلداري ڏني ته اوهان ڪا ڳڻتي نه ڪجو. هتي اوهانجو ڀاٽينجو سکيو رهندو . جوائنگ رپورٽ لکڻ ڪانپوءِ مامي واحد بخش کلي موڪلايو.

ٻئي ڏينهن ڪلاس ۾ مون اسڪول جي ٻارن سان پنهنجو سڃاڻ ڪرائي. ۽ کين پڙهائڻ شروع ڪيو. اسڪول ٻن ڪمرن ۽ هڪ ويرانڊي تي ٻڌل هو. اسڪول جي عمارت ڪچي هئي. پر ڪمرا ڪليل ۽ هوا دار هئا. اسڪول اوطاق جي پرسان هيو. ۽ ڳوٺاڻن جا گهر اسڪول کان پريرو هئا. ڳوٺ جو رستو، اسڪول جي ٻاهرين پٽين ۽ دروازي وٽان ئي گذريو ٿي.

12 وڳي موڪل ٿي. مونکي هيڊماستر صاحب ٻڌايو ته منجهند جي ماني کائي وري 3 بجي کان 5بجي تائين اسڪول هلندو. منهنجي لاءِ اهو نئون شيڊول هو. فائدو اهو هو ته سڄو ڏينهن آرام، سڪون، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ گذريو. پتافي صاحب، 'گاڏ' کان ميل کن پنڌ تي رهندو هو. جتي سندس زمينن تي گهوڙا ٻڌل هئا. ۽ طبيلي جي پر ۾ اوطاق اڏيل هيس.

منجهند جي ماني گڏجي اسڪول ۾ کائيندا هئاسين. نيرن چانهه سان کبي هئي. منجهند جو گوشت جي ڀاڄي، سبزي يا دال وغيره- رات جو به ماني ۾ ڪڏهن دال چانور هوندا هئا. پر چانورن جي ماني بلڪل نه. سڄا ساوا مرچ ڀاڄيءَ ۾ مون اتي کائڻ سکيا. اترسنڌ ۾ ان وقت سائي مرچ جو استعمال ڪونه ٿيندو هو.

صبوح جو وهنجڻ جي عادت هجڻ ڪري، وهنجڻ لاءِ واٽر ڪورس تي وڃڻو پوندو هو. جيڪو پرسان ئي هو. پئڻ جو پاڻي اُتان وڃي هڪ پڪي تَلاءَ ۾ گڏ ٿيندو هو. اتان ڳوٺاڻا، ڳوٺاڻيون ۽ رئيس جا ملازم پاڻي ڀري (مٽ ۽ دلا) ڀريندا هئا. پاڻي آنريل هوندو هو، وري ڦٽڪيءَ سان به صاف ڪبو هو. زندگيءَ جي نواڻ جي جلدي عادت ٿي وئي. ڳوٺ جي پرسان جيئڻ مٿي عرض ڪيم ته رئيس مبارڪ علي خان جو بهترين بنگلو هيو. ۽ رئيس عبدالڪريم جا بنگلا هئا. ۽ اهي ٻئي پاڻ ۾ سٺا دوست به هئا. ۽ ٻنهي رئيسن جا لطيف آباد حيدرآباد ۾ به بنگلا هئا. جتي انهن جا ٻار پڙهندا هئا.

هفتي هفتي ڳوٺ خط لکندو هيس. ضرورت جي شين لاءِ آچر تي 'جهڏي' ويندو هيس. ڪپڙن جي ڌوپ وغيره، گهمڻ ڦرڻ ۽ تفريح لاءِ. باقي ڏينهن اسڪول ۾ پڙهائڻ ۾ رڌل هوندو هئس. واندڪائي ۾ ڪو ڪتاب کڻي ٽڏي نمن جي ڇانوَ هيٺان ڳوٺاڻن جي ڪچهري ۾ به شريڪ ٿيندو هوس. گهڻو ٽڻو چپ چاپ رهندو هوس. ڪو اتر سنڌ بابت پڇندو هو ته مختصر جواب ڏئي، هنن جي ڪچهريءَ جو وينو مزو وٺندو هوس. سادگي، سچائي، هرڪو هڻ هڻان پورو. ٻه هفتا ائين گذري ويا جو خبر ئي ڪو نه پئي.

*

پهرئين جون تي ماستري جي نوڪري تي چڙهيو هوس. ۽ 15جون کان ٻن مهينن جي وئڪيشن شروع ٿي. آئون پنهنجي گهر ۽ ڳوٺ 'مسوديري' پهتس. ته 'ويڙهو' عجيب پيو لڳي. سڀني ڏسي چيو، 'خوش آهين؟ لٽوپٽو نه آهين.' هنن کي جيڪو منهنجي لاءِ اُلڪو هو، سو مون کي ڏسي، خوش ٿيا.

وئڪيشين اڃان هلي رهي هئي ته هڪ ڏينهن سائين محمد عثمان هيڊماستر جو ليٽر پهتو، "اوهانکي قرآن شريف جي ٽريننگ لاءِ چونڊيو ويو آهي. ۽ هدايت ڪجي ٿي ته پهرئين جولاءِ تي ٽنڊي باگي جي تعلقي هيڊڪوارٽر تي پهچي رپورٽ ڪيو."

تياري ڪري حيدرآباد کان ماتلي، تلهار کان ٿيندا ٽنڊي باگي پهتاسين. عجيب خوشي محسوس ٿي رهي هئي. ماتليءَ جا ڪيلا ۽ ڪمند واريون زمينون. زمينن تي ڪيل پوکون. مسڪين مارو ماڻهن جا سڀاجها چهرا ڏسي . ڳالهائڻ جو نرم لهجو. جڻ ته مان اجنبي هجان ۽ ڪتابن ۾ لکيل سنڌ کي سالم هوش حواسن سان ڏسي رهيو هجان. ٽنڊي باگي پهچڻ سان عجيب شئي تي نظر پئي. انور علي مگرئي کي اشارو ڪري چيم، 'هو ڏس ٻن ٿائرن واري گاڏي تي پاڻيءَ جو ڊرم ڊوئي رهيو آهي.' هن کلي چيو، 'اڃان گهڻو ڪجهه ڏسڻو آهي. لڳي ٿو پاڻيءَ جي ڪوٺ آهي. جرُ مٺو نه آهي. واهن وارو ڇُڙيو پاڻي پيئڻ، وهجڻ، رَڌ پچاءُ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو.'

*

ڳوٺ (مسوديرو) جو الله وسايو خان مهر، ٽنڊي

باڳي جو مختيارڪار رهيو. بابا چيو، 'ان سان وچي ملجو.' مهر صاحب کي ڳولي لڌوسين. ڏاڍي قرب سان مليو . انور علي مگريو، مان ۽ ٽيون بہ دوست اسان سان گڏ هو. رات جو صاف سٿرا هنڌ ۽ سٺي ماني ملي.

صبوح جو نيرن ڪري موڪلائي اسڪول آياسين مهر صاحب ٻڌايو، 'هتي اترسنڌ وارا ڌاڙا، جهيڙا ۽ چوريون وغيره ڪو نہ آهن. پوليس ۽ روينيو ڪاتي وارا واندا ويٺا ڊيوٽي ڪندا آهيون. ڪڏهن ڪو فوتي ڪاتو مٿائٿو ٿيو تہ خير نہ تہ ويٺا الله الله ڪريون. رات جو ڪافي دير تائين ڪچهري ڪيائين.'

*

ويهہ ٽيهہ استاد اچي پهتا. ۽ قرآن شريف جي ٽريننگ شروع ٿي. سڀ قرآن شريف پڙهيل هئاسين. پوءِ بہ توجهہ سان ٽريننگ پوري ڪئي سين. رات جو اسڪول ۾ رهندا هئاسين ۽ ماني هوٽل تي کائبي هئي. واپسيءَ تي ٽنڊي محمّد خان کي گهمي ڏٺو. ٽريننگ جا پئسا بہ مليا. حيدرآباد مان ٿيندا ريل ڪار ذريعي لاڙڪاڻي مان نئون ديرو ۽ مسوديري پهتس. ٻين دوستن، ڳوٺاڻن ۽ ننڍي ڀاءُ مشتاق علي جيڪو نئون ديرو ۾ رهندو هو، انهن سڀني آجيان ڪئي.

*

وئڪيشن پوري ڪري اسڪول پهتس =/150 روپيہ مهيني جي پگهار هئي. اچڻ وڃڻ ۽ کائڻ کپائڻ مان جيڪي بچندو هو انهن پئسن مان ايندي ويندي حيدرآباد مان ڪجهہ گهر لاءِ ۽ ڪجهہ پنهنجي لاءِ هلڪي سلڪي خريداري ڪبي هئي.

*

سنڌ ۾ ان وقت هيٺيان ضلعا هوندا هئا، "ڪراچي، ٺٽو، حيدرآباد، ٿرپارڪر، سانگهڙ، نوابشاهہ، خيرپور، سکر، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ دادو."

دادو ٻين ضلعن کان ايراضيءَ جي لحاظ کان وڏو ضلعو هو. ٿرپارڪر جو هيڊڪوارٽر ميرپور خاص هو.

وئڪيشن کانپوءِ مسٽر الاهي بخش تنيو جيڪو خيرپور ضلعي جو هو ٻئي اسڪول مان بدلي ٿي آيو هو گهٽ ڳالهائڻ وارو، قداور ۽ صحتمند هو. رئيس علي، جمعو شيدي (ملازم) ۽ غلام علي پاٽي پرڻ وارو هڪ ٻيا مستقل اوطاق تي گڏ هوندا هئا. مسافرن لاءِ ماني ۽ هنڌ ڪٽ ملندا هئا. رئيس عبدالڪريم خان ڪڏهن حيدرآباد تہ ڪڏهن ٽنڊي محمّد خان رهندو هو. ڳوٺ ۾ هوندو هو تہ سانجهيءَ ڌاري موالي اچي ساٿس گڏ ٿيندا هئا. ڀنگ ۽ چرس جا سوٽا جو شروع ٿيا تہ رات جو 11-12 وڳي تائين اها محفل متل رهندي هئي. اسان ڪٿهن ان محفل ۾ ويهندا هئاسين تہ ڪڏهن سوير ماني کائي مطالعو ڪبو هو. يا پاڻ ۾ ڪچهري ڪندا هئاسين.

رئيس جنهن کي سڀ رئيس پوڙهو خان سڏيندا هئا. پڙهيل لکيل هو. عمر جي حساب سان 40 کان مٿي هو . پيٽي صاحب جو شيدائي هو. منهنجي طبيعت ۽ لاڙي کي ڏسي 'جمعي' ملازم کي چيائين، 'ماستر، ڪتابن جو شوقين ٿو لڳي. منهنجا ڪتاب ماستر کي آڻي ڏي تہ پلي مطالعو ڪري.' انهن ڪتابن ۾ آخري چٽان، اور تلوار ٽوٽ گئي وغيره نسيم حجازي جا ناول مون اتي پڙهيا. منهنجي پڙهڻ جي رفتار ڏسي، رئيس چوندو هو، 'ٻيا بہ جيڪي ڪتاب وٺنئي گهراءِ وٺ. پئسا آئون ڏيندس.' ڪتاب مان پڙهان ۽ پئسا رئيس ڏي، اهو مونکي مناسب نہ لڳو.

رئيس کي جيپ هوندي هئي، روزانو شيو ڪرائڻ لاءِ جهڏي ويندو هو. هڪ ڏينهن هڙتال هئي شهر بند هو . پنهنجي ملازم جمعي کي مونڏانهن اماٽيائين. جمعو آيو. ۽ چيائين، 'رئيس کي شيو ڪرڻي آهي. اوهان پنهنجي شيوَ جو سامان ڏيو.' مون ڪبٽ کولي هن کي پنهنجي 'شيوَ ڪِٽ' ڏني. رات جو رئيس سان اوطاق تي ملاقات ٿي. چَيائين، 'ماستر، تنهنجي شيوَ ڪٽ ڏاڍي ماڊرن ۽ بهترين آهي. تون لٽا ڪپڙا بہ سٺا ٿو پائَين. پر مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ تو جهڙو شوقين جيئڙو =/150 روپين جي نوڪريءَ لاءِ لاڙڪاڻي مان هتي اچي پهتو آهي؟'

مون کيس کلي ڏاڍي اعتماد سان چيو، "رئيس، منهنجو گهراڻو مڇي ماني لائق ۽ شريف خاندان آهي. مونکان منهنجا مائٽ پگهار ڪونہ وٺندا آهن. پر اُلٽو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏوڪڙ ڏيندا بہ آهن. رهي ڳالهہ نوڪري جي تہ بيڪار کان وانگار ڀلي، سو پڙهان بہ پيو ۽ پاڻ کي مصروف بہ رکيو اچان. ۽ ٻيو تہ هتي اوهان جيڪو سُک ۽ پنهنجائپ ڏني آهي انهيءَ اتر سنڌ ۽ لاڙ سنڌ جي فرق کي مٽائي ڇڏيو آهي. مونکي مهڙ ۾ اترسنڌ ۽ لوئرسنڌ ٻڌي ڏک ضرور ٿيو هو. پر عملي طور اوهان جو سُڀاءُ ڏسي آئون خوش آهيان. ۽ توهان جون مهربانيون مڃان ٿو. ٻيو تہ سڄي سنڌ اسانجي آهي. ڌاڙيل جي يلغار کي روڪڻو آهي. ڌارين کان گهر ڇڏائڻا پوندا. ۽ ڪم هڪٻئي سان مِلي جُلي ئي ڪري سگهون ٿا."

رئيس ڏاڍو مهذب، سنجيده مزاج ۽ مهمان نواز هو. منهنجو نقطہ نظر کيس آئڙيو. ۽ هن جو مون تي ويساهہ ويهجي ويو، "هي ولايتي شراب جون بوتلون آهن هتي ڪڏهن ڪڏهن اسان جا شوقين مهمان ايندا رهندا آهن. انهن بوتلن کي پاڻ وٽ سنڀالي رکو. ۽ جيڪڏهن شوقڙو هجي تہ استعمال بہ ڪندا ڪيو." اهو ٻڌي مونکي رئيس جي شرافت جو احساس ٿيو. ۽ هن جي خوش مزاجي ۽ مهمان نوازي مونکي نئون آٿت بخشيو.

آخر ۾ اهو چيائين، "ماستر، شراب ڏاڍي خراب شيءِ آهي. نہ پئين تہ ڏاڍو سٺو ٿيندو. ڏِس نہ، اسين ان بلا جي وَرَ چڙهي ويا آهيون. جيڪا جند ئي نٿي ڇڏي."

مون اترسنڌ ۽ لاڙ جي وڏيري ۾ زمين آسمان جو فرق ڏٺو. اهڙو رئيس مونکي اترسنڌ ۾ نہ سُجهي جيڪو سائلن کي نِتهڻ اُس ۾ کائڻ پيئڻ جو سامان پنهنجي هٿن سان ڏيندو هجي.

سندس نوڪر جمعو شيدي ٻڌائيندو هو، "رئيس جي ٻنين جي چڱي چوکي اُپت فقيرن ۽ مهمانن لاءِ وقف ٿيل آهي. لڪن جون ڦٽيون ان وقت رئيس جون ٿينديون هيون. ڪٽڪ، ڪمند، مرچ وغيره جدا."

*

خيرپورميرس واري الاهي بخش تونيہ جي اچڻ ۽ اسان سان گڏ رهڻ جي ڪري، جهڏي اچڻ وڃڻ مان وڌيڪ لطف حاصل ٿيو. جهڏي ۾ رابہ علي قاضي بہ پڙهائيندو هو. هو بہ نئون ديرو جو دوست هو. 3-4 دوست گڏ رهندا هئاسين. هڪ بہ دفعو مون وٽ 'ڳاڏ' بہ آيو ۽ رات بہ رهيو. اتر سنڌ جا تمام گهڻا استاد لاڙ ۾ نوڪري ڪري رهيا هئا. مان پرائيويٽ B.A جي بہ تياري ڪندو هوس. ڪاپي ڪلچر جي شروعات ٿي رهي هئي.

پرائمري امتحان پورا ٿيا هئا. شاگردن وٽ ڪورس جا ڪتاب ڪونہ هئا. هيڊماستر کي چيم تہ ڪتاب ڪو نہ آهن. هُن جمعي کي گهرائي ڪتابن لاءِ چيو. جهڏيءَ ۾ ڪتاب ملندا هئا. مان نئون ڪوٽ ويس. ۽ اتان درسي ڪتاب بہ وٺي آيس. جن جا ڏوڪڙ رئيس ڀريا. ۽ نئون ڪوٽ بہ گهمي ڏٺو. نئون ڪوٽ کي ٿر جو دروازو (Gate of the Thar) چوندا آهن. ان سان گڏ نئون ڪوٽ قلعو گهمڻ جو بہ شوق هو.

ٻئي ڏينهن تي جهڏي مان ننڍڙي پٽيءَ تي هلندڙ ريل گاڏيءَ تي چڙهي نئون ڪوٽ پهتس. جهولو پئي لڳو. واري پئي اڏامي. نئون ڪوٽ، شهر نہ پر ڳوٺ لڳو. ڪجهہ ڪتاب مليا ۽ ڪجهہ نہ مليا. ڪرائي تي سائيڪل ڪٽي، سامهون نئون ڪوٽ جو پڪو قلعو ڏسڻ ۾ پئي آيو. اوڏانهن وڃڻ پيو چاهيان. سائيڪلن واري دوڪاندار چيو تہ اوڏانهن وڃي ڇا ڪندا؟ اتي تہ سُڄَ آهي. ٻيو ڪافي تعداد ۾ چڇي چمڙا آهن. مون هُن کي بي پرواهہ ٿي چيو، 'چمڙا مونکي ڇا ڪندا؟' ڪجهہ پر پرو وڃي سوچيم، پرديس ۾ تقدير بڇڙو تہ ڪونہ ٿي ڪرائي؟' نتهڻ اس هئي. هڪ همراه گڏ هيو ان کان قلعي جو حال احوال پڇيو. هُن بہ روڪيو تہ اڪيلا نہ وڃو. قلعي کي حيرتن مان ڏسندو واپس آيس. سائيڪلن واري ڪرايو بہ نہ ورتو. ڪارڊ واپس ڪيائين جيڪو ضمانت طور وٽس رکيو هئم.

سائيڪل واپس ڪري اچي اسٽيشن تي ويٺس جنهن ريل تي چڙهي آيو هيس، اها موٽڻي هئي ان تي چڙهي واپس جهڏي ۽ ڳوٺ اوطاق تي پهتس.

ننڍي پٽيءَ واري ريل گاڏي حيدرآباد کان ميرپورخاص ۽ کوکراپار تائين ويندي هئي. حيدرآباد، ماتلي ۽ بدين تائين بہ ننڍي گيج واري گاڏي هلندي هئي. ان تي بہ بعد ۾ شوقيہ سفر ڪري ڏٺو.

'وقت' کي چڻ پَرَ آهن. ۽ وقت مسلسل اڏامندو رهي ٿو. هتي چاليهن سالن تي ڦهليل يادون آهن جن کي اوهان تائين پهچائي رهيو آهيان. سماج جي هڪ ذميواري يا بوجهہ آهي. جنهن کي لکي پاڻ کي آجو ۽ هلڪو ڪرڻ چاهيان ٿو.

ڊسمبر 1971ع واري ڀارت ۽ پاڪستان جي جنگ شروع ٿي. ٿر کان انڊيا جي بارڊر وارا ڌماڪا، ٽريل رات جي خاموشيءَ ۾ ڊيبوڙو مچائي ڇڏيندا هئا. بليڪ آئوٽ ۾ انڊين جهازن جي بمباري جو خطرو اَوس موجود هو. هر ڪو ماڻهو خبردار هو.

*

ولي محمّد ملاح چوٿين ڪلاس جو شاگرد هو. هڪ ڏينهن هو گن شپ هيليڪاپٽر جي هٽ جيڏي گولي کڻي آيو. گولي ڏسي مان حيرت ۽ سوچ ۾ پئجي ويس. هيڊماستر ۽ رئيس کان موڪلائي سامان کڻي، ڳوٺ لاءِ نڪري پيس. هِت هُت سائرن جا آوز، وڏو خوف ۽ هراس حيدرآباد پهچي ڏٺم تہ ساڳي صورتحال. ڪوٽڙيءَ پهچندي رات ٿي ويئي. اسٽيشن اوندهہ ۾ ٻڏل هئي. ورَ ورَ سائرن جو آواز هانوَ ڏڪائي رهيو هو. ڏاڍي انتظار ۽ اوسيئڙي کانپوءِ ڪراچيءَ کان ٽرين آئي. ٽڪيٽ هئي پر روشني نہ هئڻ ڪري جاءِ نہ ملي. آخر هڪ سپاهيءَ کي ايلاز ڪيم. پر ڪجهہ ڪو نہ وريو.

پنج روپيا ٻئي سپاهيءَ کي ڏنم. هن وٺي مونکي زناني گاڏي ۾ چاڙهيو. جتي رڳو هيٺ ويهڻ جي جاءِ هئي. چوڌاري زائفون، ٻار ۽ انهن جا مرد هئا. هڪ ٻن زائفن تيز ۽ تند لفظ ڪييا، 'ماڻهن کي لڄ ئي نٿي اچي. زناني گاڏي ۾ چڙهيو پون. مائي عجب آهي.' هڪ ٻن ماين اهڙا پڙڪاٽ ڪييا جو منهنجو هينئون ئي لُڏي ويو.

ريل هلڻ شروع ڪيو. هڪ ٻن ڪراڙين وچ ۾ پئي چيو، 'مائي ڇڏيو ويچاري کي. گاڏي هلڻ ۾ چڙهي پيو هوندو. اسان کي ڪائي تہ ڪونہ ٿو. ويچارو ٻيٺو آ ڪنڊ وٽي ڇڏيوس.'

آهستي آهستي ريل اسپيڊ ورتي پر منهنجي اندر ۾ اچل هئي. موت جو خوف ختم ٿي ويو پر عزت جو احساس ٿي رهيو هو تہ مان زائفن جي هٿان خوار پيو ٿيان. لاڙڪاڻي تائين وقت ڪيئن ڪٽبو؟

چيو ويندو آهي، 'زائفاٽي مار خبر نہ چار!' آهستي آهستي ماحول ٿڌو ٿيندو ويو. ڇڳو جو اوندھ هئي. ڪو ڪنهن جا تاثرات ڏسي ڪونہ سگهيو. ضرورت وقت ڪجھ نہ ڪجھ پيٽ ۾ وجهي، اڌ ننڊ ۽ اڌ سجاڳي ۾ اچي لاڙڪاڻي پهتاسين. دادو ڪانپوءِ رش گهٽي. نئون ديري اسٽيشن تي لهي گهر اچي پاءُ سان ملي آرم ڪري، شام جو ڳوٺ مسوديري پهتس. سيني چيو، 'ڇڳو ٿيو جو هليو آئين. رزق، رزاق جي هٿ ۾ آهي.'

❊

ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ سائين محمّد عثمان جو خط پهتو تہ ڳوٺ جي ڀر واري پوليس سينٽر تي انٽري ڪرائي ڇڏ. مان آفيس وارن کي ٻڌائي ڇڏيو آهي. اسان ٽنڊي باڳي ۾ پوليس وٽ ٽريننگ ڪريون ٿا. مان رتوديري وڃي پنهنجو نالو داخل ڪرايو. اسڪول ۾ روزانو حاضري تہ ٿيندي هئي ۽ P.T بہ ڪندا هئاسين 'بنگلاديش' آزاد ٿيو. جنگ بند ٿي ۽ اسڪول کليا. P.T ٽريننگ وارو ليٽر وٺي، اچي هيڊماستر کي ڏنو ۽ ائين وري نوڪريءَ جي شروعات ٿي. رتوديري ۾ پوليس جيڪا ٽريننگ ڪرائي، مان هميشہ ان کي اڌ ڪلاڪ روزانو جاري رکندو آيس. ان مان فائدو اهو ٿيو تہ مان گهٽ بيمار رهندو هيس ۽ وري جسم جو وزن وڌندو بہ بہ هو. اها فٽ نيس 40-45 سالن جي عمر تائين برقرار رهي. بعد ۾ ان کي ڇڏي ڏنو ۽ جسم ٿلهو ٿيڻ شروع ٿيو. اسڪول پهتس تہ هينيان احوال مليا:

1: جنگ دوران ٿر جي هندو استادن کي لاڙ ۽ ٻئراج واري اسڪولن ڏانهن بدلي ڪيو ويو. لاڙ ۾ ڪم ڪندڙ، اتر وارن استادن کي ٿر اماڻيو ويو.

2: ڪن استادن کي P.T ٽريننگ ڪرائي وئي تہ جيڪڏهن جنگ وڌيڪ ڏينهن هلي تہ رضا ڪارن طور انهن کان ڪم وٺي سگهجي.

3: رات ۽ ڏينهن جو استادن کان پلين ۽ اهم مرڪزن تي چوڪي ڏياري وئي تہ جيئن اُتي انديا جا ڇاپامار فوجي نہ لهن. جي لهن تہ اهڙي خبر پرواري ٿاڻي تائين پهچائي وڃي.

4: اسد الله ڪلهوڙو ۽ منظور علي جوڻيجو ان اٿل پٿل مان ٽنڊو محمّد خان کان 'ڳاڏ' بدلي ٿي آيا. جيڪي ٻئي وارھ تعلقي (ان وقت) لاڙڪاڻي جا هئا.

❊

هي منهنجي خوشين ۽ ڏکن جو داستان نہ آهي. مان سنڌ جي تباھ ٿيل معاشري جو ڪيڏارو ٿو لکان. ڪهن کي وٽي ٿو يا نٿو وٽي. منهنجي ان سان عرض نہ آهي. جيڪڏهن ڪنهن سنڌ سان عقيدت رکڻ واري لاءِ ٻہ لفظ يا ٻہ جملا ڪم جا لکجي ويا تہ اهوئي منهنجو اُجورو آهي. ماڻهن جي ساراھ ڪيتري ڪجي، الله ﷻ کي ٻاڏائڻ، سنڌ جي سونهن ۽ سک لاءِ سوچڻ کان وڌيڪ ٻي کهڙي عبادت آهي. اسان سنڌين ڇا وڃايو آهي، هيءَ ڪٿا، ان لاءِ ثبوت طور لکان ٿو.

سڄي سنڌ ۾ 1970ع تائين تعليم کاتي جي ڪا بهتر صورتحال نہ هئي. نہ رڳو اسڪول پري پري هئا. پر استاد بہ ٿورا هئا. بجيٽ بہ ٿوري هئي. استاد ميرٽ تي ڀرتي ٿيندا هئا. BSC ڪندڙن جي رزلٽ بہ نہ ايندي هئي تہ انهن کي سائنس ٽيچر (اسڪيل 14) طور ڀرتي ڪيو ويندو هو. ڪين پڳهار سان B.T جي ٽريننگ ڪرائي (اسڪيل15) ڏنو ويندو هو. اهڙي طرح انٽر پاس کي جونيئر ٽيچر (اسڪيل 9) ۾ ڀرتي ڪندا هئا. انهن کي ٽريننگ ڪرائي 12 هين اسڪيل ۾ ڪنفرم ڪندا هئا. جڏهن انهن کي ٽريننگ تي موڪليندا هئا تہ انهن جي خالي جاين تي عارضي استاد رکيا ويندا هئا. ۽ جڏهن ٽريننڊ استاد واپس ٿيندا هئا تہ انهن جي جاءِ تي رکيل استادن کي گهر موڪليو ويندو هو. اهڙي عمل کي استادن جي ردبيڪشن چيو ويو.

❊

جنرل يحيٰ خان جي دؤر ۾، ڪئپٽن عثمان علي عيساڻي، سيڪريٽري تعليم مقرر ٿيو. ان وقت گورنمينٽ جو ڪاروهنوار سيڪريٽري هلائيندا هئا. پاليسي ميڪرس بہ اهي ئي هئا.

عيساڻي صاحب جي دور 1970ع ۾ پاليسي جوڙي تہ مئٽرڪ فرسٽ ۽ سيڪنڊ ڪلاس پاس ڪندڙ کي S.V سال ٽريننگ ڪرايو- ٿرڊ ڪلاس وارن کي P.T.C بہ سال ڪرايو. سڄي سنڌ ۾ هزارين نوجوانن ان مان فائدو ورتو. لاڙ ۽ جيڪب آباد تعليم ۾ پٺتي هئا. اتي اسان وڃي اسڪول آباد ڪيا. ۽ تعليم کي عام ڪرڻ ۾ محنت ڪئي. ننڍو، بدين ۽ ٿر تائين، اتر سنڌ جي هزارين استادن تعليم ڏني. جيڪا مارشل لا جي دؤر ۾ ڳولي بہ نہ ٿي لڀي. اسان چار ڄڻا اتر سنڌ جا ٿي پياسي ڇهڇٽا وڃي ويا. اسد الله ۽ منظور علي ٻئي شادي شده هئا. جنهن ڪري هنن کي گهر وڃڻ جي رعايت گهٽي ڏيندا هئاسين باقي اسان جهڙا اسڪول 'ڳاڏ' ۾ تهڙا 'گهر' ۾.

آهستي آهستي الاهي بخش ڳالهائڻ شروع ڪيو. چرچن ۽ ڀوڳن ۾ ڏاڍو تيز هو. اسد الله سان گهٽي لڳندي هئس. منظور عليءَ جي نيچر اسان کان مختلف هئي. هو رئيس وارن جو 'پيريائي' يعني لنواري واري بزرگ جو مريد هو.

❊

اسڪول جي ڀرسان رئيسن جو 8-10 ايڪڙن تي انبن جو باغ هو. شام جو ان جو سير ائين ڪندا هئاسي ڄڻ ان جا مالڪ اسين پاڻ هجون. باغائي وغيره ڪجھ ڪو نہ چوندا هئا. مان داغيل انبڙيون، منيون هجڻ ڪري ڪائيندو هئس. باقي ڪٽيون انبڙيون نہ ڪائي سگهندو هوس، چاڪاڻ تہ ڏند ڪٽا ٿي پوندا هئا. آهستي آهستي اهي انبڙيون، پڪيون، جن کي 'ٽپڪي جا انب' چوندا آهيون. اسد الله، پٽر هٽي ٽپڪي جو انب ڪيرائيندو هو. ڪمند، ڪٽڪ، مرچ، ۽ ٻيو سڀ ڪجھ ٿيندو هو. صرف ساريون نہ ٿينديون هيون. ڀليون زميون هيون. حيدرآباد کان ميرپورخاص روڊ جي ٻنهي پاسن کان وڻن جي قطارن ۾ ڪيلي ۽ انبن جا باغ جهجهي انداز ۾ هوندا هئا. ميرپورخاص کان ڊگڙي، ٽندو جان محمّد ۽ جهڏو تائين پنجن ڪلاڪن جو سفر هو. ٻئي طرف حيدرآباد، ٽنڊو جان محمّد، ماتلي ۽ ٽنڊو غلام علي ۽ ڊگڙي وارو رستو هو، جيڪو ڏاڍو خراب هو. ٽائيم بہ اوترو ئي لڳي ويندو هو. مونکي سفر ڪندي لطف ايندو هو. اصل ٿڪبو ئي نہ هئس. ڄڻ سنڌ منهنجي جنت آهي. ۽ مان ان جو روح آهيان. ڇاڪاڻ ڏينهن هئا. نہ غم نہ فڪر، نہ عاشقي نہ معشوقي صرف ٿهڪ ئي ٿهڪ، سڪون ئي سڪون. جواني تہ هئي ڄڻ هڪ 'بهار' هئي. جنهن کي 'سَرءُ' اچڻي ئي نہ هئي. باقي اڪ ڇنب ۾ وَهي وئي ۽ پاڻ هاٽي ڪوڪلا ٿي ويا آهيون. گوريون، ٽڪيون ۽ ٻيون دوائون آهن. صبوح ۽ شام، رات ۽ ڏينهن هڪ سلسلو آهي. واندڪائي آهي. تڏهن تہ هي جملا لکڻ جهڙو ٿيو آهيان.

❊

هڪ رات ڪچهريءَ جو ڳالهين ڳالهين ۾ رئيس چيو، 'برساتون اچن تہ ٿر هلنداسون. هرڻ جو شڪار وغيره ڪبو.'

مان ٿر بابت هتان هُتان معلومات وٺڻ شروع ڪئي. مونکي ٿر لاءِ اتساھ وڌندو رهيو. مون لاءِ ٿر، پاڪ پوتر، پراسرار ۽ اهڙو سادو سودو لڳو جهڙو منهنجو مَن. سوچون ۽ ڪنوارو روح. زندگي صاف سٿري گذري رهي هئي. گناھ ۽ ثواب جي، ظالم ۽ مظلوم جي، حق ۽ ناحق جي ڪا خبر ڪونہ هئي.

❊

"استاد، سمن سرڪار جي ميلي تي هلو ٿا؟" هڪ ڏينهن اوچتو رئيس جي نوڪر 'جمعي' ٽڪاءُ ڪيو.

"يار، جمعا چونہ."

"رئيس، خاص طرح اوهان لاءِ چيو آهي. تہ ماستر کي ميلو گهمائجي. آهي شوقينڙو. ڀلي هلي موج ڪري." جمعي ڄڻ ڏڍ ڏيندي چيو.

صبوح جو جيپ تي سمن سرڪار لاءِ نڪتاسين 'جهڏي' کان 'پنگريو' جي سڙڪ هئي. پنگريو کان ٽنڊوباڳو واري رستي تي چانھ پيتي سون. ان وقت رواج هو تہ چانھ جي ڪوپ ۾ ٿورو چانھ جو چورو مٿان ٻُرڪي ڇڏجي. جيڪو ترندي نظر ايندو هو. سچ تہ چانھ جو سٺو ذائقو محسوس ٿيندو هو.

سمن سرڪار جي ايوان ۾ پهتاسين تہ 'جهنگ ۾ رنگ' نظر آيو. اڇو قبو، بازارون، رهائشي چنا يا پڪڙا مَنَهن يا لانڊ- اهو سڀ ڏسي فرحت محسوس ٿي.

هر وڏيري ۽ رئيس جو پنهنجو چنو هو. جيئن اسان وٽ چڪان ناهبيون آهن. اهڙن چڪن ۾ جيڪي ڪانن سان ٻَدل نہ پر فولڊنگ آهن. ڪمرا، ويراندا ۽ پناھ لاءِ چڪان ڏنل. ٻاهران بورچيخانو. ملازم، سامان ۽ بورچي. مان زندگي ۾ ڪڏهن اهڙو ڇهڇٽو ڪونہ ڏٺو.

بابا مرحوم جي چوڻ تي رئيس کي زريءَ جو ٽوپ سوکڙي طور ڏنو هو.

رئيس کان ماڻهو پڇندا هئا، "رئيس هي سوکڙي ڪٿان آئي؟"

"ابا، اُتر جي دوست ڏني آهي."

(هلندڙ)

جي مارن مون ڏي موڪليا



حيسب ڪانهيو، ميرپورخاص.

سوجهرو ۾ هر پيري سڀ کان پهرين ايڊيٽوريل، خط ۽ ان کان پوءِ ڪهاڻيون ۽ ٻيو مواد پڙهندو آهيان. ان جو سبب اهو آهي ته ايڊيٽوريل ڏاڍو جاندار خط ڏاڍا غيرجانبدار هوندا آهن. هر پيري جو ايڊيٽوريل ته اهڙو ڳوڙهو لکيل هوندو آهي جو ورائي ورائي پڙهڻ کان پوءِ ئي سمجهي سگهندو آهيان پر هن پيري جي ايڊيٽوريل ۾ جيڪي ڳالهيون آهن، سي اڳ ئي منهنجي هيئنين ۾ پئي هريون. سوجهرو جي شروع ۾ فهيم سولنگي جو ايڊيٽوريل ۽ آخر ۾ پرويز جو خط پڙهيم ته ڪجھ ڳالهائڻ چاهيم. ڳالھ هي آهي ته، اجتماعي نفسيات ڏاڍي طاقتور ٿيندي آهي. ڪنهن به سماج جي اجتماعي نفسيات، ان سماج جي هر مڪتبہ فڪر جي ماڻهن تي اثر انداز ضرور ٿيندي آهي، هجڻ ته ائين گهرجي ته ادب کان آشنا ماڻهو دنيا کي ائين ڏسي جيئن ٿري تي بلور. پروري به جيئن ته اسان جي سماج جي شعوري اوسر اجا گهٽو پُنتي آهي سو انڪري اسان جي اديبن تي به سماج جي اجتماعي نفسيات حاوي آهي. جتي اسان جي عام ماڻهو ٿوري گهٽي ڳالھ تي ڏندا بانٺا ڪٽي اپو تي ٿو پوي، اتي اسان جي اديبن ۾ به سهپ ڳولهيي نٿي لڀي. اوهان ڏسو، جتي اسان جي سماج جو قاضي ڪمدار وڏيري ۽ پوتار کي 'سائين سائين' ٿو ڪري، اتي ادب جي دنيا ۾ به 'جي حضوري' عام آهي. جتي اسان جا سياستدان ٻر ڳوبين جي گلا ۾ پورا آهن، تيئن اسان جو اديب به پنهنجي ڳچي ۾ نٿو نهاري. چوڻ جو مطلب ته ادب جي دنيا ۾ پنهنجو گند لڪائڻ جي لاءِ ٻين تي آگر کڻڻ ۽ ٺلهي واهه واهه جي لاءِ ڪوڙي تعريف اصل ۾ هن سماج جي اجتماعي نفسيات جي اثر جو ئي نتيجو آهي. حالت اها آهي جو هاڻي ڪو غيرجانبدار ٿي پنهنجي راءِ ڏيڻ کان به گهٻرائي لهرائي ٿو. سوجهرو ۾ سينيئر ڪهاڻيڪار پرويز صاحب جو خط پڙهي اهو ئي محسوس ڪيم ته پرويز ڏاڍي ٻپ منجهان گهٻرائي گهٻرائي پنهنجي غير جانبدار راءِ جو اظهار ڪيو آهي. آئون هن خط وسيلي اهو واضح چوڻ ٿو چاهيان ته، ڏسو، اڄڪلهه جتي هر پاسي ڪوڙي تعريف ۽ ٺلهي چمچاگيري عروج تي هلي رهي آهي اتي منهنجي خيال ۾ سوجهرو اهڙو رسالو ضرور آهي جيڪو صاف ۽ سڌي راءِ لاءِ مڪمل آزادي ڏئي ٿو. سو انڪري اهو پرويز صاحب سميت سيني ساٿين کي اهو چوندس ته اهي پنهنجي غيرجانبدار راءِ ڏيڻ ۾ هرگز به نه گهٻرائن. مان ته ائين ئي سمجهان ٿو ته ڄاڻ، اڄاڻ جي امانت آهي سو انڪري غيرجانبدار راءِ هڪڙي امانت آهي سو ان ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو خوف ڪائي خيانت نه ڪرڻ گهرجي. هن پيري جي ڪهاڻين مان ڏٻڻ، ساڌ، ماءُ ۽ ٽيون نسل پڙهيون اٿم. ج ع منگهاڻي جون ڪهاڻيون پڙهندي ائين لڳندو اٿم، ڄڻ اهي حقيقي واقعا هجن. انور شيخ جون ڪهاڻيون مون کي پسند اينديون آهن، ان جو خاص سبب هيُ آهي جو سندس ڪهاڻي نه گهٽي ڊگهي هوندي آهي ۽ نه ئي لبيل. ٽئين جي ڏڪار تي لکيل ڪهاڻي 'ماءُ' ڇرڪائيندڙ آهي. هي ڪهاڻي ماءُ جي جذبات جي عڪاس آهي. هن پرچي ۾ منظور ڪوهيار جي ڪهاڻي تمام بهترين ۽ دلچسپ آهي. هن پيري نه سمجھ ۾ ايندڙ ڪهاڻي 'ٽيون نسل' آهي، جنهن ۾ علي صفدر اڪيون پوري الاءِ ته ڪهڙا ڪهڙا نه پيچ ڳنڍي ڇڏيا آهن.

غلام مصطفيٰ سولنگي، ڪراچي.

تازو سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌ جي نامياري شاعره زيب نظاماڻي جو ٻاراڻن ٻولن تي مشتمل ڪتاب، 'هلو هلون اسڪول' ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي جنهن کي سنجيده ادبي طبقي تمام گهڻو ساراهيو آهي، پر اوهان جي پرچي ۾ ڪامريڊ ڪريم بلوچ جو تبصرو پڙهي عجب لڳو.

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب ڇپائڻ کان پهرين پبليڪيشن ڪاميٽي ۾ منظوريءَ لاءِ رکندو آهي. جنهن کانپوءِ ڪنهن ناميارى اديب ۽ لاڳاپيل موضوع جي ماهر ڏانهن ماهراڻي راءِ لاءِ اماڻيو ويندو آهي. تنهن کانپوءِ اهو ڪتاب ڇپائي لاءِ ڏنو ويندو آهي، ته ڇا انهيءَ ماهر جي نظر مان به ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جا اهي نظم نه گذريا هوندا. جو هو زيب نظاماڻي ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار جي شاعريءَ ۾ هڪجهڙائي محسوس ڪري ان ۾ ڪا ترميم ڪرائي ها؟ جيڪا شيءَ هڪ غير معروف نقاد ڪامريڊ ڪريم بلوچ محسوس ڪري ٿو اها ماهرن ۽ سنڌي ٻاراڻي ادب تي گهري نظر رکندڙ محققن کي به نظر نه آئي؟ مون به سنڌ ۽ هند جي ٻاراڻن شاعرن جي شاعريءَ تي ريسرچ ڪئي آهي. جيڪو ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻيءَ شاعري جي اينٿالوجي' جي عنوان سان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان ڇپايو ويو آهي. ان ۾ شامل شاعرن جي معلومات لاءِ مون کي ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي ٻاراڻي شاعريءَ جي ڪتابن سميت سمورن ٻارن لاءِ شاعري ڪندڙ شاعرن جا ڪتاب پڙهڻا پيا ۽ مونکي سڀ ڪتاب پڙهندي ائين محسوس ٿيو. ڄڻ هڪ ئي ڪتاب پيو پڙهان! ڇو ته اڪثر ڪتابن ۾ ٻارن جي شاعريءَ جو موضوع ساڳيو هيو. رڳو شاعرن جو ڊڪشن پنهنجو پنهنجو هيو. پوءِ ائين ته نٿو چئي سگهجي ته انهن شاعرن به هڪٻئي جا ڪتاب پڙهي جملا اڳتي پوئتي ڪري نظم لکيا آهن. پاڻ جنهن معاشري يا سماج ۾ رهون ٿا انهيءَ جا موضوع ساڳيا آهن. مثال طور ڪامريڊ ڪريم بلوچ جن نظمن جي نشاندهي ڪئي آهي انهن ۾:

منهنجا مٺڙا مولا سائين،
شال تون منهنجي سمجھ وڌائين.
(ڊاڪٽر ذوالفقار سيال)

پيارا مٺڙا سپاجها سائين،
جوڙيا جوڙ الله سائين.
(زيب نظاماڻي)

جيڪڏهن زيب مٿين نظم جو نقل ڪيو آهي ته پوءِ درسي ڪتاب ۾ لکيل نظم، 'جوڙيا سائين سڀ جنسار' به انهيءَ موضوع تي لکيل آهي ته پوءِ لڳي ٿو ته ڊاڪٽر ذوالفقار سيال وري ان نظم کي ڏسي ٿوري ڦير گهير ڪري اهو نظم لکيو هوندو؟

اچو اوهان کي سنڌ گهمايان،
ڌرتيءَ جي مان سونهن ڏيکاريان.
(ڊاڪٽر ذوالفقار سيال)

--

نگر نگر جو سير ڪرايان،
دوست اوهان کي شهر گهمايان.
(زيب نظاماڻي)

هاڻي اهڙن موضوعن تي ڪيترن ئي ٻارن جي شاعرن نظم لکيا آهن، پوءِ ڇا انهن به اهي نظمن کي پڙهي لکيا آهن. ظاهر آهي جيڪي شاعر سنڌ ۾ رهن ٿا اهي سنڌ جي سير ۾ انهن ئي شين جو ذڪر ڪندا اهي شاعر ڪو يورپ يا لنڊن جي شهرن جو ذڪر ته نه ڪندا. يا هي نظم ڏسيو ويو آهي.

هڪڙي هئي ماڪوڙي،
ٻيو هو ماڪوڙو.
(ڊاڪٽر ذوالفقار سيال)

--

ننڍڙا ننڍڙا جيت ڏسو،
عجب انهن جي ريت ڏسو.
(زيب نظاماڻي)

هنن ٻنهي شعرن ۾ رات ڏينهن جو فرق آهي. پر ان کي به لفظن جي ڦير گهير چئي اجائي تنقيد ڪئي وئي آهي. تنقيدنگر جو ڪو به ادبي قدڪاٺ ڪونهي. پر جي مٿيان شعر هڪ عام ماڻهوءَ کي به ڏيکاريا ويندا ته اهو به پڙهي اهو چوندو ته ٻنهي شعرن ۾ وڏو فرق آهي. پر خبر ناهي نقاد کي الائي ڇو اهي هڪجهڙا لڳا ۽ هن ايڏو وڏي دلچسپي وٺي اهڙو تبصرو ڪيو آهي؟ انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهو تبصرو هڪ ذاتي بنيادن تي رنجشن کي سامهون رکي ڪيو ويو آهي. ۽ هميشه جيان هڪ عورت شاعره جي حوصلاشڪني ڪرڻ لاءِ اهو محاذ کڙو ڪيو ويو آهي.

ڇا ڪاڻ ته ناميارى محقق ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ پنهنجي مهاڳ ۾ اها به راءِ ڏني آهي ته زيب نظاماڻي جو هيءُ ڪتاب هر وجه سان تعليمي اسڪيم ۾، 'اضافي مطالعي' واري ڪتاب طور شامل ڪري سگهجي ٿو.

اسان جي معاشري ۾ هڪ عورت جيڪا پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪري ٿي يا پنهنجي اندر جي ليڪڪ کي ظاهر ڪري ٿي ته ان سان اهڙو ورتاءُ ڪيو وڃي ٿو.

سنڌي ادب ۾ سالن کان جاکوڙيندڙ عورت شاعره جي 10 ڪتابن مان هڪ ڪتاب ڇا شايع ٿيو آهن اسان جي سماج کان اهو به برداشت نٿو ٿئي ۽ هو فرضي نالن سان ان جي ساک خراب ڪن ٿا.

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ لکي ٿو ته زيب نظاماڻي جي هن بهترين تخليق تي هڪ الڳ ورڪشاپ سڏائي ان جي فني فڪري خوبين ۽ نواڻ تي ڳالهائي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر جي ان راءِ جي روشني ۾ ڪامريڊ ڪريم بلوچ (جي ان جو وجود آهي ته ان سميت) 'هلو هلون اسڪول' ڪتاب جي ليکڪا زيب نظاماڻي تي شاعري ڇوراڻ جون تهمتون هڻندڙن کي دعوت ٿو ڏيان ته اسان ورڪشاپ سڏايون ٿا ۽ هو اچي ڳالهائن اسان ڪين اهڙا ڪيترائي مثال هڪجهڙائي شاعريءَ جا پيش ڪري سگهون ٿا.
Gmsolangi62@yahoo.com

منور علي ڪيهر، لاڙڪاڻو.



سوجهرو 181، اپريل 2014 پڙهي پورو ڪيو. عرض اهو آهي اوهان جي خدمت ۾ ته منهنجي ٽپال کي شايد ٽيئر تپ وٺي ويو آهي. جو به خط فيبروري ۽ مارچ 2014 جا اوهان تائين نا هن پهتا. اوهان جا وَٽَ پلي ڪٽي ڪو ٿا نه به هجن پر منهنجي ڦودني ۾ ضرور ڦير آهي.

ايڊيٽوريل 'ادب، سماج ۽ تنقيد' ته وڻيو. ڏاڍو زبردست. ادبي ايڊيٽوريل هو. تنقيد ادب جو لازمي حصو آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌي ادبي سنگت جي تنقيدي گڏجاڻين پالش ڪري بهترين تخليقار اسان جي سنڌي ساهت کي مهيا ڪيا آهن. سنڌ ۾ هن وقت سٺن نقادن جي ڪوٽ آهي. ادب جي حوالي سان محترم رسول بخش پليجو بهترين تنقيدنگار آهي. پر پليجو صاحب به ڪافي املھ ڪتاب سنڌي ادب کي ڏئي سنڌي ادب خاص ڪري انقلابي ادب کي سگهارو ڪيو آهي. پر تنقيد جي موضوع تي ڪا اهڙو جامع ڪتاب نه ڏئي سگهيو آهي. اسان پليجو صاحب کي عرض ٿا ڪريون ته تنقيد تي ڪو جامع ڪتاب لکي ته اهو سندس سنڌي ادب تي احسان ٿيندو.

اها حقيقت آهي ته هت جاگيردارٽي اثرات موجود آهن. ليتري قدر جو جنهن وٽ ڪنهن به نموني سان ناڻو اچي ٿو وڃي ته ان جي سوچ

وڏيرڪي ٿي وڃي ٿي. پر هت ته اڃان سرمائيداري نه آئي آهي. پر جيڪا انڌي منڊي سرمائيداري آهي ته اهو سرمائيدار به سرمائيدار نه بلڪ هڪ جاگيردار واري سوچ رکي ٿو. ڪامورو جيڪو رشوت مان پئسو ٺاهي ٿو، ان جا خيال به ڪنهن وڏيري ڪان گهٽ ناهن. جاگيرداراڻي معاشري جي ڪري Domination به جاگيرداراڻو آهي. پر ان اثر ڪان بچڻ لاءِ اسان کي ته بچڻ گهرجي.

سوجهرو تنقيد جي ميدان ۾ سنئو ڪم ڪيو آهي. وقت بوقت تنقيدي مواد پڙهندڙن لاءِ پيش ڪيو آهي. مثلاً، سوجهرو فيبروري 2014 ۾ محترم ج.ع.منگهاڻي جو 'سونهپ ۾ سَپَ گهٽا' جو 'برڪا بوند بهار' شاعريءَ جي گڏيل ڪتاب تي ڪليل مهاڳ جنهن ۾ ڪتاب جي مرتب مرتضيٰ لغاريءَ جي ادبي بدديانتيءَ جو ذڪر ڪيل آهي. ساڳي پرچي جي خطن 'جي مارن مونڊي موڪليا' ۾ وقار حسين منگيءَ جو خط شايع ڪيو آهي. جنهن دوست ڪافي سينئر اديبن تي چوهڇنديا آهن. پر ڪجھ اديبن کي ڇڏي باقي لاڙڪاڻي جي سينئر اديبن کي 'ڪائو ٻلا' سڏيو آهي. اسان آجيان ڪيون ٿا وقار حسين منگيءَ جي تنقيد جي پر تنقيد اصلاحي هئڻ گهرجي.

منهنجي خيال ۾ 'سوجهرو' پاڻ تي تنقيد سهڻ لاءِ تيار نه آهي. سائين مهمان ايڊيٽر فهيم سولنگي صاحب اوهان کي نماڻو عرض آهي ته سوجهرو جي دوستن کي صلاح ڏيو ته هروڀرو ٻروچڪو ڪم نه ڪن. بقول سائڻ منگهاڻي جي.

هاڻي سوجهرو جي باقي لکڻين تي لکڻ لاءِ اوهان جي خدمت عرض آهي، '...'؟

هن دفعي به ڪجھ نڪور شاعري 'سوجهرو' شايع ٿيڻ لاءِ موڪلي رهيو آهيان. اميد ته مايوس نه ڪندا.

سنياليم توکي پڪ لڳي هوندئي هڏڪي
سڄڻ پيم سڏڪي، تون وڃين پيو ويچ ڏي
اثر ناهي آهُن ۾ يا ايڏي ڪا ٻي حسي آ
زندگي ٻسي آ، اڃي ساجن سنوار ان کي
تو ڏنا صدما، مون جهلي جهولي
ٻاڙي اها ٻولي، ڪين ٻولي ڪڏهن
صدمن مٿان صدما، سهڻل ڪان مليا
جهوليءَ ۾ جهليا، ڪا ٻاڦ نه ڪڍي ٻاهر
گهر ڪٿي آئي، هلائي سگهان ها
سهارو نه هجي ها، جي سگهڙ زال جو
ساڳي صورت رکن سنسار ۾ سَتَ ڇٽا
سيرت ڪٽا ڪٽا، آهي عالم عجب جهڙو
ناراضگيءَ ۾ نارَوا نما نماڻي ڪرين
پرچاءُ تنهنجو پرين، هٿ نٿو اچي،
ٻيري جي ٻچيءَ کي ظالمن ڏنو گهٽو
پورن ماري پٽو، پوري ويا ٻڙهيءَ ۾.

(منور صاحب، ڪوريئر ۾ اماڻيل اوهانجو خط ۽ بيت پهتا. خط ۽ بيت جيئن جو تيئن ڇاپي رهيا آهيون. فون تي ڪيل گفتگو، دل ۾ جو ڳو احساس جاڳايو هو. پر خط جو متن ۽ اوهانجا بيت پڙهڻ کانپوءِ (جن ۾ نه شاعري آهي، ۽ نه ئي بيت جي هيئت کي اختيار ڪيو ويو آهي) ڏاڍي مايوسي ٿي. پليجو صاحب جا ڪتاب تنقيد جي پراڻي منظرنامي جا بنيادي ڪتاب آهن. پر ان کانپوءِ به تنقيد جي حوالي سان ڪيترائي ڪتاب آيل آهن. ذوالفقار راشدي، ممتاز مهر، ڊاڪٽر شمس سومرو، اڪبر لغاري، ڊاڪٽر شمس عرساڻي کانسواءِ گذريل سورنهن سالن جي عرصي ۾ خود سوجهرو ۾ سوين علمي، عملي ۽ فڪري تنقيد جي حوالي سان مضمون شايع ٿيل آهن. جن ۾ شيخ اياز صاحب جي فن ۽ ذات بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا، قربان بگٽي ۽ هن خاڪسار جا سوين مضمون آيل آهن. اوهان الائي ڪهڙي ڪائنات ۾ رهو ٿا. خط ۾ اوهان سوجهرو جي باقي پرچن تي لکڻ جو ته چيو آهي. پر، 'عرض آهي ته ...' کانپوءِ اوهين ماٺ ٿي ويا. ماڻهو ڳالهه ڪري ته پوري ڪري. باقي... - ت.ب) ■

افو بابا...

(جنم: 23 سيپٽمبر 2011 - وڇوڙو: 7 مارچ 2014)

مخمور بخاري

ابديت

ڏانهن ويندڙ رستا واري جا ٽهيل هوندا آهن. جيڪي هر قدم کڻڻ کانپوءِ ڍهي پوندا آهن. موت حيات جا گس روڪي ٿي. ازل اٽل آهي. پر ڪي وڇوڙا زندگي لاءِ اذيت ٿي پوندا آهن.

اهڙي اذيت جنهن جي لمحي لمحي ۾ انسان ٽٽندو آهي، پرندو آهي. ۽ وري ڪجھ وقت لاءِ پاڻ کي ميڙيندو آهي. ۽ وري ٽٽي پوندو آهي.

زندگي ۾ ڪي حادثا/واقعا ايترو ته اوچتو ظاهر ٿيندا آهن. ۽ ايتري ته تڪليف پهچائيندا آهن جي چاقو سان ڪل به لاهجي ته شايد اها اذيت به گهٽ محسوس ٿئي. پنهنجن هٿن سان پنهنجي وجود جي حصي کي مٽي جي آغوش ۾ سمهاري اچجي ته اهو جيئري ئي موت کان گهٽ نه آهي. ۽ هڪ ماءُ ۽ پيءُ اهڙي درد جو تصور به نه ڪري سگهندا آهن. پر وقت جي انتها اها آهي بي اختياريءَ جو الميو ماڻهوءَ کي درد جي انگلس تي لڙڪائي ڇڏيندو آهي.

معصوميت جي عمر ٿوري هوندي آهي.
معصوميت جي عمر ڇو ٿوري هوندي آهي؟
درد جي رات ڊگهي هوندي آهي.
درد جي رات ڊگهي ڇو هوندي آهي؟
هر سوال جو جواب نه هوندو آهي.
هر سوال جو جواب ڇونه هوندو آهي؟
موت جي چائنٽ ٽپڻ کانپوءِ ڪير به اُتان واپس نٿو اچي.
موت جي چائنٽ ٽپڻ کانپوءِ اُتان ڇو نٿو ڪير واپس موٽي؟
انسان کي خدا بااختيار به ڪيو آهي.
پر انسان کي خدا ان ڪان وڌيڪ بي اختيار ڇو ڪيو آهي؟

*

افو بابا...

رنگين ڦوڪڻن پويان / ۽ پوپٽن پويان
ڊڪڻ جي عمر هئي اڃان تنهنجي
اڃا تنهنجي معصوميت جي گلابن کي
زماني جي بي رحم هوا / ڇُهيو نه هو
اڃان تون / خدا جي مقرر ڪيل فرشتن سمان هئين
اڃان تون / اڃري باک جهڙي
مستقبل جي نويد هئين
پر اوچتو ئي اوچتو
ڪنهن ٻار جي هٿ مان / ڇڏائجي آسمان ڏانهن
اڏاميل ڦوڪڻي جيان / اڏامي وئين
نه ختم ٿيندڙ
درد جي هڪ ڊگهي مسافت
اسان لاءِ؟
پر تون
آسمان تي ستاري جيان
ڪڙي پئين آهين
ڪيترين راتين ڪان
آئون توکي ان نڪٽ ۾
ڳوليان پيو
۽ سدا جيان مون کان لڪي
پاڻ کي ڳولائي رهي آهين
او منهنجي جان، 'افو بابا'
تنهنجو بابا
تنهنجي اها لڪ چپ جي راند
سهي نه سگهندو
او منهنجي، 'افوبابا' / نه ڪر اِها شرارت
تون موٽي اچ هيڪر
ڏس تنهنجا / سمورا راندڪا
ان رات کان / سمهي نه سگهيا آهن
تنهنجي امان ۽ امي جيان
عليزه ۽ افرا جيان / ڦقو ۽ امي ابا جيان
تنهنجي ڏاڏا ۽ آنٽي مما جيان
سڀ سڏڪي رهيا آهن
تڙپي رهيا آهن
'افو بابا'
ڪاش! تون هيڪر موٽي اچين
ڪاش، تون هيڪر موٽي اچين ها.

*

ٿڪ تنهنجا / هوائن ۾ ٻرندا رهن ٿا
۽ تنهنجو معصوم چهرو
منهنجي اکين جي فريم ۾
ڪنهن تصوير جيان / نقش ٿي پيو آهي
تنهنجي اکين ۾ ٽڪيل سوال جي جواب ۾
آئون تنهنجو / هميشه ڏوهاري رهندس
ها ڪيڏو نه ڪيسُ آ
'مسيحا' توکي ٿڪ موٽائڻ بدران
تنهنجي حياتي کسڻ جو ذريعو بڻيو
آئون تنهنجو بابا / ايترو ته بي اختيار
توکي واپس گهر جي پڌر ۾
راند ڪندي ڏسي نه سگهندس
نه ئي توکي تنهنجي پسند جا
بسڪيٽ ۽ چاڪليٽ / ڪارائي سگهندس
ايترو بي اختيار / جو تنهنجي سوال،
'بابا مون کي جيٽو آهي'
آءٌ موت ۾ / ڪجھ به نٿو ڪري سگهان
سواءِ هر رات
نبد مان ڇرڪ ڀري اٿڻ جي
۽ روئڻ جي! / ڏس، 'افو بابا'
توسان بي انتها پيار ڪندڙ
تنهنجو بابا / ڪيترو نه بي اختيار آهي؟ ■